ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) سومر 17 آگسٽ 2026ع 03 ربيع الاول 1448هه صفحا 16 - ملهه 30 رپيا شمارو (03)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن جاري، فتنه الهندوستان سان لاڳاپيل 17 دهشتگرد مارجي ويا

خضدار جي شور پارود جي جبل واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي فتنه الهندوستان خلاف آپريشن دوران دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي گهيرو ڪيو

فائرنگ جي ڏي وٽ دوران 10 دهشتگرد مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا، دهشتگرد ٽن ٽولين جي صورت ۾ علائقي ۾ موجود هئا، جن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وئي

آپريشن ڪلئيرنس سيڪيورٽي فورسز علائقي ۾ سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن تيز ڪري ڇڏيو ۽ فرار ٿيل دهشتگردن جي ڳولا پڻ شروع، دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جاري رکڻ جو عزم

ضلعي خاران ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشن ۾ فتنه الخوارج جا ست دهشتگرد مارجي ويا، ڪيترائي زخمي، جديد هٿيار، وڏي مقدار ۾ بارود، 2 گاڏيون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ آئي

مارجي ويل دهشتگرد ضلعي جي مختلف علائقن ۾ قرلت، ڀتا خوري، اغوا، ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ خودڪش حملن جي منصوبابندي ۾ ملوث هئا، دهشتگردن جا ٺڪاڻا مڪمل طور تي تباهه ڪيا ويا

پرڏيهي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن خلاف ڪارروايون قومي سلامتي جي تحفظ لاءِ ضروري آهي، قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي: صدر/ گهرو وزير

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن جاري، فتنه الهندوستان سان لاڳاپيل 17 دهشتگرد مارجي ويا آهن ان سلسلي ۾ مليل رپورٽن موجب خضدار جي شور پارود جي جبل واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي فتنه الهندوستان خلاف آپريشن ڪيو. فائرنگ جي ڏي وٽ دوران 10 دهشتگرد مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي خضدار جي شور پارود جي جبل واري علائقي ۾ فتنه الهندوستان جي موجودگي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

آبنائي هرمز ۾ تيل جي زيان سان ماحولياتي نقصان جو ڪاٿو ڪريبين ڊالر ٿي سگهي ٿو: ايران

قيمتي ٻيٽ ويجهو تيل جي هارجڻ جو واقعو خطي سامونڊي ڪناري وارن علائقن ۾ گدلاڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو

نار فارس ۽ عمان سمنڊ جي پاڻين سان ڳنڍيل خطي جي سامونڊي ماحولياتي نظام کي خراب ڪري ڇڏيو آهي

واپاري سامونڊي آپريشنز ۾ ملوث سمورين ڌرين کي قانوني ۽ اخلاقي ذميواري قبول ڪرڻي پوندي

تهران (اي پي پي) ايران چيو آهي ته ابنائي هرمز ۾ تيل جي زيان سان ماحولياتي نقصان جو اندازو ڪريبين ڊالر ٿي سگهي ٿو پرڏيهي ميڊيا موجب ايران جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ قيشم ٻيٽ ويجهو
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

قطر ۾ آمريڪي فوجي اڏي تي حملو ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيل ايران جا 3 پائليٽ عبدالمجيد دشتيان، عمران بروشيان ۽ جواد صالحي

سعودي عرب ۾ مصنوعي ذهانت ۽ اخلاقي گهرجن جي موضوع تي چوٿين ڪانفرنس 14 سيپٽمبر کان شروع ٿيندي

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي ميزباني ۾ مصنوعي ذهانت ۽ اخلاقي گهرجن جي موضوع تي چوٿين ڪانفرنس
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪاموراڻي اصل ۽ مستقل حڪمران آهن، 78 سالن دوران ڪنهن به انهن جو احتساب ناهي ڪيو: خواجا آصف

گذريل 78 سالن دوران بيوروڪريٽن کي وزيرن ۽ صلاحڪارن طور شمار ڪيو وڃي ته انهن جو انگ به تمام گهڻو بڻجي ٿو ۽ بيوروڪريسي جي احتساب جا مثال ڳولڻ مشڪل آهي

بيوروڪريسي اڄ هڪ اهڙو طبقو بڻجي چڪي آهي، جنهن جو ڪو احتساب نٿو ڪري سگهي ۽ ان کي جوابده بڻائڻ وارو ڪو ناهي، ته ان جا اصل ذميوار سياستدان ۽ سندن ڪمزوريون آهن

1970ع واري ڏهاڪي ۾ قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي پاليسي اختيار ڪئي وئي ۽ بيوروڪريسي ملڪ جي سمورن ڪاروباري ادارن جو ڪنٽرول سنڀالي ورتو، ان کان پوءِ اثاثا تباهه ٿي ويا

جيڪڏهن قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي نتيجي ۾ ٿيل نقصان جو ڪاٿو لڳايو وڃي ته اهو سانحو سقوطِ ڍاڪا کان به وڏو ثابت ٿيندو، ان نقصان جو حساب ڪرڻ لاءِ انگ ئي ناهن

موجوده حڪومت نجڪاري جو پروگرام اڳتي وڌائي رهي آهي، نواز شريف پهريون حڪمران هو، جنهن ملڪ ۾ قومي ملڪيت ۾ وٺي تباهي کان بچائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي

شهيد بينظير ڀٽو پڻ ان عمل کي اڳتي وڌايو، پر ان کان پوءِ اهو سلسلو رڪجي ويو، مستقل حڪمران بيوروڪريسي انهن ڪوششن جي راهه ۾ رڪاوٽون وڌيون آهن: بچاءُ وارو وزير

اسلام آباد (م د) دفاع واري وزير خواجا آصف بيوروڪريسي کي پاڪستان جا اصل ۽ مستقل حڪمران قرار ڏيندي چيو آهي ته ملڪ جي 78 سالن جي تاريخ ۾ سياستدانن سميت ٻين حڪمران طبقن جو احتساب ته ٿيو پر بيوروڪريسي کي ڪڏهن به اهڙي نموني جوابده نه بڻايو ويو. هڪ سينيئر بيوروڪريٽ جي مبينا مالي بدعنواني بابت پوسٽ شيئر ڪندي خواجا
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: بچاءُ وارو وفاقي وزير خواجه آصف سيالڪوٽ ۾ ميڊيڪل سٽي پروجيڪٽ جو سنگ بنياد رکي رهيو آهي

نواز ليگ آزاد ڪشمير ۾ حڪومت سازي جو باضابطه مرحلو شروع ڪري ڇڏيو

مري ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ آزاد ڪشمير جي وزيراعظم جي نامزدگي جو فيصلو ڪيو ويو آهي: ذريعا

عورتن لاءِ مخصوص سيٽن لاءِ سحرش قمر، نثار عباسي، مريم ادريس، مسز راجا عابد ۽ ٻين جا انٽرويو ڪيا ويا

اوورسيز مخصوص سيٽ تي ن ليگ برطانيه چيپٽر جو صدر عبدالرحمان آرائين مضبوط اميدوار طور سامهون آيو

اسلام آباد (م د) مسلم ليگ ن جو اهم اجلاس اڳوڻي وزيراعظم ميان محمد نواز شريف جي صدارت ۾ مري گورنر هائوس ۾ ختم ٿي ويو آهي اجلاس کان پوءِ ميان نواز شريف ۽ پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ انساني حقن جون ڀڃڪڙيون ۽ دهشتگردن جي سرپرستي تي عالمي دنيا ۾ ڳڻتي ڇانيل

گڏيل قومن جي مستقل ميمبرن آمريڪا، برطانيا ۽ فرانس سميت 56 ملڪن پاران طالبان حڪومت خلاف گڏيل بيان جاري

افغانستان کي انساني حقن، انساني امداد، معيشت ۽ سلامتي جي حوالي سان سنگين چئلينجز درپيش آهن

طالبان حڪومت پاڙيسري ملڪن سميت سموري خطي جي استحڪام ۽ سلامتي لاءِ خطرا پيدا ڪري رهي آهي

افغان طالبان حڪومت کان افغان سرزمين تي موجود دهشتگرد تنظيمن خلاف اثرائتا قدم کڻڻ جو به مطالبو ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) طالبان حڪومت جي افغانستان تي قبضي جي 5 سالن ۾ بدترين دور جي حوالي سان انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي عالمي ڳڻتي برقرار آهي بنيادي انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ۽ دهشتگردن جي سرپرستي افغان طالبان حڪومت جي سڃاڻپ بڻجي چڪي آهي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ صوبي جي اڪثر علائقن ۾ موسم گهميل ۽ گرم رهندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ صوبي جي اڪثر ضلعن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخوا جي گورنر پاران خضدار ۾ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي خضدار ۾
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: برسات دوران موٽر سائيڪل سوار بارش جي پاڻي کان بچڻ لاءِ هڪ پيدسٽرين پل جي هيٺان بيٺل آهن

افغانستان ۾ طالبان حڪومت جا 5 سال مڪمل، عوام پاران تباهي، بدحالي ۽ بربادي جو بدترين دور قرار

مختلف شهرن مان شهرين پاران طالبان حڪومت تي شديد تنقيد ڪندي وڊيو پيغام جاري ڪيا ويا

افغان طالبان رجيم جي 5 سالن واري دور افغانستان کي 50 سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي: شهرين جو اظهار

بک ۽ بيروزگاري کان تنگ شهري افغان عوام کي طالبان حڪومت خلاف ٻاهر نڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) افغانستان تي مسلط طالبان حڪومت جا 5 سال مڪمل ٿي ويا آهن ۽ افغان عوام غاصب حڪومت خلاف شديد ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿو افغان عوام قابض طالبان حڪومت
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

آمريڪي رياست انڊيانا ۾ طوفان ۽ ٻوڏ سبب 6 ماڻهو اجل جو شڪار، لکين صارفين بجلي کان محروم

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي رياست
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ايئرپورٽ تي هالينڊ جي جعلي ويزا تي سوات واسي مسافر کي آف لوڊ ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي تحقيقاتي ايجنسي (ايف آءِ اي) اسلام آباد انٽرنيشنل
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

چين انٽرنيٽ سيٽلائيٽس جي نئين کيپ خلا ۾ موڪلي ڇڏي

بيجنگ (اي پي پي) چين صوبي هائي نان
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي فوج پاران حزب الله جي سينئر ڪمانڊر ابو حسن علي کي شهيد ڪرڻ جي دعويٰ

سيڪيورٽي زون ۾ اسرائيلي فوج خلاف ڪيل ڪارروائين جي جواب ۾ ڪارروائي دوران هو مارجي ويو

حسن علي سيڪيورٽي زون ۾ موجود اسرائيلي فوج خلاف ڪيترن ئي حملن جي منصوبا بندي ڪئي

بيروت (اي پي پي) اسرائيلي فوج حزب الله جي بدر يونٽ جي سينئر ڪمانڊر ابو حسن علي کي شهيد ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ڪابل ۾ سفارت خانو ٻيهر کولي، ملڪ ۾ سيڙپڪاري ڪري: افغان پرڏيهي وزير

اسان جنگ جي باب کي ختم سمجهون ٿا ۽ هاڪاري رابطن جو هڪ نئون باب چاهيون ٿا

ڪو به افغاني پنهنجي سرزمين تي ڪنهن ٻئي ملڪ جي فوج جي موجودگي نٿو چاهي: امير خان متقي

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي طالبان رجيم جي پرڏيهي وزير امير خان متقي آمريڪا کان مطالبو ڪيو آهي ته هو ڪابل
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سرسبز جبلن ۽ صاف پاڻي ۾ ئي سڀ کان مستحڪم سيڙپڪاري آهي: گڏيل قومون

اسان قدرتي وسيلن کي مسلسل تباهه ڪري رهيا آهيون ۽ معاشي ترقي ذريعي فائدو به چاهيون ٿا

سڀ کان وڌيڪ ضرورت مضبوط عزم سان فعال قدم اختيار ڪرڻ جي آهي: انڊر سيڪريٽري جنرل ياسمين فواد

بيجنگ (اي پي پي) گڏيل قومن جي انڊر سيڪريٽري جنرل ياسمين فواد پرڏيهي ميڊيا کي خصوصي انٽرويو ۾ چيو ته سرسبز
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

هالا ۾ مخدوم جميل الزمان جي صدارت هيٺ شاندار طرحي مشاعرو منعقد

سنڌ ۾ طرحي مشاعرن جون ترجيحي بنيادن تي تقريبون منعقد ٿيڻ گهرجن: مخدوم جميل الزمان

ادبي ۽ ثقافتي تقريبون سنڌي ادب جي واڌ ويجهه ۽ نون شاعرن جي حوصلا افزائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون

مخدوم جميل پاران ماهوار طرحي مشاعري ۾ بهترين شاعرن کي عمري پاڪ جي زيارت ڪرائڻ جو اعلان

هالا (ت ر) سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان جي صدارت هيٺ مخدوم هائوس هالا ۾ شاندار طرحي مشاعري جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي ناليوارن شاعرن وڏي انگ ۾ شرڪت
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

هالا: مخدوم هائوس ۾ طرحي مشاعري جي صدارت سروري جماعت جو سربراهه ۽ روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان ڪري رهيو آهي ٻئي طرف سوين ماڻهو مشاعري مان لطف اندوز ٿي رهيا آهن

پلاسٽڪ جي گدلاڻ خلاف حڪومت، تعليمي ادارن ۽ عوام کي گڏيل ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: شيري رحمان

اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري ۾ پلاسٽڪ مخالف قانون اڳ ۾ متعارف ڪرايو ويو آهي

يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ پلاسٽڪ جي گدلاڻ جي حوالي سان آگاهي سيمينارز منعقد ڪيا وڃن

پلاسٽڪ ۾ ڪيترائي نقصان ڏيندڙ ڪيميڪلز انساني صحت ۽ ماحول لاءِ سنگين خطرن جو سبب بڻجي سگهن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي موسميات تبديلي ۽ ماحولياتي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن سينيٽر
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فتنه الخوارج سان لاڳاپيل دهشتگرد گرفتار هٿيار ۽ بارود هٿ

رينجرز ۽ سي ٽي ڊي اهلڪارن ڳجهي اطلاع جي بنياد تي گڏيل ڪارروائي ڪئي

جيڪب لائن، جمشيد ٽائون مان فتنه الخوارج سان لاڳاپيل دهشتگرد شهزاد عرف ڊنگر سوگهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ سي ٽي ڊي ڳجهي اطلاع جي بنياد تي گڏيل ڪارروائي ڪندي جيڪب
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

رت ۽ باهه جي راند کيڏڻ وارن کي سنڌ جي ڳڻتي ٿيڻ قيامت جي نشاني آهي: قادر مندوخيل

ڪٺ پتلي ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي ته عوام اڳ به اهڙن نعرن کي دفن ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ قادر مندوخيل ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي پريس ڪانفرنس تي سخت
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

روس جا يوڪرين ۾ دفاعي صنعت، آئل ريفائنري ۽ اسٽيل پلانٽ تي حملا، 822 ڊرونز تباهه ڪرڻ جي دعويٰ

دفاعي صنعت جي سهولتن ڪانسواءِ ڪريمينچگ آئل ريفائنري ۽ ڪريوي رگ ۾ اسٽيل پلانٽ کي نشانو بڻايو ويو

هٿياربند فوج 12 ڪلاڪن دوران يوڪرين مان 822 ڊرونز کي هدفن تي پهچڻ کان اڳ تباهه ڪري ڇڏيو

گاڏي واري هنڌ ڪيف ۾ ڪروز ميزائلن لاءِ اوزار، وار هيڊز ۽ ٺوس پارٽ واري بوسٽر تيار ڪندڙ ڪمپني پڻ تباهه

ماسڪو (اي پي پي) روس جي هٿياربند فوج يوڪرين جي گاڏي واري هنڌ ڪيف ۾ دفاعي صنعت جي سهولتن ڪانسواءِ ڪريمينچگ آئل ريفائنري ۽ ڪريوي رگ ۾ اسٽيل پلانٽ کي نشانو بڻايو آهي، جڏهن ته 12 ڪلاڪن دوران يوڪرين مان 822 ڊرونز کي هدفن تي پهچڻ کان اڳ تباهه ڪري ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا مطابق
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي ترقي لاءِ وڌيڪ انتظامي يونٽن جي ضرورت آهي: ايم ڪيو ايم

ملڪ ۾ نون صوبن جي قيام بابت آئيني طريقيڪار تحت ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نئين صوبي جي ضرورت ناهي ڪو به جبري فيصلو مڙهي نٿو سگهجي: سعيد غني

خالد مقبول صديقي، فاروق ستار يا مصطفيٰ ڪمال پنهنجي علائقي مان ڪائونسلر به چونڊجي نٿا سگهن

سنڌ اسيمبلي مان ڪيترين ئي قراردادون منظور ٿيون، جن ۾ واضح ڪيو ويو ته نئين صوبي جي ضرورت ناهي

پيپلز پارٽي سميت سمورين سياسي جماعتون به سنڌ ۾ نئين صوبي جون سخت مخالف آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته سنڌ جي عوام، جنهن ۾ سمورين سياسي جماعتون شامل آهن ان ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌ ۾ ڪو
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڪالي موري جي علائقي ۾ گٽرن جو پاڻي گڏ ٿيندڙ ماڻهن ۽ سوارين جي لاءِ مشڪلاتون پيش ڪري رهيو آهي

انڊونيشيا ۾ زلزلي سبب فوتگيون وڌي 51 ٿي ويون، 341 آفٽرشاڪ رڪارڊ

جڪارتا (اي پي پي) انڊونيشيا ۾ 7.7 شدت جي زلزلي سبب فوت ٿي ويلن جو
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

آمريڪي رياست هوائي ۾ سامونڊي طوفان سبب شديد برسات، ٻوڏ ۽ مٽي جون ڇپون ڪرڻ جو خطرو

هونولولو (اي پي پي) آمريڪي رياست هوائي ۾ ڪيٽيگري ون جي سامونڊي طوفان
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ مختلف قانونن جي ڀڃڪڙي تي هفتي دوران 14 هزار ماڻهو گرفتار

سمورن علائقن ۾ گڏيل سيڪيورٽي ڪارروائين دوران قانوني ڀڃڪڙين ۾ ملوث ماڻهو سوگها ڪيا ويا

اقامه قانون جي ڀڃڪڙي تي 7216 ماڻهن، بارڊر سيڪيورٽي قانون جي ڀڃڪڙي تي 3843 ڄڻا گرفتار ٿيا

ليبر قانون جي ڀڃڪڙي تي 3483 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو، سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ 1457 ڄڻا سوگها

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ مختلف قانونن جي ڀڃڪڙي تي هڪ هفتي دوران 14 هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو پرڏيهي ميڊيا موجب سعودي عرب جي سمورن علائقن ۾ گڏيل
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

عالمي برادري ڪشمير جي سنگين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي: حريت ڪانفرنس

ڀارت جو رياستي ڏاڍ ۽ ڪشمير تڪرار جو حل نه ٿيڻ ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ سلامتي لاءِ سنگين خطرو آهي

ڏکڻ ايشيا ۾ ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ ڪشمير تڪرار جو منصفاڻو حل ضروري آهي: عبدالرشيد منهاس

سرينگر (اي پي پي) ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جموں ڪشمير ۾ ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس عالمي برادري
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

خانپورمهر ۾ پاڻي جي خطرناڪ صورتحال، ٽي ڊي ايس 4700 رڪارڊ

رهواسين پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ درخواست داخل ڪرائڻ بعد جاچ ٽيم پهتي

عدالتي حڪم تي حڪم تي پي سي آر ڊبليو آر ۽ ماحوليات کاتي جي ٽيم پاڻي جا نمونا ورتا

خانپورمهر (ن ع) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

خانپور مهر: عملدار شهر ۾ پيئڻ جو ايندڙ پاڻي چڪاسي رهيا آهن

ڪراچي ۾ جماعت اسلامي پاران پيٽرول ليوي خلاف گورنر هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو، ڇڪتاڻ شيلنگ

پوليس پاران رڪاوٽون ٻيهارڻ ۽ شيلنگ باوجود هزارين ماڻهو گورنر هائوس تائين پهچي ويا

ڪارڪنن ۽ پوليس ۾ ڇڪريون، ڌرڻي جي شرڪت ڪندڙن کي روڪڻ ۽ منتشر ڪرڻ لاءِ شيلنگ

پيٽرول ليوي جي نالي تي ظالماڻي ٽيڪس وصولي بند ڪري قيمتن ۾ فوري گهٽتائي آندي وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيٽرول ليوي جي نالي تي ظالماڻي ٽيڪس وصولي ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ فوري گهٽتائي لاءِ جماعت اسلامي پاران ڪراچي ۾ گورنر هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو سنڌ حڪومت ۽
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پ پ عوامي پارٽي آهي، اسان عوام جي خدمت تي يقين رکون ٿا: گيانچند ايسراڻي

وڏي وزير جي صوبائي صلاحڪار سري شهر پهچي ايسراڻي هائوس ۾ عوام جا مسئلا ٻڌا

شهرين جي وڏي مجبور سان گڏجي مختلف هنڌن تي هلندڙ ترقياتي ڪمن جو پڻ جائزو ورتو

سري (رپورٽ: درگا داس شرما) سنڌ بحالي کاتي سنڌ بابت وڏي وزير جي صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي سري شهر پهچي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ناڻي واري وزارت پاران ناڻي واري سيڪريٽري امداد الله بوسال کي سان نوازڻ هلال امتياز تي مبارڪون پيش

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وزارت، وزارت جي وفاقي سيڪريٽري امداد الله
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ هڪ تاريخي وطن آهي، ڌرتي کي ورهائڻ جي سازش برداشت نه ڪبي: سانا اڳواڻ

سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي ايمرجنسي جنرل باڊي گڏجاڻي ۾ جامع قرارداد منظور

صوبي جو هر فرد علائقائي سالميت، آئيني حقن، وسيلن ۽ تاريخي سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ ذميواري نڀائي

اجلاس ۾ محسن نقوي کي سندس وفاقي سرڪاري عهدي تان فوري طور تي هٽائڻ جو به مطالبو ڪيو ويو

واشنگٽن (رپورٽ: ضياءِ قريشي/ سبين ميمڻ) سانا جي جنرل باڊي سنڌ جي ورهاست کي متفقه طور تي رد ڪري ڇڏي آ
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سينيٽ جو اجلاس چيئرمين يوسف رضا گيلاني جي صدارت هيٺ اڄ پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيندو

اسلام آباد- (اي پي پي) سينيٽ جو اجلاس
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

واشنگٽن: سانا جا اڳواڻ آن لائن گڏجاڻي ۾ ڳالهائي رهيا آهن

ڪولمبيا ۾ زلزلي سبب فوتين جو انگ 294 ٿي ويو، 320 ماڻهو گم ٿيڻ جي تصديق

زلزلي سبب 66 عمارتون ڊهي چڪيون آهن ۽ 14493 گهر مڪمل طور تباهه ٿيا آهن: اختياريون

اختياريون اضافي عالمي امداد جي ضرورت جو معاملو جائزو وٺي رهيون آهن: حڪومتي عملدار

بگوٽا (اي پي پي) ڪولمبيا ۾ 7.4 شدت جي زلزلي سبب فوتين جو انگ وڌي 294 ٿي ويو جڏهن ته 3935 ماڻهو زخمي 320
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪانگو ۾ ايبولا وائرس جي وبا هر 30 منٽن ۾ هڪ ماڻهو جي جان وٺي پئي: گڏيل قومون

فوت ٿي ويلن جو تعداد 2214 ٿي ويو آهي ۽ تصديق ٿيل ڪيسن جو مجموعي انگ 4727 آهي

عالمي برادري کي وائرس جي وڌيڪ ڦهلاءُ کان اڳ ٻنهنجون ڪوششون ٻيڻيون ڪرڻ جي اپيل

جنيوا (اي پي پي) گڏيل قومن ۽ صحت جي عالمي اداري (ڊبليو ايڇ او) جمهوريه ڪانگو ۾ تيزي سان پکڙجندڙ ايبولا وبا ۽ فوتگين تي شديد ڳڻتي جو اظهار ڪندي فوري ۽ اثرائتي عالمي امدادي ڪوششن
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

گلگت بلتستان ۽ ڪي پي ۾ اڳواٽ خبردار ڪرڻ واري نظام جا منصوبا لڳايا ويندا

گلوف جي خطرن ۾ گهٽتائي ۽ گليشيئرز جي تحفظ لاءِ ڪيترائي قدم شروع ڪيا ويا

منصوبي ۾ شامل 24 وادين مان 18 گلگت بلتستان ۽ 6 خيبر پختونخوا ۾ واقع آهن: حڪومت

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان 3 ڪروڙ 70 لک ڊالر ماليت جي گلوف ٽو منصوبي تحت گلگت بلتستان ۽ خيبر پختونخوا جي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مهر علي شاهه ڪالوني ۾ رهندڙ هاري عورتون ٻنيءَ تان گاهه ڪري پنهنجي گهرن طرف وڃي رهيون آهن

ڊاڪٽر ڪامل ميمڻ کي ستاره امتياز سان نوازڻ برادري ۽ سنڌ لاءِ فخر قرار

کيس پاڪستان لاءِ خدمتن واري پرڏيهي شهري جي ڪيٽيگري ۾ اعزاز نوازيو ويو

شاندار قومي اعزاز تي ميمڻ برادري ۽ سنڌ واسين پاران مبارڪباد پيش ڪئي وئي

مديني منوره (پ ر) سعودي عرب جي شهر مديني منوره ۾ رهندڙ ممتاز طبيب، عوامي صحت جي ماهر ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ پاڻ ارپيندڙ ڊاڪٽر محمد ڪامل ميمڻ کي پاڪستان لاءِ سندس شاندار خدمتن جي اعتراف ۾ ملڪ جي اعليٰ ترين سول اعزازن مان هڪ ستاره

امتياز سان نوازيو ويو آهي پاڪستان جي سول ايوارڊز جي سرڪاري فهرست موجب، ڊاڪٽر محمد ڪامل ميمڻ کي "پاڪستان لاءِ خدمتون (پرڏيهي شهري)" جي ڪيٽيگري ۾ ستاره امتياز سان نوازيو ويو آهي ڪيس
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌو درياءَ ۾ چاڙهه، تربيلا وٽ پاڻي جي آمد ۾ لک 64 هزار 300 ڪيوسڪ رڪارڊ

ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ 31 هزار 500 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪئي وئي

خيرآباد پل تي 2 لک 83 هزار ڪيوسڪ، جهلم ۾ منگلا وٽ آمد 36 هزار 800 ڪيوسڪ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن اڄ ڏينهن جاري تفصيل مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 2
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم جو 'صوبو ڪارڊ' سنڌ سياسي ڊيوالپڻي جي آخري ڪوشش آهي: سعديه جاويد

گهٽين ۽ پاڙن ۾ نفرت ڦهلائي ملڪ کي ورهائڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي

خالد مقبول صديقي آئين جو اڌ سچ ٻڌائي عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن جي پريس ڪانفرنس تي سخت رد عمل ڏيندي چيو آهي ته خالد مقبول صديقي آئين جو اڌ سچ ٻڌائي عوام
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلا 5 جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

لياقت آباد سرڪا گرائونڊ، پرسان مقابلي ڪانپوءِ خرم ۽ محمد ثاقب کي گرفتار ڪيو ويو

سپر مارڪيٽ، گلشن اقبال بن قاسم جي علائقن ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ بعد 4 جوابدار سوگها

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ مبينا اسٽريٽ ڪرمنلز وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ دوران 5 جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته ٻن واقعن ۾ سندن ساٿي فرار
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هٿياربند فائرنگ ڪري 40 ورهين جي شخص کي قتل ڪري ڇڏيو

ڪياماڙي جي مڇر ڪالوني ۾ مارجي ويل جي سڃاڻپ محمد هاشم طور ڪئي وئي

لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، واقعي جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪياماڙي جي مڇر ڪالوني ۾ شيرازي چوڪ پرسان نامعلوم هٿياربند فائرنگ ڪري 40 ورهين جي شخص کي قتل ڪري ڇڏيو پوليس موجب مقتول جي سڃاڻپ محمد هاشم ولد
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

متحده جي نام نهاد قيادت عوام، واپار، امن ۽ خوشحالي کي يرغمال بڻائڻ چاهي ٿي: ناصر شاهه

خالد مقبول صديقي شديد ذهني دٻاءُ جو شڪار آهن، ان جو علاج رڳو وفاقي وزير صحت وٽ آهي

ڪراچي جي شهرين کين رد ڪري ڇڏيو آهي، عوام هاڻ پيپلز پارٽي سان گڏ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، خالد مقبول صديقي جي پريس ڪانفرنس تي رد عمل ڏيندي چيو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌڪو پاران جشن آزادي جي حوالي سان ڪرايل شو ۾ فنڪار پرفارم ڪري رهيا آهن

پي ايس 30 تي پ پ جي اميدوار اسفنديار ڪرل 28049 ووٽ حاصل ڪري ميدان ماريو

غير حتمي غير سرڪاري نتيجن موجب اسفنديار ڪرل 28049 ۽ مخالف تصوير حسين مهدي 903 ووٽ حاصل ڪيا

تحريڪ لبيڪ پاران نامزد اميدوار محمد موسيٰ ٻرڙو 809 ووٽ حاصل ڪري ٽئين نمبر تي رهيو

چونڊ جي نتيجن ڪانپوءِ اسفنديار ڪرل جي حامين پاران نعرا هڻي مٺائي ورهائي خوشي جو اظهار ڪيو

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪاتوري) ضلعي خيرپور ميرس جي تڪ پي ايس 30 گمبٽ سوڀوديرو جي ٽوٽل 164 پولنگ اسٽيشن مان 104 پولنگ اسٽيشن جو غير حتمي غير سرڪاري نتيجن جو رزلٽ جڏهن ته باقي پولنگ اسٽيشن جي رزلٽ جي ڳڻتي جو عمل جاري آهي جنهن ۾ پاڪستان
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪنهن پولنگ اسٽيشن پ پ مخالف 10 کان وڌيڪ ووٽ حاصل نه ڪري سگهيا

گمبٽ: پي ايس 30 گمبٽ صوبوديرو تڪ
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

اسفنديار ڪرل کي مبارڪون ڏيندڙ ايجنٽ جو بشني ڪيسو ڪٽي ويا

اليڪشن ڊيوٽي تان ڙال کي وٺڻ ويندڙ ساجد ڪهڙو کان هٿياربند موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

گمبٽ : پي ايس 30 جي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميد وار اسفنديار ڪرل جي گمبٽ واري رهائش تي مبارڪون ڏيندڙ پ پ
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

آصف چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ سياستدانن جي احتساب جا بي شمار مثال ملن ٿا، جڏهن ته ٻين حڪمران طبقن جي حوالي سان پڻ ڪجهه مثال موجود آهن پر بيوروڪريسي جي احتساب جا مثال ڳولڻ مشڪل آهي.خواجا آصف ماضي جي هڪ بيوروڪريٽ حڪمران جو حوالو ڏيندي چيو ته اهو سياستدانن جي منهن تي انتهائي اٺوٺنڊڙ لفظ استعمال ڪندو هو ۽ سياستدان اهي ڳالهيون برداشت ڪندا هئا. جيڪڏهن گذريل 78 سالن دوران بيوروڪريٽن کي وزيرن ۽ صلاحڪارن طور شمار ڪيو وڃي ته انهن جو انگ به تمام گهڻو بڻجي ٿو.دفاع واري وزير چيو ته جيڪڏهن بيوروڪريسي اڄ هڪ اهڙو طبقو بڻجي چڪي آهي جنهن جو ڪو احتساب نٿو ڪري سگهجي ۽ ان کي جوابده بڻائڻ وارو ڪو ناهي ته ان جا اصل ذميوار سياستدان ۽ سندن ڪمزوريون آهن جڏهن ته بيوروڪريٽ رڳو هن صورتحال مان فائدو وٺندڙ ڪردار آهن.هن چيو ته 1970ع واري ڏهاڪي ۾ قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي پاليسي اختيار ڪئي وئي ۽ بيوروڪريسي ملڪ جي سمورن ڪاروباري ادارن جو ڪنٽرول سنڀالي ورتو.ان کان پوءِ قومي تحويل ۾ ورتل اثاثا تباهه ٿي ويا، پر ڪنهن به حڪومت انهن طاقتور ۽ ناقابل احتساب عنصرن کان سوال نه ڪيو.خواجا آصف دعويٰ ڪئي ته جيڪڏهن قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي نتيجي ۾ ٿيل نقصان جو ڪاٿو لڳايو وڃي ته اهو سانحو سقوط ڍاڪا کان به وڏو ثابت ٿيندو.هن چيو ته ان نقصان جو حساب ڪرڻ لاءِ حساب ڪتاب ۾ موجود صفر به شايد گهٽ پئجي وڃن. موجوده حڪومت نجڪاري جو پروگرام اڳتي وڌائي رهي آهي ۽ هو ان جي ڪاميابي لاءِ دعاگو آهن.هن چيو ته نواز شريف پهريون حڪمران هو جنهن ملڪ ۾ قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي نتيجي ۾ ٿيل تباهي کي واپس موٽائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي جڏهن ته شهيد بينظير ڀٽو پڻ ان عمل کي اڳتي وڌايو پر ان کان پوءِ اهو سلسلو رڪجي ويو.مسلسل حڪمران بيوروڪريسي انهن ڪوششن جي راهه ۾ رڪاوٽون وڌيون.تنهن هوندي به وزيراعظم شهباز شريف طرفان نجڪاري تي ڌيان ڏنو پيو وڃي ۽ هو دعا ڪن ٿا ته اها ڪوشش ڪامياب ٿئي.خواجا آصف دعويٰ ڪئي ته پاڪستان جي بيوروڪريسي سان لاڳاپيل امير ماڻهو پرتگال، ڪينيڊا، آمريڪا، برطانيا ۽ پاڪستان ۾ موجود آهن ۽ اهي ماڻهو سياستدانن جي دور انديشي کان محرومي جو سڌو سنئون فائدو وٺندڙن ۾ شامل آهن

بقايا 2 روزاني عبرت

لاهور لاءِ روانا ٿي ويا. ذريعن موجب اجلاس ۾ آزاد ڪشمير جي وزيراعظم جي نامزدگي جو فيصلو ڪيو ويو جڏهن ته عورتن لاءِ مخصوص سيٽن جو به فيصلو ڪيو ويو عورتن لاءِ مخصوص سيٽن لاءِ سحرش قمر نثار عباسي، مريم ادريس، مسز راجا عابد، مريم ڪشميري، ناصره سدوزئي ۽ ماريا ترانا جا انٽرويو مڪمل ٿي چڪا آهن ذريعن موجب اجلاس ۾ مسلم ليگ ن اوورسيز لاءِ مخصوص سيٽ تي به فيصلو ڪيو. مسلم ليگ (ن) برطانيه چيپٽر جو صدر عبدالرحمان آرائين اوورسيز سيٽ لاءِ مضبوط اميدوار طور سامهون آيو آهي، جڏهن ته سعودي عرب مان حاجي احسان دانش، آمريڪا مان مرزا تنوير جرال ۽ جاويد اقبال جا نالا پڻ غور هيٺ آهن. ذريعن موجب، پير مظهر جو نالو علماءِ ۽ مشائخ لاءِ مخصوص سيٽ لاءِ غور هيٺ آهي، جڏهن ته ٽيڪنوڪريٽ سيٽ لاءِ مقابلو بئريسٽر افتخار شاداب سڪندر ۽ محسن عزيز جي وچ ۾ ٿيڻ جو امڪان آهي ميان نواز شريف پاڻ سڀاڻي نامزدگين جو اعلان ڪندو

بقايا 3 روزاني عبرت

مستقل ميمبرن آمريڪا، برطانيا ۽ فرانس سميت 56 ملڪن افغان طالبان حڪومت خلاف گڏيل بيان جاري ڪيو آهي. گڏيل بيان ۾ افغانستان تي طالبان جي قبضي جا 5 سال مڪمل ٿيڻ تي افغان عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو آهي. گڏيل بيان مطابق طالبان حڪومت ۾ افغانستان کي انساني حقن، انساني امداد، معيشت ۽ سلامتي جي حوالي سان سنگين چئلينجز درپيش آهن.اها صورتحال افغان عوام تي دٻاءُ وڌائي رهي آهي ۽ پاڙيسري ملڪن سميت سموري خطي جي استحڪام ۽ سلامتي لاءِ خطرا پيدا ڪري رهي آهي. گڏيل بيان ۾ افغان سرزمين تي موجود دهشتگرد گروپ کي علائقائي سلامتي لاءِ گڏيل خطرو قرار ڏنو ويو. گڏيل بيان ۾ افغان طالبان حڪومت کان افغان سرزمين تي موجود دهشتگرد تنظيمن خلاف اثرائتا قدم کڻڻ جو به مطالبو ڪيو ويو آهي 56 ملڪن پاران طالبان رجيم خلاف گڏيل بيان ظاهر ڪري ٿو ته حڪومت جي آمراڻي طرز حڪمراني ۽ ظالمانه پاليسيون افغانستان کي عالمي اڪيلائي ڏانهن ڌڪي رهيون آهن

بقايا 4 روزاني عبرت

موسم گرم ۽ گهميل رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي پاڪستان ميٽرولاجيڪل ڊپارٽمينٽ پاران جاري ڪيل بيان موجب صوبي جي اڪثر ڏاکڻين علائقن ۾ موسم جهڙالي رهڻ جو امڪان آهي جڏهن ته ٻين علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪامياب انٽيلي جنس بيسڊ آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي جاري ڪيل بيان موجب گورنر ڪامياب ڪارروائي دوران 10 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانه صلاحيتن ۽ بهادري کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون قوم لاءِ فخر جوڳيون آهن. هن چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون جاري رهنديون قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجي بهادر فوج، پوليس ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

جي 5 سالن واري دور کي افغانستان جي تباهي، بدحالي ۽ بربادي جو بدترين دور قرار ڏنو آهي افغانستان جي مختلف شهرن مان شهرين طالبان حڪومت تي شديد تنقيد ڪندي ويڊيو پيغام جاري ڪيا آهن. طالبان جي مرڪز جلال آباد مان افغان شهري ويڊيو پيغام جاري ڪندي چيو آهي ته افغان طالبان رجيم جي 5 سالن واري دور افغانستان کي 50 سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. افغان طالبان ڀارت ۽ اسرائيل جا غلام آهن ۽ سندن اقتدار هاڻي خاتمي ويجهو آهي اهڙي طرح قنڌار مان بک ۽ بيروزگاري کان تنگ افغان شهري افغان عوام کي طالبان حڪومت خلاف ٻاهر نڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

انڊيانا ۾ شديد طوفان ۽ ٻوڏ جي نتيجي ۾ ڇهن سالن جي ٻار سميت 6 ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا. پرڏيهي خبررسان اداري موجب انڊيانا اسٽيٽ جي ايمرجنسي آپريشنز سينٽر ٻڌايو آهي ته فوت ٿي ويلن ۾ ٻن عورتون پڻ شامل آهن انڊيانا جي گورنر مائيڪ برائن چيو آهي ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ هن کي يقين ڏياريو آهي ته رياست پاران صدارتي هنگامي حالتن جي اعلان جي درخواست منظور ڪئي ويندي جنهن سان وفاقي امداد لاءِ رستو کلندو واضح رهي ته طوفان سبب هڪ ئي وقت ۾ الي نوائ، انڊيانا، اوهائيو ۽ ڪينٽڪي ۾ اٽڪل 10 لک صارف بجلي کان محروم ٿي ويا آهن

بقايا 8 روزاني عبرت

ايئرپورٽ تي مبينه طور تي نيدرلينڊز جي جعلي وزٽ ويزا جي خبر ملڻ تي سوات جي رهائشي کي آف لوڊ ڪندي يورپ وڃڻ لاءِ سعودي عرب جي ٽرانزٽ پوائنٽ طور تي استعمال ڪرڻ جي شڪي ڪوشش کي ناڪام بڻائي ڇڏيو ايف آءِ اي جي هڪ اهلڪار اڄ ڏينهن "اي پي پي" کي ٻڌايو آهي ته مسافر کي ڊائوي پروفائلنگ دوران ايئر بليو جي اڏام PA-270 تي سعودي عرب وڃڻ جي تياري دوران روڪيو ويو اهلڪار چيو ته سفري دستاويزن جي تفصيلي جاچ پڙتال ڪانپوءِ اها ڳالهه سامهون آئي ته مسافر جي پاسپورٽ جي صفحه 18 تي لڳايل هالينڊ جو وزٽ ويزا جعلي هو جنهن سان انساني اسمگلنگ جي نيٽ ورڪ سان ان جي ممڪنه رابطي جي باري ۾ شڪ پيدا ٿيو مسافر جي ٽريول هسٽري جو جائزو وٺڻ مان معلوم ٿيو ته هو ان کان اڳ ملائيشيا، ٿائيلينڊ ۽ سعودي عرب سميت مختلف ملڪن جو ڪيترائي ڀيرا سفر ڪري چڪو آهي ايف آءِ اي چيو ته مسافر کي اڏام مان آف لوڊ ڪري سندس موبائل فون جي فرانزڪ جاچ ۽ وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل اسلام آباد جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

۾ واقع واپاري خلائي جهاز لانچ مرڪز تان انٽرنيٽ سيٽلائيٽس جي نئين کيپ خلا ۾ موڪلي ڇڏي سي جي ٽي اين موجب اهي سيٽلائيٽس گهٽ مدار ۾ گردش ڪندڙ انٽرنيٽ سيٽلائيٽس جو 24 گروپ آهي جهن کي مقامي وقت موجب آچر ڏينهن منجهند جو 12 لڳي 10 منٽن تي لانگ مارچ 12 ڪيريئر راڪيٽ ذريعي خلا ۾ روانو ڪيو ويو ۽ اهو ڪاميابي سان پنهنجي مقرره مدار ۾ داخل ٿي ويا.

بقايا 10 روزاني عبرت

آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب اسرائيلي فوج ايڪس تي جاري بيان ۾ چيو آهي ته حزب الله جو اهو ڪمانڊر تنظيم پاران سيڪيورٽي زون ۾ اسرائيلي فوج خلاف ڪيل ڪارروائين جي جواب ۾ ڪارروائي دوران مارجي ويو اسرائيلي فوج پاران جاري بيان موجب حسن علي سيڪيورٽي زون ۾ موجود اسرائيلي فوج خلاف ڪيترن ئي حملن جي منصوبا بندي ڪئي ۽ ان تي عملدرآمد ۾ حصو ورتو هو جنهن ۾ ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيلي فوجين تي ڌماڪيدار مواد سان ڀريل ڊرونز ذريعي حملا به شامل هئا.

بقايا 11 روزاني عبرت

۾ سفارت خانو ٻيهر کولي ۽ افغانستان ۾ سيڙپڪاري ڪري. پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ۾ هن چيو ته اسان جنگ جي باب کي ختم سمجهون ٿا ۽ هاڻي اسان گڏيل احترام تي ٻڌل لاڳاپا ۽ هاڪاري رابطن جو هڪ نئون باب چاهيون ٿا. هن چيو ته ڪو به افغان پنهنجي سرزمين تي ڪنهن ٻئي ملڪ جي فوج جي موجودگي نٿو چاهي ۽ نه ئي انهن کي برداشت ڪري سگهي ٿو هن چيو ته ان جي انتظاميه آمريڪا ۾ سفارتي مشن ٻيهر کولڻ چاهي ٿي ۽ يورپي ملڪن سان افغان پناهگيرن جي معاهدن تي ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو آهي افغان پرڏيهي وزير چيو ته آمريڪا سميت ڪو به ملڪ افغانستان ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهي ٿو ڇو ته طالبان انتظاميه کي پرڏيهي سيڙپڪاري جي شديد ضرورت آهي انٽرويو دوران افغان پرڏيهي وزير ان سوال جو واضح جواب ڏيڻ کان پاسو ڪيو ته آيا ان جي حڪومت عورتن ۽ ڇوڪرين خلاف ڪريڪ ڊائون عالمي سڃاڻپ ۾ رڪاوٽ آهي واضح رهي ته افغانستان جي طالبان حڪومت، آمريڪا جي نڪرڻ جي 5 سال ڪانپوءِ آمريڪي حڪومت کي پنهنجو سفارت خانو ٻيهر کولڻ سفارتي موجودگي برقرار رکڻ ۽ افغانستان جي بنيادي ڍانچي ۽ معدني وسيلن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جي دعوت ڏني. سوالن جي جواب ۾ آمريڪي پرڏيهي کاتي افغانستان سان لاڳاپا معمول تي اچڻ جي امڪان کي رد ڪري ڇڏيو آمريڪي ترجمان جو چوڻ هو ته طالبان افغانستان کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ ۽ دهشتگردي جي روڪٿام جي واعدن کي برقرار رکڻ ۾ ناڪام رهيا آهن

بقايا 12 روزاني عبرت

جبلن ۽ صاف پاڻي ۾ ئي سڀ کان مستحڪم سيڙپڪاري آهي هن چيو ته چين جي صدر شي جن پنگ، اهو تصور پيش ڪيو آهي ته "سرسبز جبل ۽ صاف پاڻي انمول اثاثا آهن". ان تصور جي سمورن شعبن ۾ نمايان اهميت ظاهر آهي اسان هڪ طرف قدرتي وسيلن کي مسلسل تباهه ڪري رهيا آهيون ۽ ٻئي طرف اها اميد رکون ته معاشي ترقي ذريعي مسلسل فائدو حاصل ٿيندو رهندو اهو ممڪن ناهي ترقي جو اهو طريقو هاڻي ناڪاره ٿي چڪو آهي ۽ ان سان حاصل ٿيندڙ معاشي فائدا صرف مختصر مدي تائين برقرار رهي سگهن ٿا. ڊگهي مدي ۾ ان جي وڏي قيمت چڪائڻي پوندي هن چيو ته حل اسان سامهون موجود آهي اسان کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت مضبوط عزم سان فعال قدم اختيار ڪرڻ جي آهي نه ڪي بحران پيدا ٿيڻ کانپوءِ ڪارروائي جو انتظار ڪيو وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪئي مشاعري دوران شاعرن پنهنجي شاعري ڪلام پيش ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. تقريب ۾ مختلف علائقن مان آيل شاعرن مخدوم عمار حيدر. آخوند عباس . فقير محمد بخش ضامن . سيد گدا لطيفي ۽ ٻين طرح جي مناسبت سان شاعري پيش ڪئي جنهن کي شرڪت ڪندڙن پاران وڏي ساراهه سان نوازيو ويو . تقريب کي خطاب ڪندي سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان چيو ته ادبي ۽ ثقافتي تقريبون سنڌي ادب جي واڌ ويجهه ۽ نون شاعرن جي حوصلا افزائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون هن چيو ته سنڌ ۾ طرحي مشاعرن جون ترجيحي بنيادن تي تقريبون منعقد ٿيڻ گهرجن ته جيئن نوجوان نسلن جو رجوع ۽ ادب ۾ دلچسپي رکندڙ شاعر پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهن مخدوم جميل الزمان ساهوار طرحي مشاعري جي تقريب جو اعلان ڪيو ۽ طالب المولا اڪيڊمي طرفان طرحي مشاعري جي محفل ۾ چار چنڊ لڳائيندڙ شاعرن کي عمري پاڪ جي زيارت ڪرائڻ جو پڻ اعلان ڪيو . مشاعري ۾ سروري جماعت جي مريدن اديبن شاعرن ۽ ادب سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي . ان موقعي تي چيئرمين هالا زوار گل محمد ٻنهور . نديم ڪرياڻي . آخوند جاويد . رستم سمون . پوڙهو ڏاهري ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 14 روزاني عبرت

شيري رحمان پلاسٽڪ جي گدلاڻ خلاف حڪومت، تعليمي ادارن ۽ عوام طرفان گڏيل قدمن تي زور ڀريو آهي چنچر ڏينهن نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي هن چيو ته يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ پلاسٽڪ جي گدلاڻ جي حوالي سان آگاهي سيمينارز منعقد ڪيا وڃن ته جيئن شاگردن کي هن جي خراب اثرن کان آگاهه ڪري سگهجي هن ٻڌايو ته اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري ۾ پلاسٽڪ مخالف قانون اڳ ۾ متعارف ڪرايو ويو آهي هڪ سوال جي جواب ۾ سينيٽر شيري رحمان چيو ته پلاسٽڪ جون بوتلون ۽ شاپنگ بيگز پلاسٽڪ جي گدلاڻ ۾ وڏا جا وڏا سبب آهن پلاسٽڪ ۾ ڪيترائي نقصان ڏيندڙ ڪيميڪلز موجود هوندا آهن جيڪي انساني صحت ۽ ماحول لاءِ سنگين خطرن جو سبب بڻجي سگهن ٿا. هن چيو ته پلاسٽڪ جي ڪچري جي انتظام جي شعبي ۾ نيون ڪوششون سامهون اچي رهيون آهن سينيٽر شيري رحمان يونيورسٽي آف بلوچستان جي شاگردن طرفان پلاسٽڪ جي گدلاڻ جي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد خيال پيش ڪرڻ ۽ عملي حل تي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش کي خصوصي طور تي ساراهيو

بقايا 15 روزاني عبرت

لائن جمشيد ٽائون مان فتنه الخوارج سان لاڳاپيل دهشتگرد شهزاد عرف ڊنگر کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار دهشتگرد وٽان هٿيار ۽ بارود پڻ هٿ ڪيو ويو تفصيل موجب گرفتار دهشتگرد جو تعلق فتنه الخوارج جي منصور گروپ سان آهي گروپ جو سربراهه دهشتگرد منصور ڪنواري ڪالوني، منگهوپير ۾ رهائش پذير رهيو جيڪو ڪراچي آپريشن دوران گرفتاري جي خوف سبب وزيرستان ۾ روپوش ٿي ويو گرفتار دهشتگرد سال 2025 ع ۾ منصور جي ذهني تربيت ۽ اثراندازي بعد فتنه الخوارج ۾ شامل ٿيو دهشتگرد منصور کيس ڪراچي مان تنظيم لاءِ فنڊنگ گڏ ڪرڻ جي ذميواري سونپي گرفتار دهشتگرد منگهو پير واري علائقي ۾ مختلف ماڻهن سان رابطا ڪري کين فتنه الخوارج لاءِ ماهوار بنياد تي فنڊنگ ڪرڻ تي راضي ڪندو رهيو بعد ۾ هو علائقي مان ماهوار مختلف رقمون گڏ ڪري، ٽانڪ ۾ موجود منصور جي ساٿي دين محمد پاران فراهم ڪيل ايزي پيسا اڪائونٽن ذريعي وزيرستان موڪليندو رهيو

بقايا 16 روزاني عبرت

ردعمل ڏيندي چيو آهي ته سنڌ ۾ رت ۽ باهه جي راند کيڏڻ وارن کي اڄ سنڌ جي ڳڻتي ٿيڻ قيامت جي نشاني آهي. قادر مندوخيل چيو ته جيڪڏهن انهن کي ڪراچي جي ماڻهن سان گڏ رهڻو ناهي ته کين سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحد تي گهر ڏياري ڏيون ٿا. ڪٺ پتلي ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ جي عوام اڳ به اهڙن نعرن کي دفن ڪيو آهي هن چيو ته انهن ماڻهن کي سنڌ جي ڳڻتي ٿي رهي آهي، جيڪي پنهنجي ئي حلقن ۾ ڪائونسلر به نٿا بڻجي سگهن جعلي مينڊيٽ ذريعي قومي اسيمبلي جو ميمبر بڻجڻ سان ڪو ماڻهو حقيقت ۾ عوامي نمائندو نٿو بڻجي وڃي. قادر مندوخيل چيو ته سنڌ جي عوام بار بار نفرت، لساني ۽ ورهاڱي جي سياست کي رد ڪيو آهي ڪا به سياسي جماعت پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ سنڌ جي وحدت کي نشانو نٿي بڻائي سگهي هن چيو ته سنڌ ڌرتي آهي، سياسي نقشي تي ڪا اهڙي ليڪ ناهي جنهن کي جڏهن دل چاهي ته ورهائڻ جو اعلان ڪري ڇڏجي قادر مندوخيل چيو ته اسان نون صوبن جي حق ۾ آهيون پر آئين جي آرٽيڪل 239(4)

تحت سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه جي نالي تي ڪنهن کي به آئين تي شب خون هڻڻ جي اجازت نه ڏينداسين هن وڌيڪ چيو ته جسٽس گلزار جي فيصلي تي سپريم ڪورٽ وڃڻ جون ڳالهيون ڪندڙ تاريخ نه وسارين نسلا ٽاور جي فيصلي تي عملدرآمد جو انجام سڀني جي سامهون آهي. قادر مندوخيل دڙڪندي چيو ته سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به غير آئيني قدم کي برداشت نه ڪيو ويندو

بقايا 17 روزاني عبرت

آهي ته خالد مقبول صديقي جي پريس ڪانفرنس مان واضح ٿئي ٿو ته هو شديد ذهني دٻاءُ جو شڪار آهن خالد مقبول صديقي جو ذهني دٻاءُ سمجهڻ جوڳو آهي، پر ان جو علاج رڳو وفاقي وزير صحت وٽ آهي. ناصر حسين شاهه چيو ته متحده جي پاڻمرادو جوڙيل قيادت جڏهن به پريس ڪانفرنس ڪندي آهي ته شديد ناراض ۽ فرسٽيٽڊ نظر ايندي آهي اها فرسٽيشن سندن سياسي اڪيلائي ۽ سياسي بي وسيءَ جي عڪاسي ڪري ٿي هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي پاڻمرادو ۽ نام نهاد قيادت نه ته ڪراچي جي عوام جي چونڊيل آهي ۽ نه ئي ان وٽ حقيقي سياسي نمائندگي آهي متحده جي نام نهاد قيادت صوبي کي نه پر ڪراچي جي عوام واپار، امن ۽ خوشحالي کي يرغمال بڻائڻ جون ڳالهيون ڪري رهي آهي صوبائي وزير چيو ته ڪراچي جا ماڻهو سندن چهرا ۽ ماضي چڱيءَ ريت سڃاڻن ٿا، ان ئي سبب شهرين کين رد ڪري ڇڏيو آهي کين اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ گهرجن جيڪي سندن سوچ سمجهه، فهم ۽ سياسي قد کان مٿاهيون هجن ناصر حسين شاهه چيو ته فاروق ستار موجوده متحده جو ٻارهون رانديگر آهي، جيڪا هاڻي متحده رهي ناهي هن چيو ته سنڌ ورهائجي نه سگهندي، پر مان متحده کي ورهائبو ضرور ڏسي رهيو آهيان. متحده مان "م" ۽ "ح" الڳ ٿي ويندا، باقي "ف" فتني وانگر ڦرندو رهندو ناصر حسين شاهه چيو ته متحده جي غير متحد ماڻهن کي سمجهڻ گهرجي ته ڪراچي جو عوام پاڪستان پيپلز پارٽي سان گڏ آهي ڪراچي جا عوام محبت، ڀائيچاري، امن ۽ ترقي جي سفر سان گڏ آهن. هاڻي سندن متحده سان ڪو به واسطو ناهي

بقايا 18 روزاني عبرت

صورت عالم طور ٿي آهي ڊاڪس ٿاڻي جي هيڊ محرر شاهد موجب مقتول کي گهر پرسان مبينا طور ٽارگيٽ ڪري فائرنگ جو نشانو بڻايو ويو فائرنگ جي نتيجي ۾ هاشم کي سيني ۾ به گوليون لڳيون جيڪي جان ليوا ثابت ٿيون اطلاع موجب فائرنگ وقت مقتول سان گڏ هڪ ٻيو شخص به ويٺل هو پر جوابدارن فائرنگ شروع ڪئي ته اهو شخص فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي، جتان 9 ايم ايم پسٽول جو هڪ خول پڻ هٿ ڪيو ويو پوليس موجب واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي مقتول جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته فائرنگ جي واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 19 روزاني عبرت

ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ضلعي سينٽرل پوليس جي ترجمان موجب لياقت آباد سوڪا گرائونڊ، اعظم نگر پرسان هٿياربندن سان مقابلي ڪانپوءِ خرم ولد شهريار ۽ محمد ثاقب ولد عبدالصمد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان ٻه 30 بور پسٽول، 4 زنده ڪارتوس، موبائل فون، روڪ رقم ۽ ڳاڙهي رنگ جي هونڊا 125 موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي پوليس جو چوڻ آهي ته خرم وٽان هٿ آيل موٽرسائيڪل گلستان جوهر جي حدن مان ڦر ڪئي وئي هئي، جنهن جو ڪيس گلستان جوهر ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي جڏهن ته محمد ثاقب وٽان هٿ آيل موبائل فون لياقت آباد ۾ ايل پي جي گئس جي دڪان تي ڦر دوران کسيو ويو هو پوليس رڪارڊ موجب ٻنهي گرفتار جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل آهن پوليس مقابلي بابت لياقت آباد ٿاڻي تي وڌيڪ ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ٻئي طرف سپر مارڪيٽ پوليس جو قنبال گرائونڊ، سي ون ايريا، الياس گوٺ پرسان هٿياربندن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن دوران ڪاشف ولد اشفاق نالي جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدار وٽان 30 بور پسٽول لوڊ ميگزين ۽ 2 زنده ڪارتوس هٿ ڪيا ويا، جڏهن ته سندس ساٿي موٽرسائيڪل تي فرار ٿي ويو هو ڏانهن ضلعي اوڀر پوليس جي ترجمان موجب گلشن اقبال بلاڪ 7 ۾ مبينا ڌاڙيلن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ اڪرم غني ولد خير غني کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جوابدار وٽان غيرقانوني پسٽول، گولا بارود ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته سندس اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي ٻئي طرف بن قاسم اسٽيل مل پل پرسان پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي ضلعي مليرپوليس جي ترجمان موجب مقابلي دوران ارشاد علي ولد قربان علي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو پوليس موجب گرفتار جوابدار وٽان پسٽول سميت ڪارتوس ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي

بقايا 20 روزاني عبرت

کي گمراهه ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي سعديه جاويد چيو ته آئين ۾ نون صوبا ٺاهڻ جو طريقو واضح طور لکيل آهي پر گهٽين ۽ پاڙن ۾ نفرت ڦهلائي ملڪ کي ورهائڻ جي اجازت نٿي ڏني سگهجي آئيني شقون وفاق کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آهن ايم ڪيو ايم وانگر ملڪ کي لساني بنيادن تي ورهائڻ لاءِ نه هن سوال ڪيو ته جيڪڏهن ايم ڪيو ايم کي آئين جو ايترو ئي احترام آهي ته پوءِ آئين جي روح يعني 18هين ترميم تي حملا ڇو ڪيا وڃن ٿا؟ سعديه جاويد چيو ته ايم ڪيو ايم جو "صوبو ڪارڊ" حقيقت ۾ سندن سياسي ڊيواليئي جي آخري ڪوشش آهي. فليش لائيٽن جي سامهون ريهي نقشن کي تبديل ڪرڻ جا خواب ڏسڻ بند ڪيا وڃن هن چيو ته مصطفيٰ ڪمال جو "22 هزار ارب رپين" وارو انگ رڳو سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڊجيٽل اسٽنٽ آهي ايم ڪيو ايم جيڪو نفرت جو چورن ڏهاڪن کان وڪرو ڪندي رهي، اهو هاڻي ايڪسپائر ٿي چڪو آهي سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته سنڌ جي ورهاست جون ڳالهيون ڪندڙ پهريان پنهنجي ٽٽل صفن کي ته گڏ ڪن خالد مقبول صديقي جو "قومي ڊائلاگ" اصل ۾ اقتدار جي ايوانن ۾ داخل ٿيڻ جو شارٽ ڪٽ آهي هن چيو ته سوشل ميڊيا جي دور ۾ هاڻي جذباتي نعرن ذريعي نوجوانن کي بيوقوف نٿو بڻائي سگهجي ايم ڪيو ايم جو سڄو بيانيو رڳو ٻن لفظن جي چوڌاري گهمي ٿو: تعصب ۽ بليڪ ميلنگ. سعديه جاويد چيو ته جن وٽ پنهنجو ڪو سياسي ايجنڊا ناهي، اهي آئين جي 18هين ترميم کي نشانو بڻائي رهيا آهن ڪراچي جا ووٽر هاڻي پريس ڪانفرنس جي اسڪرپٽ تي نه پر ڪارڪردگي جي بنياد تي فيصلو ڪن ٿا. هن دهرائيندي چيو ته سنڌ جي ڌرتي کي جاگرافيائي ليڪن ذريعي ورهائڻ جي خواهش ڪڏهن به پوري نه ٿيندي مصطفيٰ ڪمال شهر کي بدترين قرار ڏيڻ کان اڳ پنهنجي دور جي اڌورن منصوبن جو حساب ڏين سنڌ حڪومت جي ترجمان وڌيڪ چيو ته ايم ڪيو ايم جي سياست جو فيوز اڏامي چڪو آهي هاڻي اها رڳو هيڊ لائنن ۾ زنده رهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي آهي هن چيو ته سنڌ جي شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ فرق پيدا ڪرڻ ملڪ دشمني جي برابر آهي سپريم ڪورٽ جو نالو وٺي عوام کي ڊيڄارڻ جو دور گذري چڪو آهي هاڻي قانون جي حڪمراني آهي سعديه جاويد چيو ته جاگيرداري جا طعنا ڏيندڙن جي پنهنجي سوچ سخت آمراڻي ۽ جاگيرداراڻي آهي ايم ڪيو ايم وٽ نه ڪو معاشي پلان آهي ۽ نه ئي ڪراچي جي ترقي جو ڪو حقيقي ماڊل هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي هر شهري جي حقن جي ضامن آهي، ڪنهن کي به نفرت ڦهلائڻ جو لائسنس نه ڏينداسين سعديه جاويد آخر ۾ چيو ته ايم ڪيو ايم پاڪستان هاڻي ماضي جو قصو بڻجي چڪي آهي، جنهن جو مستقبل جي سياست ۾ ڪو ڪردار ناهي

بقايا 21 روزاني عبرت

لک 64 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 2 لک 63هزار 700 ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 31 هزار 500 ڪيوسڪ آهي خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 2 لک 83 هزار ڪيوسڪ جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 36 هزار 800ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 7 هزار ڪيوسڪ آهي جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 87 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 75 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1550 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.580 مليين ايڪڙ فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1211.30 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 4.977 مليين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.285 مليين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 22 روزاني عبرت

صحت جي شعبي ۾ نمايان خدمتن عوامي ڀلائي لاءِ ڪيل ڪوششن ۽ پنهنجي پيشوراڻي توڙي انسان دوست سرگرمين ذريعي پاڪستان جي مثبت تشخص کي اجاگر ڪرڻ تي اهو اعزاز ڏنو ويو ڊاڪٽر محمد ڪامل ميمڻ جو هي اعزاز نه رڳو سندس ذاتي خدمتن ۽ ڪاميابين جو اعتراف آهي پر ميمڻ برادري، سنڌ ۽ سموري پاڪستان لاءِ پڻ وڏي فخر ۽ خوشي جو مقام آهي هن شاندار قومي اعزاز تي ميمڻ برادري ۽ سنڌ واسين پاران ڊاڪٽر محمد ڪامل ميمڻ کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي وئي آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي آهي ته هو مستقبل ۾ پڻ صحت، انسانيت ۽ عوامي ڀلائي جي شعبن ۾ پنهنجي خدمتن جو سلسلو جاري رکندو

بقايا 23 روزاني عبرت

24 حساس وادين ۾ 286 اڳواٽ خبردار ڪندڙ نظام لڳائي رهيو آهي ته جيئن برفاني ندين جي ڦاٽڻ سان ايندڙ ٻوڏ ۽ ٻين موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ جي تياري جو منصوبو ٺاهي سگهجي ويلٿ پاڪستان کي مليل هڪ سرڪاري دستاويز موجب موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي رابطن واري وزارت اڳواٽ خبردار ڪندڙ نظام گلوف جي خطرن ۾ گهٽتائي ۽ گليشيئرز جي تحفظ لاءِ ڪيترائي قدم شروع ڪيا آهن گلوف ٽو منصوبي ۾ شامل 24 وادين مان 18 گلگت بلتستان ۽ 6 خيبر پختونخوا ۾ واقع آهن دستاويز موجب منصوبي جي مجموعي لاڳت 3 ڪروڙ 70 لک ڊالر آهي وزارت پاران کنيل قدمن ۾ گلوف ٽو تحت لڳايل اڳواٽ خبردار ڪندڙ نظام کي فعال ڪري پاڪستان ميٽرولوجيڪل ڊپارٽمينٽ جي حوالي ڪرڻ به شامل آهي گلوف ٽو کان علاوه سسٽين ايبل ايڪشن فار ايڪو سسٽم ريسٽوريشن ان پاڪستان منصوبي تحت به 5 اڳواٽ خبردار ڪندڙ نظام شامل آهن جن مان 4 گلگت بلتستان ۽ هڪ خيبر پختونخوا ۾ آهي دستاويز موجب انهن نظامن جي لاڳت 18 لک 60 هزار ڊالر آهي جڏهن ته سيفر منصوبي جي مجموعي لاڳت هڪ ڪروڙ ڊالر آهي ڪي پي ڪي ۾ بونير ۽ شانگلا منصوبي تحت وڌيڪ 2 اڳواٽ خبردار ڪندڙ نظام شامل آهن جن مان هڪ بونير ۽ هڪ شانگلا ۾ قائم ڪيو ويندو انهن نظامن جي لاڳت 4 لک 50 هزار ڊالر ٻڌائي وئي آهي جڏهن ته پوري منصوبي جي مجموعي لاڳت 90 لک ڊالر آهي. ٻئي پاسي نيشنل ايڊاپٽيشن پلان منصوبي تحت سڄي ملڪ ۾ لڳل سمورن اڳواٽ خبردار ڪندڙ نظامن جو جائزو به ورتو ويندو

بقايا 24 روزاني عبرت

جي اپيل ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق گڏيل قومن جي انساني معاملن ۽ هنگامي امداد بابت انڊر سيڪريٽري جنرل جي ڪوآرڊينيٽر ٽام فليچر چيو آهي ته وائرس هر 30 منٽن ۾ هڪ ماڻهو جي جان وٺي رهيو آهي هن ان ويا کي رڪارڊ تي سڀني کان تيزي سان ڦهلجندڙ ويا قرار ڏيندي عالمي برادري تي زور ڀريو ته وائرس جي وڌيڪ ڦهلاءَ کان اڳ پنهنجون ڪوششون تيز ڪري. صحت جي عالمي اداري مطابق اها ويا بنڊي بوگيو ايبولا وائرس نالي قسم سبب ڦهلجي آهي ۽ جمهوريه ڪانگو جي تاريخ ۾ سڀني کان وڏي ۽ تيزي سان ڦهلجندڙ ويا بڻجي چڪي آهي جمهوريه ڪانگو جي مواصلات واري وزارت ۽ ميڊيا پاران چنچر تي جاري تازن انگن اکرن مطابق فوت ٿي ويلن جو تعداد 2214 ٿي ويو آهي جڏهن ته تصديق ٿيل ڪيسن جو مجموعي انگ 4727 آهي اهڙي طرح ڪيسن ۾ موت جي شرح اٽڪل 46.8 سيڪڙو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

گم آهن پرڏيهي ميڊيا نيشنل يونٽ فار ڊيزاسٽر رسڪ مئنيجمينٽ پاران انگن اکرن جي حوالي سان ٻڌايو ته زلزلي سبب 115461 ماڻهو متاثر ٿيا آهن رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته 66 عمارتون ڊهي چڪيون آهن جڏهن ته 14493 گهر مڪمل طور تباهه ۽ 81506 کي نقصان پهتو آهي رپورٽ مطابق حڪومت عالمي امداد جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي اداري ٻڌايو ته ڪولمبيا جي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت هن وقت تائين متاثر ناهي ٿي جڏهن ته اختياريون اضافي عالمي امداد جي ضرورت جو مسلسل جائزو وٺي رهيون آهن

بقايا 26 روزاني عبرت

جي خلاف آپريشن ڪيو ۽ ان دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي مختلف ٺڪاڻن کي گهيرو ڪيو ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪئي سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته دهشتگرد ٽن ٽولين جي صورت ۾ علائقي ۾ موجود هئا، جن سان شديد فائرنگ جو تبادلو ٿيو شديد فائرنگ جي نتيجي ۾ 10 دهشتگرد مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا آپريشن کان پوءِ سيڪيورٽي فورسز علائقي ۾ سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن تيز ڪري ڇڏيو آهي ۽ فرار ٿيل دهشتگردن جي ڳولا پڻ شروع ڪري ڇڏي آهي سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو ۽ چيو ته آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين تعاقب جاري رهندو دهشتگرد عنصرن کي انهن جي منطقي انجام تائين پهچائڻ لاءِ سڀئي ضروري قدم کنيا ويندا ٻئي طرف ضلعي خاران ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران انٽيليجنس تي ٻڌل ڪامياب آپريشن ۾ ست دهشتگرد مارجي ويا. رد الفتنه 3 تحت سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي خاران جي علائقي لجي ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن ڪيو آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز فتنه الخوارج جي 7 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿي پيا. سيڪيورٽي ذريعن موجب، دهشتگردن جي ٺڪاڻن مان جديد هٿيار وڏي مقدار ۾ گولا بارود، ٻيو جنگي سامان 2 گاڏيون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آپريشن دوران فتنه الخوارج دهشتگردن جا ٺڪاڻا پڻ مڪمل طور تي تباهه ڪيا ويا. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته دهشتگرد خاران ۽ لجي ۾ لٽ مار ڀتا خوري، اغوا ، ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ خودڪش حملن جي منصوبابندي ۾ ملوث هئا. سيڪيورٽي فورسز آپريشن رد الفتنه 3 تحت بلوچستان ۾ دهشتگردي کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ لاءِ ڪارروائيون جاري رکيون ويون آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب دهشتگردن جو تعاقب آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جاري رهندو ۽ انهن کي منطقي انجام تائين پهچائڻ لاءِ سڀئي ضروري قدم کنيا ويندا ان سلسلي ۾ صدر آصف علي زرداري ته پرڏيهي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن خلاف ڪارروايون قومي سلامتي جي تحفظ لاءِ ضروري آهن هن چيو ته پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي انٽيليجنس تي ٻڌل ڪامياب آپريشن ۾ 17 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي تعريف ڪئي آهي محسن نقوي سيڪيورٽي فورسز جي پيشه ورانه صلاحيتن جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته دهشتگردي خلاف وڙهندڙ بهادر پٽ اسان جو فخر آهن

بقايا 27 روزاني عبرت

تيل جي هارجڻ جا فوٽو شامل ڪيا ۽ ان واقعي جو ذميوار هڪ پرڏيهي جهاز کي قرار ڏنو هن لکيو ته اهو واقعو خطي جي ملڪن جي سامونڊي ڪناري وارن علائقن ۾ گدلاڻ جو رڳو هڪ مثال آهي هن چيو ته گدلاڻ گذريل ڪجهه ڏهاڪن دوران نار فارس ۽ عمان سمنڊ جي پاڻين سان گڏوگڏ خطي جي سامونڊي ماحولياتي نظام کي خراب ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايران جي سامونڊي ڪناري وارن علائقن جي سامونڊي ماحولياتي نظام کي ڪروڙين ڊالرن جو نقصان پهچايو آهي هن چيو ته واپاري سامونڊي آپريشنز ۾ ملوث سمورين ڌرين کي خطي ۾ ان گدلاڻ کي صاف ڪرڻ جي قانوني ۽ اخلاقي ذميواري قبول ڪرڻي پوندي

بقايا 28 روزاني عبرت

14 سيپٽمبر کان شروع ٿيندي، جيڪا 17 سيپٽمبر تائين جاري رهندي پرڏيهي ميڊيا موجب يونيسڪو ۽ مملڪت جي اداري سعودي ڊيٽا اينڊ آرٽيفيشل انٽيلي جنس اٿارٽي ۽ اي آءِ ريسرچ اينڊ ايٿڪس بابت انٽرنيشنل سينٽر جي گڏيل ڪوشش سان اها ڪانفرنس 14 کان 17 سيپٽمبر تائين جاري رهندي اها ڪانفرنس سعودي عرب جي عالمي حيثيت تي وڌندڙ اعتماد جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ مصنوعي ذهانت جي ذميوارانه استعمال ۽ مصنوعي ذهانت جي استعمال ۾ اخلاقي رخن بابت ڪوششن ۾ مملڪت جي قيادت کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جو ذريعو آهي يونيسڪو پاران جاري بيان ۾ چيو ويو ته يونيسڪو جي ميمبر ملڪن مصنوعي ذهانت جي اخلاقيات بابت سفارشن تي عملدرآمد لاءِ هڪ اهم پليٽ فارم آهي جنهن تحت مصنوعي ذهانت بابت پاليسيون ريگيوليٽري فريم ورڪ ۽ اداره جاتي سڌارن جي ترقي ۾ تجربن جي حمايت ڪئي ويندي آهي اها ڪانفرنس پاليسي سازن عالمي اڳواڻن ماهرن ۽ عالمي تنظيمن جي نمائندن کي به هڪ پليٽ فارم فراهم ڪري ٿي ته جيئن ڳالهين کي مضبوط بڻائڻ سان گڏوگڏ مصنوعي ذهانت جي استعمال جي عملي پائيدار نقط نظر کي هٿي وٺائي سگهجي

بقايا 29 روزاني عبرت

روسي فوج يوڪريني گادي واري هنڌ ڪيف ۾ فائر پوائنٽ نالي ڪمپني کي نشانو بڻايو جيڪا زمين کان فائر ڪيل ڪروز ميزائلن فليمنگو لاءِ اوزان وار هيڊز ۽ نوس بارڻ واري بوسٽر تيار ڪرڻ واري ڪمپني آهي روسي فوج گادي واري شهر ڪيف ۾ يوڪرين ڊفينس ڪمپني کي به نشانو بڻايو آهي روسي فوج پولٽاوا علائقي ۾ ڪريمينچگ آئل ريفائنري کي نشانو بڻايو. روسي فوج ڊنيپرو پيٽروسڪ علائقي ۾ ڪريوي رگ جي اسٽيل بڻائڻ وارين سهولتن کي نشانو بڻايو جيڪا هٿيارن ۽ فوجي اوزارن لاءِ ورلڊ اسٽيل تيار ڪندي آهي روسي اختيارين مطابق روسي فضائي دفاعي فوج بيلگورود، برائنسڪ، ولاديمير وولگوگراد، وورونين ڪالوگا، ڪورسڪ لپيتسڪ نيزنيونوگورود، اوريول روستوو ريازان تيمبوف ۽ تولا علائقن ماسڪو ڪراسنودار علائقي ۽ ڪريميا کانسواءِ ازوف سمنڊ ۽ اسود سمنڊ جي مٿان اڏامندڙ 822 يوڪريني ڊرونز کي تباهه ڪري ڇڏيو روسي دفاع واري وزارت مطابق اها ڪارروائي 15 آگسٽ تي ماسڪو جي وقت مطابق رات جو 8 وڳي کان 16 آگسٽ جي صبح 8 وڳي تائين ڪئي وئي

بقايا 30 روزاني عبرت

پاڪستان جي اڳواڻن خالد مقبول صديقي، مصطفيٰ ڪمال ۽ ڊاڪٽر فاروق ستار چيو آهي ته پاڪستان جي ترقي ۽ بهتر حڪمراني لاءِ وڌيڪ انتظامي يونٽن جي ضرورت آهي صوبن جي قيام بابت آئيني طريقيڪار تحت ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي، جڏهن ته اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ لاءِ آرٽيڪل 140-اي تي عملدرآمد ضروري آهي بهادرآباد ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪزي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي خالد مقبول صديقي چيو ته ايم ڪيو ايم مسلسل عملي قدم کڻندي رهي آهي. جڏهن ته شاگردن جي جماعت مان جنم وٺندڙ هن تحريڪ وڏو ڪم ڪيو آهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم مڊل ڪلاس ۽ لوئر مڊل ڪلاس جي ماڻهن کي ايوانن تائين پهچايو پر اهو ئي اسان جو ڏوهه قرار ڏنو ويو خالد مقبول صديقي چيو ته ملڪ ۾ ضلعا ۽ ڊويزن ٺاهيا ويا آهن پر نوان صوبا نه ٺاهيا ويا. سندس چوڻ هو ته اسان جي مطالبي سان مختلف جماعتون به آواز ۾ آواز ملائي رهيون آهن اسان چاهيون ٿا ته سڀئي پنهنجي پنهنجي سياسي جماعتن کان ٻاهر نڪري ڳالهين جي ميز تي اچن ۽ صوبن جي قيام بابت سنجيده ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي هن چيو ته 18هين ترميم جي حمايت ان اميد سان ڪئي وئي هئي ته ان جا ثمر هيٺين سطح تائين پهچندا، پر اڄ سڄي ملڪ ۾ آرٽيڪل 140-اي تي ڳالهه ٿي رهي آهي خالد مقبول صديقي چيو ته سپريم ڪورٽ جو فيصلو ملڪ جي سمورين يونين ڪائونسلن لاءِ آهي هن وڌيڪ چيو ته صوبا ٺاهڻ هاڻي پاڪستان جي ضرورت بڻجي چڪو آهي. آئين ۾ صوبا ٺاهڻ جو طريقو واضح ٿيل آهي، صوبا ٺاهڻ ڪو ڏوهه ناهي. البت اهي ڪهڙي طريقي سان ٺهندا، ان تي ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي هن چيو ته سپريم ڪورٽ سان رجوع ڪنداسين ته عدالت جي فيصلي جي توهين ڇو ڪئي وئي

بقايا 31 روزاني عبرت

نئون صوبو نه ٺهڻ گهرجي ايم ڪيو ايم جا خالد مقبول صديقي، فاروق ستار يا مصطفيٰ ڪمال پنهنجي علائقي مان ڪائونسلر به چونڊجي نٿا سگهن پر سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. پنهنجي جاري ڪيل وڊيو پيغام ۾ ايم ڪيو ايم جي چيئرمين خالد مقبول صديقي جي سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن بابت پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي سعيد غني چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ ٻئي تي گوليون هلائيندڙ ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ هاڻي ٻيهر پريس ڪانفرنس ڪري سنڌ ۾ نئين صوبي جي تجويز آڻن ۽ ان تي عملدرآمد جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم طرفان اها ڪا نئين ڳالهه ناهي ڪئي وئي پر شايد هو اهو وساري ويٺا آهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي، کانسواءِ سنڌ ۾ مختلف وقتن تي چونڊجي آيل ٻين سياسي جماعتن به سنڌ اسيمبلي مان ڪيتريون ئي قراردادون منظور ڪرايون آهن جن ۾ واضح ڪيو ويو ته سنڌ ۾ نئين صوبي جي ضرورت ناهي هن چيو ته انهن مان ڪيترن ئي موقعن تي ايم ڪيو ايم جا نمائندا پڻ اسيمبلي ۾ موجود رهيا، پر انهن انهن قراردادن جي مخالفت نه ڪئي البت ڪجهه مهينا اڳ آيل اهڙي قرارداد جي ايم ڪيو ايم جي ڪجهه نمائندن مخالفت ڪئي هئي. صوبائي وزير چيو ته خالد مقبول صديقي آئيني طريقيڪار بابت به هڪ عجيب ڳالهه ڪئي آهي آئين موجب ڪنهن صوبي ۾ نئون صوبو ٺاهڻ لاءِ پهريان لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي مان به ٻه ٽهائي اڪثريت سان قرارداد منظور ٿيڻ ضروري آهي، جنهن کانپوءِ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ به آئيني ترميم به ٻه ٽهائي اڪثريت سان منظور ٿيڻ سان نئون صوبو وجود ۾ اچي سگهي ٿو ته سعيد غني چيو ته خالد مقبول صديقي جو چوڻ آهي ته جنهن صوبي ۾ نئون صوبو ٺاهڻو هجي، ان صوبي جا ماڻهو ان بابت فيصلو نه ڪن پر ڪو ٻيو فيصلو ڪري هن چيو ته اها ڳالهه انتهائي عجيب ۽ بي معنيٰ آهي جيڪڏهن پنجاب ۾ نئون صوبو ٺاهڻو هجي ته ڇا سنڌ جا ماڻهو فيصلو ڪندا؟ جيڪڏهن خيبر پختونخوا ۾ نئون صوبو ٺاهڻو هجي ته ڇا بلوچستان جا ماڻهو فيصلو ڪندا؟ ۽ جيڪڏهن بلوچستان ۾ نئون صوبو ٺاهڻو هجي ته ڇا سنڌ جا ماڻهو فيصلو ڪندا؟ هن چيو ته عام عقل جي ڳالهه آهي ته جنهن صوبي اندر اهڙو فيصلو ٿيڻ گهرجي، اتي جي عوام پنهنجي چونڊيل نمائندن ذريعي اهو فيصلو ڪري ان کان بهتر طريقو ٻيو ڪو نٿو ٿي سگهي سعيد غني چيو ته سنڌ ۾ نئون صوبو ٺاهڻ جو آئيني اختيار سنڌ جي عوام وٽ آهي جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو فيصلو ڪن ته نوان صوبا ٺاهڻ گهرجن ته پوءِ ان جو احترام ڪيو ويندو پر جيڪڏهن سنڌ جا عوام گڏجي هڪ آواز ٿي چون ته کين سنڌ جي ورهاڱي يا نئين صوبي جي ضرورت ناهي ته ڪنهن ٻئي صوبي يا علائقي جي ماڻهن کي اهو فيصلو ڪرڻ جو اختيار نٿو ڏئي سگهجي. صوبائي وزير چيو ته کيس يقين آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي کانسواءِ سنڌ ۾ سياست ڪندڙ تقريباً سموريون سياسي جماعتون به سنڌ ۾ نئين صوبي جي قيام جي مخالفت ڪنديون سواءِ ايم ڪيو ايم جي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن صوبي جي عوام يا سياسي جماعتن جي وڏي اڪثريت ان ڳالهه تي متفق هجي ته نئين صوبي جي ضرورت ناهي ته انهن تي ڪو جبري فيصلو مڙهي نٿو سگهجي پنجاب جي صورتحال بابت ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته پنجاب جو معاملو مختلف آهي ڇاڪاڻ ته پنجاب اسيمبلي هڪ نه پر ٻن نون صوبن بابت قرارداد منظور ڪري چڪي آهي. هن چيو ته مسلم ليگ (ن) جي حڪومت دوران ان وقت جي وزيراعليٰ شهباز شريف ۽ نواز شريف جون تقريرون موجود آهن جن ۾ پنجاب ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه ڪئي وئي هئي ته پنجاب اسيمبلي ۾ موجود مختلف سياسي جماعتن گڏيل اتفاق راءِ سان بهاولپور ۽ ڏکڻ پنجاب نالي ٻن نون صوبن جي قيام بابت قرارداد منظور ڪئي هئي جيڪڏهن پنجاب جي عوام ۽ پنجاب اسيمبلي کي نون صوبن جي قيام تي اعتراض ناهي ته سنڌ يا

ڪنهن ٻئي صوبي جي ڪنهن شخص کي اهو حق حاصل ناهي ته هو پنجاب وڃي فيصلو ڪري ته اتي نوان صوبا ٺهڻ گهرجن يا نه سعيد غني چيو ته ساڳي ڳالهه خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان تي پڻ لاڳو ٿئي ٿي جيڪڏهن خيبر پختونخوا ۾ ڪو نئون صوبو ٺاهڻو آهي ته اهو فيصلو اتي جي عوام جو حق آهي اهڙي طرح بلوچستان بابت به فيصلو بلوچستان جي عوام کي ئي ڪرڻو آهي هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن ٻئي طريقيڪار ذريعي سنڌ جي عوام تي ڪو فيصلو زبردستي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته موجوده ملڪي حالتن ۾ اها ڳالهه ڪنهن به صورت ۾ مناسب نه هوندي هن چيو ته هن وقت ملڪ کي سياسي استحڪام ۽ قومي يڪجهتي جي ضرورت آهي جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ رهندڙ ماڻهن وچ ۾ نفرتون ۽ فاصلا پيدا ڪرڻ يا خدا نه ڪري لساني فسادن جي سازش ڪئي وئي ته ان سان ملڪ کي ناقابل تلافي نقصان پهچڻ جو خطرو آهي ايم ڪيو ايم جي سياست تي تنقيد ڪندي سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم جي بدقسمتي اها رهي آهي ته ماضي ۾ هن نفرت جي سياست ڪئي ۽ هاڻي ٻيهر شهر کي ساڳئي سياست ڏانهن ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هن چيو ته ڪراچي جي روڊن، سيوريج ۽ بنيادي مسئلن بابت ايم ڪيو ايم جي اعتراضن کي مڪمل طور رد نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته اهي مسئلا موجود ٿي سگهن ٿا، پر انهن مسئلن جي بنياد تي اهو چوڻ ته شهر تباهه ٿي ويو آهي ۽ دنيا جو ناقابل رهائش شهر بڻجي ويو آهي، مناسب ناهي سعيد غني چيو ته اهي ئي ماڻهو اڄ ڪراچي جي روڊن ۽ گٽرن بابت ڳالهيون ڪري رهيا آهن جن جي دور ۾ شهر ۾ هفتن تائين هڙتالون ٿينديون رهيون، ڀتا خوري جون شڪايتون رهيون، بيگناهه ماڻهن جون جانيون ضايع ٿيون ماڻهن کي ساڙڻ جا واقعا پيش آيا ۽ ڪاروبار ۽ صنعت کي نقصان پهچايو ويو هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن روڊ تي ڪم صحيح ناهي ٿيو ڪٿي ٽوڪ ناهي يا ڪنهن علائقي ۾ صاف پيئڻ جو پاڻي موجود ناهي ته انهن مسئلن تي تنقيد ضرور ڪئي وڃي، پر انهن مسئلن کي بنياد بڻائي سنڌ ۾ نفرتون پيدا ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي سعيد غني ايم ڪيو ايم کي مخاطب ٿيندي چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت سان اختلاف آهن ته حڪومت تي ڀرپور تنقيد ڪئي وڃي، حساب ڪتاب ڪرڻو آهي ته ڪيو وڃي پر سنڌ جي امن ۽ سنڌ ۾ رهندڙ مختلف ماڻهن وچ ۾ محبت ۽ ڀائيچاري کي سياسي نفرت جي ور نه چاڙهيو وڃي هن چيو ته هن وقت ايم ڪيو ايم جي سياست مرده گهوڙي وانگر ٿي وئي آهي. هن دعويٰ ڪئي ته مصطفيٰ ڪمال، فاروق ستار ۽ خالد مقبول صديقي جهڙا اڳواڻ جيڪڏهن اڄ چونڊ وڙهڻ لاءِ وڃن ته پنهنجي علائقي مان ڪائونسلر به چونڊجي نه سگهندا. صوبائي وزير چيو ته جن جي سياسي حيثيت اها رهجي وئي هجي اهي سنڌ ۾ نوان صوبا ٺهڻ يا نه ٺهڻ بابت فيصلو نٿا ڪري سگهن اهو مڪمل طور سنڌ ۾ رهندڙ عوام جو اختيار آهي سعيد غني چيو ته جيڪو شخص آئيني طريقيڪار آزمائڻ چاهي ٿو اهو ضرور آزمائي ڏسي جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو پاڻ فيصلو ڪن ته سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ گهرجن ته ان جو احترام ڪيو ويندو پر جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو گڏجي اهو فيصلو ڪن ته کين سنڌ جي ورهاڱي يا نئين صوبي جي ڪا ضرورت ناهي ته پوءِ ڪنهن ٻئي علائقي يا صوبي جي ماڻهن کي اهو فيصلو ڪرڻ جو اختيار نٿو ڏئي سگهجي

بقايا 32 روزاني عبرت

انگ وڌي 51 ٿي ويو آهي، جڏهن ته اٽڪل 5 هزار ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب صحت واري نائب وزير بينجمن پالوس اوڪداويانوس هڪ اجلاس ۾ ٻڌايو ته اوڀر صوبي نوساتنگارا ۾ چنچر ڏينهن آيل زلزلي سبب روڊ بند ٿي ويا ۽ مٽيءَ جون ڇپون ڪرڻ جا واقعا پيش آيا جڏهن ته 113 ماڻهو زخمي ٿي پيا. زلزلي کان پوءِ اٽڪل 341 آفٽر شاڪس به رڪارڊ ڪيا ويا. ڊزاسٽر مينيجمينٽ ايجنسي موجب سڪا جي علائقي ۾ 3300 کان وڌيڪ ماڻهن محفوظ هنڌن ڏانهن رخ ڪيو ڪجهه متاثر ڊهيل گهرن ٻاهران ترپالن سان ٺاهيل عارضي خيمن ۾ رهڻ تي مجبور ٿيا جڏهن ته سامونڊي ڪناري واري شهر ساميري ۾ ڪجهه زخمين جو علاج اسپتال کان ٻاهر لڳل خيمن ۾ ڪيو ويو

بقايا 33 روزاني عبرت

"لالا" جي اثر هيٺ شديد برساتن ٻوڏ ۽ مٽيءَ جون ڇپون ڪرڻ جو خدشو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب هوائي ٻيٽ کي 1992ع کان پوءِ پهريون ڀيرو اهڙي قسم جي طوفان کي منهن ڏيڻو پيو آهي اهو سامونڊي طوفان هوائي ٻيٽ جي سامونڊي ڪناري واري پٽي جي ويجهو موجود آهي 130 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هلندڙ هوائن سان گڏ ان سامونڊي طوفان جي شدت ۾ اضافو ٿي ويو آهي بدترين صورتحال ۾ ان سامونڊي طوفان جي اثر هيٺ بگ آئي لينڊ تي 63 سينٽي ميٽرن تائين برسات ٿي سگهي ٿي رپورٽ موجب بگ آئي لينڊ کان علاوه ماڻوئي ڪائونٽي او آهو ڪائونٽي ۽ نيهائو جا علائقا طوفان سبب متاثر ٿي سگهن ٿا.

بقايا 34 روزاني عبرت

سيڪيورٽي ڪارروائين جي نتيجن مان معلوم ٿيو آهي ته هڪ هفتي دوران يعني 6 کان 12 آگسٽ جي عرصي ۾ رهائش، ليبر ۽ بارڊر سيڪيورٽي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي 14 هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو سعودي عرب جي گهرو وزارت ٻڌايو ته اقامه قانون جي ڀڃڪڙي تي 7216 ماڻهن، بارڊر سيڪيورٽي قانون جي ڀڃڪڙي تي 3843 ۽ ليبر قانون جي ڀڃڪڙي تي 3483 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو سعودي گهرو وزارت مملڪت اندر سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ اٽڪل 1457 ماڻهن کي گرفتار ڪيو انهن گرفتار ٿيل ماڻهن ۾ 32 سيڪڙو يمني شهري، 67 سيڪڙو ايٿوپيائي شهري ۽ هڪ سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکندڙ هئا. گهرو وزارت غيرقانوني طور تي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش ۾ سرحد پار ڪندڙ اٽڪل 19 ماڻهن جي گرفتاري جو انڪشاف ڪيو آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

خاص ڪري گڏيل قومن تي زور ڀريو آهي ته هو علائقي جي خراب ٿيندڙ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کڻي ڇاڪاڻ ته ڀارت جو رياستي ڏاڍ ۽ ڪشمير تڪرار جو حل نه ٿيڻ ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ سلامتي لاءِ سنگين خطرو آهي ڪشمير ميڊيا سروس موجب ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس جي ترجمان ايڊووڪيٽ عبدالرشيد منهاس سرينگر ۾ جاري بيان ۾ چيو ته عالمي برادري کي جمون ڪشمير ۾ ڀارت پاران جاري رياستي دهشتگردي کان لاتعلق نه رهڻ گهرجي هن چيو ته ڪشمير ڀارت جو اندروني معاملو ناهي پر عالمي سطح تي تسليم ٿيل هڪ تڪرار ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ امڪاني ايٽمي فليش پوائنٽ آهي حريت ترجمان چيو ته ڏکڻ ايشيا ۾ ڊگهي عدم استحڪام ۽ ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ ڪشمير تڪرار جو منصفاڻو حل ضروري آهي. هن عالمي طاقتن تي زور ڀريو ته هو صورتحال جي سنگيني کي سمجهن ۽ بحران کي روڪڻ لاءِ فوري قدم کڻن هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن عالمي طاقتون وقت سر ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام رهيون ته ڪشمير تڪرار ايٽمي جنگ جو سبب بڻجي سگهي ٿو ترجمان عالمي برادري کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي خاموشي ختم ڪري، ڀارت کي جمون ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙيون بند ڪرڻ تي مجبور ڪري ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل ٺهراون ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب ڪشمير تڪرار جي پرامن حل ۾ سهولت فراهم ڪري

بقايا 36 روزاني عبرت

بينچ جي حڪم تي پي سي آر ڊبليو آر ۽ ماحوليات کاتي جي ٽيم وڪيل اڳواڻن سان گڏ خانپورمهر پهچي شهر جي مختلف هنڌن تان پيئڻ جي پاڻي جا نمونا ورتا. پاڻي جي جاچ دوران خانپورمهر ۾ مجموعي طور 4700 ٽي ڊي ايس رڪارڊ ڪيو ويو جنهن تي وڪيل اڳواڻن ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته پاڻي ۾ ٽي ڊي ايس جي اهڙي بلند سطح صحت لاءِ سخت نقصانڪار ٿي سگهي ٿي وڪيل اڳواڻن شاهنواز وسير ۽ واحد بخش پيٽو جو چوڻ هو ته گهوٽڪي ضلعي ۾ صنعتي ادارن ۽ فيڪٽرين مان نڪرندڙ زهريلي پاڻي سبب زميني پاڻي جي صورتحال خراب ٿي رهي آهي جنهن جي نتيجي ۾ مختلف خطرناڪ بيمارين ۾ اضافو ٿيڻ جو خدشو آهي.هنن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تحت ضلعي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پاڻي جي چڪاس جو عمل جاري آهي جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ زميني پاڻي جي حالت انتهائي خراب هجڻ جا خدشا سامهون اچي رهيا آهن وڪيل اڳواڻن موجب خانپورمهر ۾ اڄ پاڻي جي نموني ۾ 4700 ٽي ڊي ايس رڪارڊ ٿيڻ صورتحال جي سنگيني کي ظاهر ڪري ٿو ۽ پاڻي جي معيار بابت وڌيڪ جامع جاچ ۽ عملي قدمن جي ضرورت آهي.پاڻي جا نمونا حاصل ڪرڻ بعد پي سي آر ڊبليو آر ۽ ماحوليات کاتي جي ٽيم واپس روانو ٿي وئي حاصل ڪيل نمونن جي تفصيلي ليبارٽري رپورٽ سامهون اچڻ ڪانپوءِ پاڻي جي معيار بابت وڌيڪ صورتحال واضح ٿيڻ جو امڪان آهي

بقايا 37 روزاني عبرت

پوليس پاران رڪاوٽون بيهارڻ ۽ شيلنگ باوجود هزارين ماڻهو گورنر هائوس تائين پهچي ويا. پوليس ڌرڻي جي شرڪت ڪندڙن کي روڪڻ ۽ منتشر ڪرڻ لاءِ شيلنگ ڪئي پر ڪارڪن منتشر ٿيڻ بدران عزم ۽ حوصلي سان بيٺل رهيا. جماعت اسلامي ڪراچي جو امير منعم ظفر خان پڻ ڪارڪنن سان گڏ موجود رهيو ۽ کين پرامن رهڻ ۽ پنهنجي موقف تي ڏٽيل رهڻ جي هدايت ڪئي ڌرڻي ۾ خاص طور نوجوانن ۾ زبردست جوش ۽ جذبو ڏٺو ويو ۽ پيٽرول ليوي ٽيڪس ختم ڪرڻ لاءِ پرجوش نعريبازي ڪئي وئي. منعم ظفر خان سنڌ حڪومت ۽ پوليس کي خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن طاقت جي زور تي ڌرڻو روڪڻ يا تشدد جو رستو اختيار ڪيو ويو ته ان جا سمورا ذميوار حڪمران هوندا. هن چيو ته ڌرڻو هر صورت ۾ جاري رکيو ويندو جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي 7 آگسٽ جي ملڪ گير احتجاج کان پوءِ احتجاج جي ٻئي مرحلي ۾ اڄ 16 آگسٽ تي پنجاب جي وڏي وزير هائوس ۽ سنڌ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جي گورنر هائوسز آڏو ڌرڻن جو آغاز ڪيو ويو ڪراچي ۾ شهر جي مختلف ضلعن مان قافلا ضلعن جي اميرن ۽ ٻين ذميوارن جي اڳواڻي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ پرسان مسجد خضرا وٽ گڏ ٿيا، جتان جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان جي اڳواڻي ۾ پيدل مارچ ڪندي پريس ڪلب کان ٿيندا گورنر هائوس ڏانهن روانا ٿيا. گورنر هائوس آڏو هزارين شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي منعم ظفر خان چيو ته پيٽروليم ليوي جي نالي تي وصول ڪيو ويندڙ گرو ٽيڪس هر صورت ۾ واپس وٺڻو پوندو ۽ آءِ پي پيز جي نالي تي ٿيندڙ عوام دشمن ڌنڌو ختم ڪرڻو پوندو هن چيو ته حڪمران ٻڌي ڇڏين ته جماعت اسلامي سندن تعاقب جاري رکندي، سڄي ملڪ ۾ جاري ڌرڻا حڪمرانن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪندا. منعم ظفر خان چيو ته پيٽرول جي وڌندڙ قيمتن سبب هر شهري ۽ زندگي جي هر شعبي سان لاڳاپيل ماڻهو سخت متاثر ٿي رهيا آهن عام نوجوان ۽ شاگرد به روزانو هر ليٽر پيٽرول تي لڳ ڀڳ 130 رپيا پيٽرول ليوي ٽيڪس ادا ڪري رهيو آهي جماعت اسلامي جو ڌرڻو هر نوجوان، شاگرد ۽ شهري جي دل جي آواز ۽ ترجماني ڪري ٿو هن چيو ته جماعت اسلامي آءِ پي پيز مافيا خلاف سڄي ملڪ ۾ آواز بلند ڪيو آهي، جڏهن ته ڪي اليڪٽرڪ جي عوام دشمن پاليسين بابت به ڪراچي جي عوام کي آگاهه ڪيو ويو هن چيو ته انهن ادارن ذريعي عوام جي کيسن تي ڌاڙو هنيو وڃي ٿو هن وڌيڪ چيو ته حڪمران پنهنجا شاهانا خرچ گهٽائڻ بدران عوام تي ٽيڪس مٿان ٽيڪس لاڳو ڪري رهيا آهن. فارم 47 وارا حڪمران اسيمبلي ۾ ويهي هڪ ٻئي جي مفادن جو تحفظ ڪري رهيا آهن هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف وزيراعظم ٿيڻ کان اڳ چوندو هو ته ڪراچي کي پيرس بڻائيندس ۽ پاڻي جو مسئلو حل ڪندس، پر وزيراعظم بڻجڻ کان پوءِ جڏهن ڪراچي آيو ته 24 ڪلاڪ وڌيڪ گاڏين جي پروٽوڪول سان آيو ۽ هليو ويو هن چيو ته فارم 47 جي پيداوار حڪمرانن جو موضوع عوامي مسئلا نه پر پاڻ ۾ فرينڊلي اپوزيشن آهي. جماعت اسلامي ڪراچي جي عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ شهر جي ساڍا ٽي ڪروڙ عوام جي حقن ۽ ڊگهي عرصي کان هلندڙ مسئلن جو حل چاهي ٿي منعم ظفر خان چيو ته جماعت اسلامي جي جدوجهد پاڪستان جي عوام کي ظلم جي نظام مان ڪڍڻ جي تحريڪ آهي. ڌرڻي کي جماعت اسلامي ڪراچي جي نائب امير ۽ ڪي ايم سي ۾ اپوزيشن ليڊر سيف الدين ايڊووڪيٽ، ڪراچي جي سيڪريٽري توفيق الدين صديقي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر محمد فاروق، ايئرپورٽ ضلعي جي امير محمد اشرف، ڪورنگي ضلعي جي امير مرزا فرحان بيگ، گلبرگ سينٽرل ضلعي جي امير ڪامران سراج، اولهه ضلعي جي امير مدثر انصاري ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو هزارين شرڪت ڪندڙ پرامن طور گورنر هائوس آڏو موجود آهن ۽ ڌرڻو جاري آهي

بقايا 38 روزاني عبرت

اسرائيلي هائوس سري ۾ عوام جا مسئلا ٻڌا مسئلا حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو گيانچند اسرائيلي عوام سان ڳالهائيندي چيو ته پ پ عوامي پارٽي آهي عوام جي خدمت تي يقين رکان ٿو هن چيو ته سري جي عوام سان جيڪي به واعدا ڪيا پ پ جي حڪومت ۾ پورا ڪيا ويا آهن گيانچند اسرائيلي چيو ته منهنجو جيئڻ مرڻ پ پ ۽ غريب عوام سان آهي پري پري کان آيل ماڻهن کان ترقياتي مختلف اسڪيمن جون درخواستون وصول ڪيون عوام سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي آفيس جا دروازا غريب توڙي امير ماڻهن لاءِ ڏينهن رات کليل آهن غريب عوام سان رت جا رشتا آهن جڏهن ته عوام جي وڏي هجوم سان سري ۾ مختلف هنڌن تي هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو دوري دوران ٺيڪيدار انجنيئر کي سختي سان هدايت ڪئي ته ترقياتي اسڪيمن ۾ تيزي سان ڪم ڪري عوام سان بيچيني دور ڪئي وڃي گيانچند اسرائيلي ڳوٺ عارب چناڻي خاصخيلي کي ڏنل پيئڻ جي ملهي بورڻ سولرسسٽم تيار ٿيڻ تي ڳوٺاڻن کي مبارڪون ڏنيون بعد ۾ سري جي بازار ۾ پيوسي سي بلاڪ جو هلندڙ ڪم جو جائزو ورتو انهي موقعي تي سري شهرواسين طرفان لونگين جا تحفا ڏنا ويا بعد ۾ هو ڪراچي روانو ٿي ويو

بقايا 39 روزاني عبرت

جي علائقائي سالميت جي تحفظ جو مطالبو ڪري ٿي سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (ساٿا) جي ايمرجنسي جنرل باڊي گڏجاڻي جيڪا 15 آگسٽ 2026 ع تي منعقد ٿي ان ۾ متفقه طور تي هڪ جامع قرارداد منظور ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي علائقائي سالميت کي ورهائڻ، ٽوڙڻ، ٽڪرا ڪرڻ يا تبديل ڪرڻ لاءِ ڪنهن به تجويز سياسي اقدام، قانون سازي، آئيني ترميم، انتظامي بندوبست يا ٻئي ڪنهن به قدم کي مڪمل طور تي رد ڪيو ويو سنڌ جي ورهاست بابت تازن تجويزن بيانن ۽ سياسي پيش رفتن تي تفصيلي غور و فڪر کان پوءِ جنرل باڊي اهو اعلان ڪيو ته سنڌ لازمي طور تي هڪ متحد ۽ ورهايل نه رهڻ گهرجي. ساٿا جي جنرل باڊي تصديق ڪئي ته سنڌ هڪ تاريخي وطن آهي، جنهن جي هزارين سالن تي پکڙيل هڪ منفرد جاگرافيائي ثقافتي لسانياتي ۽ تهذيبي سڃاڻپ آهي ان ۾ زور ڏنو ويو ته سنڌ جي علائقائي سالميت سنڌي عوام جي تاريخ سڃاڻپ، ورثي ۽ اجتماعي شعور کان جدا ناهي ۽ ان جو احترام ۽ تحفظ ٿيڻ گهرجي ساٿا پاڪستان جي سمورن آئيني ادارن چونڊيل نمائندن سياسي جماعتن ۽ سرڪاري عملدارن کي اپيل ڪئي ته صوبائي حدن ۾ ڪنهن به تبديلي کي منظم ڪندڙ آئيني تحفظات جو احترام ڪيو وڃي تنظيم زور ڏنو ته سنڌ جي علائقائي سالميت يا حدن کي متاثر ڪندڙ ڪو به اقدام آئين جمهوري اصولن ۽ سنڌ جي عوام جي آزادانه اظهار ٿيل مرضي جي مڪمل پيروي کان سواءِ نه ڪيو وڃي جنرل باڊي، سنڌ کي لسانياتي نسلي سياسي انتظامي يا ڪنهن به مصنوعي بنياد تي ورهائڻ جي ڪوشش کي مڪمل طور تي رد ڪيو ساٿا چيو ته سنڌ تي ان جي سمورن مستقل رهاڪن جو برابر حق آهي ٻولي نسل، مذهب، فرقي يا سياسي وابستگي کان قطع نظر ۽ ڪنهن به برادري جي جائز مسئلن کي جمهوري نظام وسيلن جي برابر ورهاست، مؤثر مقامي حڪومت ۽ شهري ۽ سياسي حقن جي تحفظ ذريعي حل ڪيو وڃي نه ڪي سنڌ کي ٽوڙڻ ذريعي ته ساٿا سنڌ ۾ رهندڙ سمورن برادرين کي اپيل ڪئي ته اهي هڪ پرامن، خوشحال جمهوري ۽ متحد سنڌ ۾ پنهنجي گڏيل مفاد کي سڃاڻن ساٿا جي جنرل باڊي خاص طور تي ٻيهر تصديق ڪئي ته ڪراچي سنڌ جو هڪ لازمي ۽ ناقابل عليحدگي حصو آهي تاريخي، جاگرافيائي، آئيني، معاشي ۽ ثقافتي طور تي ساٿا ڪراچي حيدرآباد يا سنڌ جي ڪنهن به ٻئي شهر ضلعي يا علائقي کي عليحدا ڪرڻ جي ڪنهن به تجويز کي مڪمل طور تي رد ڪيو خواهه اهو الڳ صوبي، وفاقي علائقي يا ڪنهن به ٻئي انتظامي بندوبست ذريعي ڇو نه هجي ساٿا، سنڌ اسيمبلي جي هر رڪن کي سياسي وابستگي کان قطع نظر اپيل ڪئي ته اهي سنڌ جي علائقائي سالميت، آئيني حقن، وسيلن ۽ تاريخي سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ پنهنجي ذميواري نڀائين ساٿا سنڌ اسيمبلي کي زور ڏنو ته اها هڪ واضح قرارداد منظور ڪري، جنهن ۾ تصديق ڪئي وڃي ته سنڌ متحد رهندو ۽ ان جي ورهاست يا علائقائي ٽڪراءَ لاءِ هر تجويز کي رد ڪيو وڃي ته ان آئيني وڏي سنڌ جي هر چونڊيل نمائندي کي اپيل ڪئي ته اهي جماعتي يا ذاتي سياسي مفادن کان مٿي سنڌ جي مفادن ۽ علائقائي سالميت کي رکن ساٿا قومي اسيمبلي سينيٽ آف پاڪستان، وفاقي حڪومت ۽ سمورين قومي ۽ صوبائي سياسي جماعتن جي قيادت کي به اپيل ڪئي ته اهي سنڌ جي علائقائي سالميت سان پنهنجي وابستگي جو ظاهري اظهار ڪن ۽ سنڌ کي ورهائڻ يا ٽوڙڻ لاءِ کنيل ڪنهن به قدم جي حمايت کان پاسو ڪن ساٿا پاڪستان جي سياسي اڳواڻن کي زور ڏنو ته اهي نسلي ٽڪراءَ علائقائي ورهاست يا پاڪستان جي عوام جي وچ ۾ دشمني کي فروغ ڏيندڙ لهجي کي رد ڪن جنرل باڊي سنڌي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سمورين ٻين برادرين کي اپيل ڪئي ته اهي سنڌ جي علائقائي سالميت جي دفاع ۾ متحد، پرامن هوشيار ۽ جمهوري ۽ آئيني ذريعن سان پابند رهن ساٿا نفرت، تشدد، نسلي ٽڪراءَ ۽ اشتعال انگيز لهجي کي رد ڪيو زور ڏيندي ته سنڌ جو دفاع لازمي طور تي پرامن جمهوري، جامع ۽ آئيني رهڻ گهرجي تنظيم واضح ڪيو ته ان جي جدوجهد ڪنهن به ٻولي، نسل مذهب يا برادري خلاف نه آهي، پر سنڌ جي اتحاد، حقن، عزت ۽ علائقائي سالميت ۽ سنڌ کي پنهنجو گهر سڏيندڙ سمورن ماڻهن جي برابر حقن لاءِ آهي ساٿا سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين ۽ سنڌي تنظيمن کي اپيل ڪئي ته اهي سنڌ جي علائقائي سالميت، آئيني حقن ثقافتي ورثي، ٻولي، قدرتي وسيلن ۽ جمهوري مفادن جي حمايت ۾ هڪ متحد ۽ ذميوار آواز اڀارين تنظيم پرامن وڪالت، عوامي آگاهي، علمي شموليت، جمهوري ادارن سان رابطي ۽ دنيا ڀر ۾ سنڌي تنظيمن جي وچ ۾ تعاون تي زور ڏنو جنرل باڊي انهن قوتن، فردن، تنظيمن ۽ مفادن جي سختي سان مذمت ڪئي، جيڪي ساٿا جي نظر ۾، سياسي، معاشي، آبادياتي يا ٻين مفادن لاءِ سنڌ کي ورهائڻ، ٽوڙڻ يا ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ساٿا انهن ڪوششن تي سخت تشويش جو اظهار ڪيو جيڪي سنڌ جي عوام جي اجتماعي سياسي آواز کي ڪمزور ڪري سگهن ٿيون يا سنڌ جي زمين، قدرتي وسيلن، شهرن، ساحل پاڻي ۽ ٻين اثاثن تي ضابطي جو سبب بڻجي سگهن ٿيون ان سنڌ جي چونڊيل قيادت، سول سوسائٽي، دانشورن اديبن صحافين شاگردن پيشيور ماڻهن ۽ سڄي دنيا جي سنڌي ڊاياسپورا کي اپيل ڪئي ته اهي، جڏهن به سنڌ جي علائقائي سالميت، وسيلن سڃاڻپ يا آئيني حقن کي ڪو خطرو هجي، تڏهن گڏجي پنهنجو آواز اٿارين ساٿا جي جنرل باڊي 23 مارچ 1940ع جي تاريخي لاهور قرارداد جي اهميت کي به ٻيهر تصديق ڪئي جنهن ۾ خودمختياري ۽ خودمختيار اڪائين جو تصور شامل هو ساٿا وفاقي حڪومت، پارليامينٽ، سياسي جماعتن ۽ سمورن آئيني ادارن کي اپيل ڪئي ته اهي لاهور قرارداد جي پويان موجود وفاقي روح جو احترام ڪن حقيقي صوبائي خودمختياري کي مضبوط ڪن فيڊريٽنگ يونٽس جي علائقائي سالميت جو احترام ڪن ۽ اهو يقيني بڻائين ته سنڌ جا آئيني، سياسي، ثقافتي لسانياتي، معاشي ۽ وسيلن جا حق مڪمل طور تي محفوظ رهن ساٿا اڳتي وڌي اعلان ڪيو ته فيڊريٽنگ يونٽس جي قيمت تي اختيارن جي مرڪزيت، صوبائي وسيلن تي قبضو يا سنڌ جي تاريخي حدن کي تبديل ڪرڻ جون ڪوششون وفاقيت جي اصولن ۽ انهن واعدن جي روح جي خلاف آهن جن تي پاڪستان جو بنياد رکيو ويو هو جنرل باڊي جي قرارداد ۾ محسن نقوي کي سندس وفاقي سرڪاري عهدي تان فوري طور تي هٽائڻ جو به مطالبو ڪيو ويو اهو چوندي ته وفاقي حڪومت اهڙي قيادت مقرر ڪري، جيڪا سنڌ ۽ ٻين سمورن فيڊريٽنگ يونٽس جي علائقائي سالميت، آئيني حقن، خودمختياري ۽ تاريخي سڃاڻپ لاءِ غير مبهم احترام ظاهر ڪري ساٿا زور ڏنو ته ڪو به وفاقي عهديدار جنهن جا بيان عمل، پاليسيون يا سياسي طرزعمل سنڌ جي علائقائي سالميت لاءِ وفاقي حڪومت جي وابستگي تي عوامي اعتماد کي متاثر ڪن اهڙي شخص کي قومي اختيار جي عهدي تي جاري رهڻ نه گهرجي ساٿا وفاقي حڪومت ۽ پارليامينٽ کان اهو به مطالبو ڪيو ته اهي واضح يقين ڏيارين ته سنڌ کي ورهائڻ يا ڪراچي، حيدرآباد يا سنڌ جي ڪنهن به ٻئي علائقي کي الڳ ڪرڻ جي مقصد سان کنيل ڪا به تجويز اقدام آئيني بندوبست، انتظامي قدم يا سياسي منصوبو منظور يا حمايت نه ڪئي ويندي

بقايا 40 روزاني عبرت

بوسال کي هلال امتياز سان نوازڻ تي مبارڪون ڏنيون آهن چنچر ڏينهن ناٿي واري وزارت مان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته امداد الله بوسال کي هي قومي اعزاز ملڪ لاءِ ساراهه جوڳيون خدمتون ادا ڪرڻ جي اعتراف ۾ ڏنو ويو آهي بيان ۾ چيو ويو ته هلال امتياز ان جي محنت، پيشيورانه صلاحيتن ۽ عوامي خدمت جي عزم جو قابل فخر اعتراف آهي

بقايا 41 روزاني عبرت

اڄ شام سومر ڏينهن 4 وڳي پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيندو جنهن جي صدارت سينيٽ جو چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڪندو صدر مملڪت آصف علي زرداري آئين جي آرٽيڪل 54 (1) تحت سينيٽ جو اجلاس اڄ 17 آگسٽ تي طلب ڪيو آهي اجلاس ۾ ملڪي ۽ عالمي معاملن تي غور ڪيو ويندو جڏهن ته سينيٽ ۾ اهم قومي معاملا ۽ قانونسازي به بحث هيٺ ايندي

بقايا 42 روزاني عبرت

پيپلز پارٽي جي اميدوار اسفنديار ڪرل 28049 ووٽ حاصل ڪري پهرئين نمبر تي جڏهن ته آزاد اميدوار ايڊووڪيٽ سيد تصوير حسين مهدي 903 ووٽ حاصل ڪري ٻئي نمبر تي جڏهن ته محمد موسي برڙو تحريڪ لبيڪ جو اميدوار 809 ووٽ حاصل ڪري 3 نمبر تي آيو آهي ضمني چونڊ جي نتيجن ڪانپوءِ پ پ پ اميدوار اسفنديار ڪرل جي حامين پاران خوشي جو اظهار ڪيو ويو جڏهن ته مختلف هنڌن تي ڪارڪنن ۽ ووٽرن طرفان ڪاميابي تي مبارڪبادون ڏيڻ جو سلسلو پڻ جاري رهيو واضح رهي ته مٿي ڄاڻايل انگ اکر فراهم ڪيل پولنگ اسٽيشنن جي نتيجن تي ٻڌل آهن

بقايا 43 روزاني عبرت

ايجنٽ امتياز لاشاري سميت ڪافي ماڻهو کي ٻسٽني ٻڙڪو ڏئي موبائيل کڻي ويا جڏهن ته مبارڪون ڏيندڙن جا ٻئي هٿ مٿي اچي ويا ۽ ٻسٽني موبائيل کڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا . هوڏانهن پي ايس 30 جي ٽڪ ۾ اليڪشن ڊيوٽي تان ڳوٺ ڏي ويندڙ موٽر سائيڪل تي تسليم کهڙو کي نامعلوم هٿيار بندن موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مذمت ڪرڻ تي هٿيارٻندن گوليون هڻي موٽر سائيڪل سوار تسليم کهڙو کي شديد زخمي ڪري فرار ٿي ويا علائقي واسين زخمي کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو .

بقايا 44 روزاني عبرت

تي آسپاس جي مختلف پولنگ اسٽيشنن تي ضمني چونڊ جو عمل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ووٽن جي ڳڻپ جا نتيجا سامهون اچي ويا آهن جن موجب پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوار بئريسٽر اسفنديار ڪرل ڪيترين ئي پولنگ اسٽيشنن تي واضح برتري حاصل ڪئي سگهيون هاءِ اسڪول پ پ پ 439 سگهيون پرائمري اسڪول پ پ پ 259 ريسٽ هائوس سگهيون پ پ پ 383 قاضي پيا پ پ پ 333 رسول بخش هيسباڻي پولنگ 497 گوٺ محمود چنه پ پ پ 773 پڪا ڊينو ڪلهوڙو پولنگ پ پ پ 652 محمد سليمان ڪلهوڙو پ پ پ 730 گوٺ بچل بنيرو پ پ پ 900 گوٺ رڪراڻي پ پ پ 690 هنگورجا پ پ پ 2100 سوڀو ڏيرو پ پ پ 1580 گمبٽ اسٽيشن پ پ پ 490 گهوڙا 21 پولنگ اسٽيشن پ پ پ ڪامياب 4000 ووٽ راڻيپور ٽائون مڪمل پ پ پ 2000 ووٽ کٽي ڪامياب اڳوڙا هاءِ اسڪول پولنگ اسٽيشن تي پ پ پ اميدوار اسفنديار ڪرل 622 ووٽ حاصل ڪيا، جڏهن ته الطاف حسين پلاڻ پولنگ اسٽيشن تي 942 ووٽ حاصل ڪري برتري ماڻي ساڳئي ريت شهاب الدين آرائين پولنگ اسٽيشن تي پ پ پ اميدوار اسفنديار ڪرل 786 ووٽ حاصل ڪيا، جڏهن ته جادو واهڻ پولنگ اسٽيشن تي 422 ووٽن ڪاميابي حاصل مبارڪ ڪلهوڙو پولنگ اسٽيشن تي پ پ پ اميدوار اسفنديار ڪرل 350 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي ٻئي طرف اڳوڙا ۽ پرياسي جي مختلف پولنگ اسٽيشنن تي آزاد اميدوارن جي ڪارڪردگي محدود رهي

هر موڙ تي پ پ صحافين سان گڏ بيٺل هوندي آهي:پير مجيب

صحافي قلم ذريعي مسڪينن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائين ٿا

دادو پريس ڪلب لاءِ 10 ڪلو واٽ سولر سسٽم لڳائڻ جو اعلان

دادو (ڊ ر) صحافي عوام جو اک ۽ ڪن بڻجي قلم ذريعي بي پهچ مسڪين ماروئڙن جو آواز ميڊيا ذريعي اعلي ايوانن تائين پهچائين ٿا اظهار راءِ جي آزادي ۽ رڪاوٽن خلاف هر موڙ تي پ پ صحافين سان گڏ بيٺل هوندي آهي اهڙو اظهار پ پ ضلعي دادو جي صدر ايم پي اي بيرسٽر پير مجيب الحق پريس ڪلب دادو ۾ ڏنل آجياڻي جي شاندار تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ۽ دادو پريس ڪلب لاءِ 10 ڪلو واٽ سولر سسٽم لڳائڻ جو اعلان ڪيو سيد محمد شاهه چيئرمين ضلع ڪائونسل 5 لک روپيه ڏيڻ جو اعلان ڪيو آجياڻي ۾ خطاب ڪندي بئريسٽر پير مجيب الحق چيو ته ملڪ ۽ قوم جي ترقي بهتريءِ جديد تعليم سان آهي اساتجي وڏن پير الاهي بخش، بابا پير مظهر الحق سنڌ اندر لاڪاليج، سنڌ يونيورسٽين ڪيڊٽ ڪاليج تعمير ڪرايا نوجوانن ،فيمليز ۽ معاشري کي براين مان ڪڍي صحتمند ماحول ڏيارڻ لاءِ پارڪ تعمير ڪرايا آهن سنڌ اندر پ پ ميرٽ تي 90 هزار نوڪريون ڏنيون آهن شهيد راڻي بينظير جي مشين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ نوجوان قيادت بلاول ڀٽو زرداري رات ڏينهن محنت ۾ آهي انشاء الله ايندڙ وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ ۽ جنرل سيڪريٽري گلڻ پنڌ چيو ته صحافي شديد تڪليفن باوجود عوام جي هر ڏک سک ۾ شامل آهن پيئڻ جو صاف پاڻي بجليءَ جي بدترين لوڊ شيڊنگ گئيس بحران گندگيءَ جي آزار ڪان وٺي امن امان سماجي براين جي نشاندهي ڪندي چيو ته صحافي عوامسان ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف آواز اٿاري ٿي اتي سرڪار جي ترقياتي ڪمن ۽ بهتر قدمن جي پڻ نشاندهي ڪري صحافي ڪنهن جي ڌر ناهن هو غير جانبدار ٿي هر حال ۾ عوام جو پاسو هجن ٿا تقريب ۾ پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن پاران معزز مهمانن پير مجيب الحق، ضلع ڪائونسل دادو جي چيئرمين محمد شاهه پ پ تعلقي دادو جي صدر ايم. عمر پنهور ثاقب حسين مهيسر عدنان جويو رجب شاهاڻي احمد نواز سولنگي ياسر ٻبر نقاد ڦهيم حسين سولنگي شاهنواز ٻبر گردن جي ماهر ڊاڪٽر محمد خان ٻبر سپريم ڪورٽ جي وڪيل فهيم گهلو روزينه جتوئي شب روز ميراڻي سميت سياسي سماجي اڳواڻن شهرين واپارين کي سنڌ جون سوکڙيون پٽڪا اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا ڏنا ويا

دادو: پير مجيب ۽ ٻيا تقريب ۾ خطاب ڪندي

ڪامريڊ آرزو سنڌي مٿان سرڪاري مدعيت ۾ ايف آئي آر داخل

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد ٿاڻي تي آرزو جوکيو المعروف ڪامريڊ آرزو سنڌي مٿان سرڪاري مدعيت ۾ ايف آئي آر داخل، 14 آگسٽ آزادي واري ڏهاڙي تي اسلامي ملڪ پاڪستان خلاف نفرت انگيز پوسٽون سوشل ميڊيا تي پوسٽون رکڻ تي ملڪ سان بغاوت جو ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪيو ويو.

يونين ڪائونسل ٻارچاڻي جي ڳوٺن ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو

مسو ٻڳڙي (ن ع) يونين ڪائونسل ٻارچاڻي جي مرڪزي ڳوٺ طالب مولا ڪالوني،غلام مرتضا ٻداڻي،ڳوٺ علي محمد خاصخيلي سميت ٻين ڳوٺن ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو شام ٿيندي ئي مڇر ڳوٺن لاءِ آزار بڻجي ويا طالب مولا ڪالوني ۾ مڇرن سبب مالوند سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي گهريلو تدبيرون ڪرڻ لڳا جڏهن ڳوٺن ۾ ڪيترا معصوم ٻار عورتون مرد بيمارين ۾ ورتجي ويا مليريا،ڊائيريا،خارش سميت ٻين وبائي بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا هتان جي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته مڇرن سبب بيماريون وڌن پيون هتي علاج جي به سهولت ناهي پيو ته هن مهل تائين انتظاميا مڇر مار ڦوهارو نه ڪرايو آهي

بيگو ديرو شاخ ۾ پاڻي ڪٽ خلاف آبادگارن ۾ ڳڻتي،23 هزار ايڪڙ زمين غيرآباد ٿيڻ جو خدشو

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) بيگو ديرو شاخ ۾ پاڻي جي ڪٽ خلاف آبادگارن ۾ ڳڻتي، 23 هزار ايڪڙ زمين غيرآباد ٿيڻ جو خدشو،خيرپور ناٿن شاهه ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ آبپاشي کاتي جي مبينا نااهلي ۽ بيگو ديرو شاخ ۾ پاڻي جي شديد ڪٽ سبب هزارين آبادگارن ۽ هارين ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي آهي. يونين ڪائونسل ٻرڙا ۽ يونين ڪائونسل چنڊڻ جي لڳ ڀڳ 23 هزار ايڪڙ زرعي زمين غيرآباد ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو آهي، جنهن سبب هزارين خاندانن جي روزگار ۽ معاشي زندگي سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي.علائقي جي آبادگارن جو چوڻ آهي ته زرعي زمينن کي پاڻي نه ملڻ سبب فصلن جي پوک متاثر ٿي رهي آهي، جڏهن ته ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي ڪٽ پڻ سنگين صورتحال اختيار ڪري چڪي آهي

حيدرآباد ۾ پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ پاران جشنِ آزادي تقريب

تجديدِ وفا جو ڏينهن آهي،لازوال قربانين جي ياد ڏياريندو آهي:شڪيل غوري

افواج ملڪ جي سلامتي، خودمختياري ۽ روشن مستقبل جون ضامن آهن

حيدرآباد (پ ر) پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ سنڌ جي طرفان پاڪستان جي 79هين جشنِ آزادي جي موقعي تي غوري چلڊرن اڪيڊمي، نوراني بستي، حيدرآباد ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ نيرون ڪوٽ ٽائون جي چيئرمين منظار جتوئي، تنظيم جي چيئرمين شڪيل احمد غوري، يو سي 13 جي چيئرمين شاهد قريشي ڊاڪٽر اخلاق، ڊاڪٽر اقبال يوسفزئي عبدالمجيد وڌائي غيور غوري، تنظيم جي عهديدارن ميمبرن عورتن ۽ شهر جي معزز شخصيتن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي تنظيم جي چيئرمين شڪيل احمد غوري چيو ته 14 آگسٽ تجديدِ وفا جو ڏينهن آهي، جيڪو علامه اقبال جي خواب، قائداعظم محمد علي جناح جي مدبر قيادت ۽ لکين مسلمانن جي لازوال قربانين جي ياد ڏياريندو آهي جن جي نتيجي ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو هن چيو ته اسان کي پنهنجي افواج پاڪستان تي فخر آهي جيڪي ملڪ جي سلامتي، خودمختياري ۽ روشن مستقبل جون ضامن آهن.نيرون ڪوٽ ٽائون جي چيئرمين منظار جتوئي، ضلعي صدر جاويد جمال، وائيس چيئرمين محمد علي آزاد، ڊاڪٽر اخلاق ۽ ٻين مقررن چيو ته قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي دانائي ايمانداري ۽ مسلسل جدوجهد سان مسلمانن لاءِ هڪ آزاد وطن حاصل ڪيو هنن نوجوانن تي زور ڏنو ته هو پاڪستان جي ترقي، خوشحالي دفاع ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن.ضلعي جنرل سيڪريٽري سهيل سومرو سٽي صدر اياز قريشي ۽ ڊاڪٽر اقبال چيو ته اسين سڀ محب وطن پاڪستاني پنهنجي افواج سان گڏ بيٺل آهيون ۽ وطن عزيز جي دفاع لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.تقريب جي پڄاڻي تي پاڪستان جي 79هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو اڄ موقعي تي يو سي 13 جي چيئرمين شاهد قريشي کي يونين ڪائونسل ۾ بهترين ڪارڪردگي تي

حيدرآباد پاڪستان ڊفينس پيس موومينٽ پاران جشنِ آزادي تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽيو پيو

پاڪستان کي معاشي، سياسي ۽ سلامتيءَ جا چئلينج آهن: سليمان جي ابڙو

موجوده صورتحال ۾ معاشي بحاليءَ سان گڏ عام ماڻهوءَ جي معاشي حالتن کي بهتر بڻائڻ به ضروري آهي

قومي اتحاد ۽ گڏيل ذميواريءَ سان ئي پاڪستان کي خوشحاليءَ جي وڏيڪ مضبوط رستي تي آڻي سگهجي ٿو

حيدرآباد (پ ر) سافڪو گروپ پاران پاڪستان جو 79هون آزاديءَ جو ڏهاڙو ملهايو ويو تقريب ۾ سافڪو مائيڪروفنانس، سافڪو (سنڌ ايگريڪلچرل اينڊ فاريسٽري ورڪرس ڪوآرڊينيٽنگ آرگنائيزيشن) ۽ سافڪو سپورٽ فائونڊيشن جي ملازمن ۽ اعليٰ انتظامي عهديدارن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي سافڪو گروپ جي باني ۽ صدر ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو چيو ته پاڪستان پنهنجو 79هون آزاديءَ جو ڏهاڙو اهڙي وقت ملهائي رهيو آهي جڏهن ملڪ ڪيترن ئي اندروني ۽ ٻاهرين چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي، تنهنڪري موجوده حالتن ۾ قوم کي اتحاد ۽ يڪجهتي جي وڌيڪ ضرورت آهي هن چيو ته پاڪستان کي معاشي استحڪام سياسي اختلافن ۽ سلامتيءَ جي چئلينجن سان گڏ سرحدن تي حساس صورتحال کي به منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي معاشي استحڪام لاءِ حڪومت جي ڪوششن ۽ ڪجهه مثبت اڀراءَ باوجود ملڪ کي اڃا به مهانگائي، روزگار، عوام جي معاشي دٻاءَ ۽ پائيدار معاشي واڌ جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هن چيو ته موجوده صورتحال ۾ معاشي بحاليءَ جي عمل کي وڌيڪ مضبوط ۽ پائيدار بڻائڻ سان گڏ عام ماڻهوءَ جي معاشي حالتن کي بهتر بڻائڻ به ضروري آهي ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو چيو ته اهڙين حالتن ۾ معاشي استحڪام کي سياسي استحڪام امن ۽ سلامتيءَ کان ڌار ڪري نٿو ڏسي سگهجي ملڪ جي معاشي بحاليءَ جي سفر کي پائيدار بڻائڻ لاءِ حڪومت، نجي شعبي، سماجي ادارن ۽ شهرين کي پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن چيو ته قومي اتحاد ۽ گڏيل ذميواريءَ سان ئي پاڪستان کي موجوده چئلينجن مان ڪڍي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي وڌيڪ مضبوط رستي تي آڻي سگهجي ٿو هن چيو ته وچ اوڀر جو تڪرار سموري دنيا کي لپيٽ ۾ وٺڻ جي سگهه رکي ٿو جنهن جا اثر عالمي امن سان گڏ توانائي، واپار ۽ معيشت تي پڻ پئجي رهيا آهن پاڪستان پنهنجي دوست ملڪن جي سهڪار سان هن تڪرار کي ٿڌو ڪرڻ ۽ سفارتي رستو اختيار ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي ان سان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ چڪتاڻ گهٽائڻ جون راهون هموار ٿيون آهن هن چيو ته اهڙين حالتن ۾ پاڪستان جو سفارتي ڪردار علائقائي امن ۽ عالمي استحڪام لاءِ اهميت رکي ٿو تقريب کي سافڪو (سنڌ ايگريڪلچرل اينڊ فاريسٽري ورڪرس ڪوآرڊينيٽنگ آرگنائيزيشن) جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذيشان ميمڻ سافڪو گروپ جي عهديدارن عليينا سومرو هريش ڪمار ذوالفقار متقي رميز اقبال جٽ پرڪاش سنيل ڪمار نويد ميمڻ شوڪت ابڙو ابصار ابڙو ڪشف پٺي صنم مغل فلزا شيخ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو تقريب جي پڄاڻيءَ تي پاڪستان جي 79هين آزاديءَ جي ڏهاڙي جي مناسبت سان ڪيڪ ڪاٽيو ويو جڏهن ته سافڪو هيڊ آفيس جي ٻاهران پاڪستان جو قومي جهنڊو پڻ لهرايو ويو

حيدرآباد سافڪو پاران منعقد جشن آزادي تقريب ۾ سليمان جي ابڙو سيد سجاد علي شاهه ۽ ٻيا ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

شهدادڪوٽ ۾اسپيشل ٻارن پاران آزاديءَ جي ڏهاڙي تي شاندار ريلي

اسان هر سال آزاديءَ جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا آهيون:مقرر

شهدادڪوٽ (ڊ ر) اسپيشل ٻارن جو آزاديءَ جي ڏهاڙي تي شاندار ريلي، پاڪستان سان محبت جو شاندار اظهار،گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر شهدادڪوٽ پاران وائيس پرنسپال وقار احمد جاڳيراڻي جي اڳواڻي ۾ 14 آگسٽ، پاڪستان جي آزاديءَ جي ڏهاڙي جي حوالي سان اسپيشل ٻارن ۽ استادن جي شرڪت سان هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي.ريلي گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر شهدادڪوٽ کان شروع ٿي ڪوڪو موڪو چونڪ ۽ مين چونڪ شهدادڪوٽ تائين پهتي، جتي اسپيشل ٻارن ۽ استادن پاران پاڪستان سان محبت قومي يڪجهتي ۽ آزاديءَ جي جذبي جو شاندار اظهار ڪيو ويو.ريلي جي اڳواڻي وائيس پرنسپال وقار احمد جاڳيراڻي ڪئي، جڏهن ته سيد رياض شاهه، ميڊم فوزيه وڏو فاروق علي خشڪ، عبدالغني ٿهيم، عبدالوحيد پٺي سميت سينٽر جا ٻيا استاد ۽ عملي جا ميمبر پڻ وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا.ان موقعي تي وائيس پرنسپال وقار احمد جاڳيراڻي خطاب ڪندي چيو ته 14 آگسٽ اسان لاءِ انتهائي اهم ۽ تاريخي ڏينهن آهي، ڇاڪاڻ ته هن ئي ڏينهن اسان جو پيارو ملڪ پاڪستان آزاد ٿيو. اسان هر سال آزاديءَ جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا آهيون ۽ پنهنجي وطن سان محبت جو اظهار ڪندا آهيون.هن وڌيڪ چيو ته اسپيشل ٻار ڪنهن به صورت ۾ ٻين ٻارن کان گهٽ ناهن. انهن ۾ به بي شمار صلاحيتون موجود آهن ۽ جيڪڏهن کين مناسب موقعا، سهولتون ۽ همت افزائي فراهم ڪئي وڃي ته اهي پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.وائيس پرنسپال وقار احمد جاڳيراڻي چيو ته اڄ جي هيءَ ريلي ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته اسان جا اسپيشل ٻار به پاڪستان سان بي پناهه محبت ڪن ٿا ۽ ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو جذبو رکن ٿا.هن چيو ته گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر شهدادڪوٽ جو مقصد اسپيشل ٻارن کي تعليم، تربيت، بحالي ۽ معاشري ۾ باعزت مقام حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر موقعا فراهم ڪرڻ آهي

شهدادڪوٽ اسپيشل ايجوڪيشن جي طرفان 14 آگسٽ جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

آفيس آف دي مختيارڪار (روينيو) تعلقو جوهي

No. Mukh/- 1328 of 2026 Johi

Dated: 16-07-2026

عنوان: ري-رائيٽ (ڀيهر لکڻ) لاءِ سروي نمبرز جي اشاعت

حوالو: گيزيٽ ليٽر نمبر. 08/Mis/R.W/BOR/2024Rev-I(II) 129 Dated 28-02-2025

هن بابت، هي جمع ڪرايو ويو آهي ته نگراني ڪندڙ لاڳاپيل تپيدارن/ تپيدار ذريعي هن عنوان معاملي بابت انڪوائريز منعقد ڪيون ويون، ريڪارڊ جي تصديق ڪانپوءِ جنهن رپورٽ ڪيو آهي ته ديهه نالي تپو شادمان تعلقو جوهي ۾ سروي نمبرز جا ڪاتيدار هيٺ طور آهن:

شمارو نمبر	نالو	حصو	سروي نمبرز علائقن سان گڏ	انٽري نمبر
01	پهريون پائي خان ولد Dhingano جمالي حصو 39.50 پئسا ٻيون حاجي عرضي ولد جيئون حصو 10 پئسا ٽيون دائود ولد جيئون حصو 10 پئسا چوٿون ڏتي بخش ولد جيئون حصو 9.75 پئسا پنجون عيسو ولد جيئون حصو 9.75 پئسا ڇهون بخشو ولد مانو جمالي حصو 10 پئسا ستون الياس ولد سوزل جمالي حصو 10 پئسا	سمورو	279 ايڪڙ (9-37) 280 ايڪڙ (4-15)	No. 42 of VF: VII:A تاريخ 01-01-2013
02	جان محمد ولد بالاچ روديناڻي حصو 33.34 پئسا ٻيون خان محمد ولد بالاچ Rodenani حصو 33.34 پئسا ٽيون الله رکيو ولد بالاچ روديناڻي حصو 33.34 پئسا	سمورو	11 ايڪڙ (7-10)	No. 41 of VF: VII: A تاريخ 01-01-2017
03	پهريون هارون ولد ساوڻ روديناڻي حصو 50 پئسا ٻيون لونگ ولد شاهي خان حصو 50 پئسا	سمورو	43 ايڪڙ (7-01) 45 ايڪڙ (6-29) 46 ايڪڙ (6-02) 47 ايڪڙ (5-38)	No. 40 of VF: VII:A تاريخ 01-01-2013
04	پهريون هارون ولد سانوڻ روديناڻي حصو 37 پئسا ٻيون دلو ولد سانوڻ روديناڻي حصو 11.50 پئسا ٽيون حاجي ڪشمير ولد سانوڻ روديناڻي حصو 7.50 پئسا چوٿون حاجي بخشل ولد سانوڻ روديناڻي حصو 3.50 پئسا پنجون لونگ ولد صاحب خان حصو 4.50 پئسا ڇهون علي شير ولد لونگ حصو 4.50 پئسا ستون علي اڪبر ولد بهاول حصو 10.34 پئسا اٺون اصغر ولد بهاول حصو 10.33 پئسا نائون محمد عرس ولد بهاول حصو 10.33 پئسا	سمورو	682 ايڪڙ (5-30) 683 ايڪڙ (4-18) 685 ايڪڙ (96-35)	No. 42 of VF: VII:A تاريخ 01-01-2013
05	هارون ولد سانوڻ	سمورو	48 ايڪڙ (2-38)	No. 41 of VF: VII: A تاريخ 01-01-2017
06	پهريون هارون ولد سانوڻ روديناڻي حصو 27 پئسا ٻيون دلو ولد سانوڻ روديناڻي حصو 11.50 پئسا ٽيون حاجي ڪشمير ولد سانوڻ روديناڻي حصو 7.50 پئسا چوٿون حاجي بخشل ولد سانوڻ روديناڻي حصو 3.50 پئسا پنجون Tooq علي ولد هارون حصو 9.50 پئسا ڇهون لونگ ولد صاحب خان حصو 24 پئسا ستون علي شير ولد لونگ حصو 4.50 پئسا اٺون علي اڪبر ولد بهاول حصو 4 پئسا نائون اصغر ولد بهاول حصو 4 پئسا ڏهون محمد عرس ولد بهاول حصو 4 پئسا	سمورو	680 ايڪڙ (6-08) 681 ايڪڙ (6-02) ڪل ايراضي 10-12 ايڪڙ	No. 40 of VF: VII:A تاريخ 01-01-2013
07	حاجي Tooq علي ولد مينهون جمالي حصو 25 پئسا ٻيون حاجي قابل ولد سومر جمالي حصو 16.67 پئسا ٽيون حاجي حمزا ولد سومر جمالي حصو 16.67 پئسا چوٿون Jham خان ولد جان محمد جمالي حصو 16.66 پئسا پنجون محمد حسن ولد Tooq علي حصو 12.50 پئسا ڇهون شفيع محمد ولد لال بخش حصو 12.50 پئسا	سمورو	379 ايڪڙ (4-23)	No. 39 of VF: VII:A تاريخ 01-01-2013
08	پهريون حاجي علي ولد سعيد جمالي حصو 50 پئسا ٻيون ڏتي بخش ولد جيئون جمالي حصو 50 پئسا	سمورو	445 ايڪڙ (5-31)	No. 38 of VF: VII:A تاريخ 01-01-2013
09	نور محمد ولد شاهه علي جمالي حصو پورو	سمورو	96 ايڪڙ (8-00)	No. 32 of VF: VII:A تاريخ 31-12-2012
10	پهريون نور محمد ولد شاهه علي جمالي حصو 50 پئسا ٻيون بهاول ولد محمد اسماعيل جمالي حصو 25 پئسا ٽيون محمد ملوڪ ولد محمد اسماعيل جمالي حصو 25 پئسا	سمورو	374 ايڪڙ (5-35)	No. 30 of VF: VII:A تاريخ 31-12-2012
11	بهاول ولد محمد اسماعيل جمالي حصو پورو	سمورو	684 ايڪڙ (9-04)	No. 29 of VF: VII:A تاريخ 31-12-2012
12	پهريون محرم ولد جهندو حصو 15.25 پئسا ٻيون بکر ولد جهندو حصو 15 پئسا ٽيون حاڪم علي ولد حيات جمالي حصو 15.25 پئسا چوٿون عباس ولد عرب روديناني حصو 2.25 پئسا پنجون عبدالرحمان ولد عرب روديناڻي حصو 2.25 پئسا ڇهون حاجي موسو خان ولد خبر خان حصو 25 پئسا ستون سائين بخش ولد خبر خان حصو 25 پئسا	سمورو	63/1 ايڪڙ (3-36)	No. 24 of VF: VII:A تاريخ 31-12-2012
13	پهريون قابل ولد سومر جمالي حصو 25 پئسا ٻيون لائق ولد سومر جمالي حصو 25 پئسا ٽيون محرم ولد جهندو خان جمالي حصو 15.25 پئسا چوٿون بکر ولد جهندو خان جمالي حصو 15 پئسا پنجون حاڪم علي ولد حيات حصو 15.25 پئسا ڇهون عباس ولد عرب روديناني حصو 2.25 پئسا ستون عبدالرحمان ولد عرب روديناڻي حصو 2.25 پئسا	سمورو	63/2 ايڪڙ (5-34)	No. 23 of VF: VII:A تاريخ 31-12-2012
14	حاجي منل ولد در محمد روديناڻي حصو 29 پئسا ٻيون حاجي گنهور ولد در محمد روديناڻي حصو 296.25 پئسا ٽيون حاجي ميوو ولد در محمد روديناني حصو 18.50 پئسا چوٿون عطا محمد ولد در محمد روديناڻي حصو 14.75 پئسا پنجون حاجي عثمان ولد عطا محمد حصو 11.50 پئسا	سمورو	41 ايڪڙ (5-14) 42 ايڪڙ (5-35)	No. 21 of VF: VII:A تاريخ 31-12-2012
15	پهريون حاجي گنهور ولد در محمد روديناڻي حصو 31 پئسا ٻيون حاجي ميوو ولد در محمد حصو 23 پئسا ٽيون حاجي منل ولد در محمد حصو 23 پئسا چوٿون عطا محمد ولد در محمد حصو 13 پئسا پنجون حاجي عثمان ولد عطا محمد حصو 10 پئسا	سمورو	40 ايڪڙ (5-30)	No. 20 of VF: VII:A تاريخ 31-12-2012
16	پهريون حاجي گنهور حصو 26 پئسا ٻيون حاجي ميوو حصو 20 پئسا ٽيون حاجي منل حصو 30 پئسا چوٿون عطا محمد ولد در محمد حصو 10 پئسا پنجون حاجي عثمان ولد عطا محمد حصو 14پئسا	سمورو	36 ايڪڙ (9-18) 37 ايڪڙ (7-35) 39 ايڪڙ (3-04)	No. 19 of VF: VII:A تاريخ 31-12-2012
17	پهريون حاجي گنهور ولد در محمد حصو 50 پئسا ٻيون حاجي ميوو ولد در محمد روديناڻي حصو 50 پئسا	سمورو	44 ايڪڙ (3-18)	No. 18 of VF: VII:A تاريخ 31-12-2012

مختيارڪار (روينيو)
تعلقو جوهي

i WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

INF-KRY:NO.3410/26

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277

Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 17 آگسٽ 2026ع

ڪيٽي بندر: سنڌ جي ساموندي معيشت لاءِ نئون دروازو

سنڌ جي ساموندي پٽي قدرتي وسيلن، تاريخي بندرگاهن، ماهيگيري ۽ جاگرافيائي اهميت جي باوجود اڃا تائين پنهنجي حقيقي معاشي صلاحيت کان گهڻو پري آهي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران ڪيٽي بندر کي جديد ڊيپ سي پورٽ، لاجسٽڪس، صنعت، توانائي، ماهيگيري ۽ سياحت تي ٻڌل هڪ جامع اقتصادي حب طور ترقي ڏيڻ لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تيار ڪرڻ جي هدايت هڪ اهم قدم آهي. جيڪڏهن هن منصوبي کي شفاف، سائنسي ۽ ماحولياتي اصولن تحت عملي شڪل ڏني وڃي ته ڪيٽي بندر نه رڳو سنڌ پر سڄي ملڪ جي معيشت لاءِ نئون دروازو کولي سگهي ٿو. ڪيٽي بندر جي ترقي جو تصور نئون ناهي. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن ۾ به سنڌ جي ساموندي پٽيءَ کي معاشي سرگرمين جو مرڪز بڻائڻ جي سوچ موجود هئي. ان خواب کي جديد معاشي ضرورتن، عالمي واپاري رجحانن ۽ علائقائي ترقيءَ جي تقاضائن مطابق هڪ عملي منصوبي ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. تجويز ڪيل ڪيٽي بندر انٽيگريٽيڊ ڪوريڊور ان حوالي سان هڪ اهم قدم ثابت ٿي سگهي ٿو. هن منصوبي جي سڀ کان اهم اهميت ان ڳالهه ۾ آهي ته ڪيٽي بندر کي صرف بندرگاهه نه پر هڪ مڪمل اقتصادي نظام طور ڊولپ ڪرڻ جو ويزن ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ بندرگاهه سان گڏ لاجسٽڪس حب، ويئر هائوسنگ، صنعتي زون، انفراسٽرڪچر، ماهيگيري ۽ سي فوڊ پروسيسنگ، سياحت ۽ برآمد تي ٻڌل صنعتون قائم ٿين ته هزارين نه پر لکين ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. سنڌ جي نوجوانن لاءِ روزگار جا نوان دروازا کلندا ۽ مقامي معيشت ۾ تحرڪ پيدا ٿيندو. ڪيٽي بندر کي ترقي ڏيڻ سان ملڪي بحري گنجائش ۾ پڻ اضافو ٿي سگهي ٿو. ڪراچي پورٽ ۽ پورٽ قاسم تي وڌندڙ دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ نئين بندرگاهن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪيٽي بندر کي جديد روڊ، ريل ۽ بحري رابطن سان ملڪ جي صنعتي ۽ تجارتي مرڪزن سان ڳنڍيو وڃي ته اهو مستقبل ۾ قومي لاجسٽڪس نيٽ ورڪ جو اهم حصو بڻجي سگهي ٿو. خاص طور تي ماهيگيري جي شعبي لاءِ هن منصوبي جا اثر انتهائي اهم ٿي سگهن ٿا. ڪيٽي بندر ۽ شاهه بندر ۾ جديد فش هاربرز، آڪشن هال، ڪولڊ اسٽوريج، پيڪنگ ۽ سي فوڊ پروسيسنگ جون سهولتون قائم ڪرڻ سان مقامي مهاڻن کي سندن پيداوار جو بهتر معاوضو ملي سگهي ٿو. ساڳئي وقت پاڪستان جي سي فوڊ برآمدات ۾ نمايان اضافو ٿي سگهي ٿو. هن لاءِ ضروري آهي ته ترقيءَ جي عمل ۾ مقامي ماڻهن ۽ ساحلي آباديءَ کي حصيدار بڻايو وڃي ته جيئن انهن کي پنهنجي ئي وسيلن تان پري نه ڪيو وڃي.

توانائي جي شعبي ۾ به ڪيٽي بندر کي مستقبل جي گيٽ وي بڻائڻ جي تجويز وڏي اهميت رکي ٿي. آر ايل اين جي، ايل اين جي ۽ ايل پي جي جي درآمدي سهولتن سان گڏ ٻين اسٽريٽجڪ انرجي منصوبن جي قيام سان ملڪ جي توانائي جي فراهمي کي وڌيڪ آسان بڻائي سگهجي ٿو، پر توانائي منصوبن سان گڏ ماحولياتي تحفظ، ساموندي حياتيات ۽ مقامي آباديءَ جي سلامتيءَ کي بنيادي ترجيح ڏيڻ لازمي هوندو. چار هزار ايڪڙ زمين جي نشاندهي ۽ ان کان اڳتي ارب ڊالر تائين سيڙپڪاري جي امڪانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، پر هن منصوبي جي ڪاميابيءَ جو دارومدار پاليسين جي تسلسل، شفافيت ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد تي هوندو. زمين جي استعمال، معاهدن، ماحولياتي اثرن ۽ عوامي مفاد جي حوالي سان مڪمل شفافيت جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ترقيءَ جي عمل ۾ مقامي آبادي کي نظرانداز ڪيو ويو ته ماحولياتي ۽ سماجي مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. ڪيٽي بندر جو منصوبو سنڌ جي ساموندي معيشت لاءِ هڪ نئون دروازو ثابت ٿي سگهي ٿو.

نئين ڳاڄ: جبلن جي پيٽ مان ڪاڇي تائين وهندڙ تاريخ



نور سنڌي

ڪجهه ماڳ ڪتابن ۾ پڙهڻ سان سمجهه ۾ نٿا اچن انهن کي ڏسڻو پوي ٿو انهن جي پيٽ ۾ پنڌ ڪرڻو پوي ٿو ۽ اتي رهندڙ ماڻهن سان ڪچهريون ڪرڻيون پونديون آهن نئين ڳاڄ منهنجي لاءِ به اهڙوئي ماڳ آهي مون ڳاڄ کي رڳو نقشي تي نه ڏٺو پر ان جي پيٽ ۾ ان جي قافلي سان سفر ڪيو، چشما ڏٺا، وستين ۾ ويس ۽ گورڪ ڏانهن ويندڙ پراڻن رستن تي به هليو آهيان. نئين ڳاڄ جو سفر بلوچستان جي خضدار ضلعي جي جابلو علائقن کان شروع ٿئي ٿو ڪرخ، زيدي ۽ پريلسي جي جبلن مان ايندڙ برساتي نيون اڳتي هلي ڳاڄ جي وڏي وهڪري ۾ شامل ٿين ٿيون سانوڻ ۾ جبلن تي تيز برسات پوي ته ڳاڄ اوچتو طاقتور ٿي وڃي ٿي پٿرن سان ٽڪرائيندڙ پاڻيءَ جو شور پري تائين ٻڌڻ ۾ اچي ٿو شايد انهيءَ گجگوڙ سبب ٿي هن نئين جو نالو ڳاڄ پيو.

ڳاڄ کيرٿر جبلن مان ٿيندي ٿخ لڪ وٽان سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي ٿخ صدين کان سنڌ ۽ بلوچستان وچ ۾ اچ وڃ جو قدرتي لنگهه رهيو آهي هتي هڪ وڏو ڪنب به آهي جنهن ۾ قدرتي چشمن جو پاڻي گڏ ٿيندو رهي ٿو مقامي ماڻهن موجب ڪنب ۾ مڇي ۽ ٻي آبي جيوت پڻ آهي انگريز دور جي ڪئمپ جا آثار اڄ به هتي موجود آهن ڳاڄ جي ڀرپاسي ڪنارن ۽ پريلسي جي جبلن تي قديم دڙن وستين ۽ پٿرن تي چٽسالي جا نشان پڻ ملن ٿا، جيڪي ٻڌائين ٿا ته هي علائقو قديم زماني کان انساني زندگيءَ سان ڳنڍيل رهيو آهي شايد 1996ع جي ڳالهه آهي جو اسان جي مرحوم دوست وارث ڏنو ڏيرو سان گڏ پهريون دفعو جوهيءَ ۾ سندس رهندڙ دوستن وٽ ويا هياسين.

اسان جي فرمائش تي ميزبان اسان کي گهمائڻ وٺي هليا انهن ڏينهن ۾ گورڪ وڃڻ اڄ جيترو آسان نه هو اسان گاڏيءَ ۾ ڳاڄ بنگلي تائين پهتاسين جتان اڳتي ان تي وڃڻو هو رات جو تقريباً ڏهين وڳي اسان جي ميزبان جا مقامي دوست جيڪي لنڊ هئا انهن جي اڳوائيءَ ۾ قافلو گورڪ ڏانهن روانو ٿيو سڄي رات ڳاڄ جي پيٽ ۾ هلڻ کان پوءِ صبح جو شڪلوٽي لڪ وٽ پهتاسين ٿوري پنڌ کان پوءِ هڪ چشمي تي پهتاسين جنهن کي مقامي ماڻهو "بارگر" يا "قاسگر" چوندا هئا. چشمي جو پاڻي سئي ماٺار جهڙو هو جنهن ۾ ڏيڏر، ننڍيون بلائيون ۽ مڇيون تري رهيون هيون مقامي سونهان اهو پاڻي پي رهيا هئا ۽ آرام ڪان پوءِ سفر ٻيهر شروع ٿيو.

جبلن جي سلسلي ختم ٿيڻ جو نالوئي نه پئي ورتو هر پيري ڀڄايو پئي ويو ته گورڪ رڳو به ٽڪريون اڳتي آهي آخرسج لهي ويو. ٿڪ سبب اسان جبل جي هڪ ٽڪري تي رات گذاري ۽ صبح جو واپس ڳاڄ بنگلي ڏانهن موٽي آياسين سفر مقصد تائين نه پهتو پر ڳاڄ جي پيٽ ۽ ان جي جابلو دنيا سان منهنجي واقفيت جو اهو هڪ اهم باب بڻجي ويو ڳاڄ بنگلي کان مٿي نئينءَ جي پيٽ ۾ لنڊ برادريءَ جون ڪيتريون وستيون "ڪنبن" جي نالي سان سڃاتيون ٿيون ٻارو ٽوڪ، عمر، نغزاني، ڏوئي ۽ ڇتي ڪنب انهن مان اهم آهن وري 2009ع ۾ انهي علائقي ۾ وڃڻ ٿيو ڇتي ڪنب وٽ انگريز دور جي ڪئمپ جي پراڻي ڪوٺي موجود آهي مقامي ماڻهن موجب ڪنهن زماني ۾ هتي رسن جي پل به ٺهيل هئي ڳاڄ بنگلي کان هيٺ برگهه بالا جي سامهون "پوٺو" نالي پراڻي وستي پڻ آهي. جيڪا جبل ۽ نئين جي وچ ۾ قدرتي حسن سان ڀرپور علائقو آهي ڳاڄ ڪاڇي جي زراعت لاءِ صدين کان اهم رهي آهي ڪلهوڙن جي دور ۾ ڳاڄ جي پاڻيءَ تي واهن جو نظام قائم ڪيو ويو، جنهن کي انگريزن وڌيڪ منظم ڪيو ۽ ڳاڄ اريگيشن بورڊ قائم ڪئي ڳاڄ جو پاڻي ربيع جي پوکي لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي جڏهن ته قدرتي چشمن جي پاڻيءَ سان جبلن جي اندر ننڍ آبپاشي وسيلي ننڍيون واديون پڻ آباد ڪيون وينديون رهيون آهن ڪاڇي جي تاريخ پڙهڻ سان خبر پوي ٿي ته 1898ع جي سيٽلمينٽ رپورٽ ڳاڄ جي قدرتي وهڪرن بابت اهم ڄاڻ ڏئي ٿي ان دور ۾ ڳاڄ جي ٻوڏ جو پاڻي قدرتي حالتن موجب مختلف رستن سان وهندو هو ۽ اڳتي قدرتي وهڪرن وسيلي منڇر تائين پهچندو هو ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڳاڄ جو پاڻي ۽ ڪاڇي جي ڌرتيءَ جو تعلق رڳو جديد آبپاشي نظام جو نتيجو ناهي.

ڳاڄ جي پيٽ ۾ چشما، وڻ ساوڪ، مڇي، ڏيڏر، پکين جون رهائشون ۽ جهنگلي جيوت جو هڪ مڪمل قدرتي نظام موجود آهي برسات کان پوءِ جبلن ۾ پيدا ٿيندڙ ساوڪ هن علائقي کي وڌيڪ خوبصورت بڻائي ٿي ان ڪري ڳاڄ کي رڳو پاڻيءَ جي نئين سمجهڻ درست ناهي اها هڪ ماحولياتي، زرعي ۽ ثقافتي دنيا آهي جنهن سان مقامي ماڻهن جي زندگي صدين کان ڳنڍيل آهي. ڳاڄ زندگي به ڏئي ٿي ۽ شديد برساتن ۾ تباهي به آڻي سگهي ٿي 1976ع، 1984ع، 1995ع، 2007ع ۽ 2010ع دوران سنڌ ۾ ٿيندڙ ٻوڏ ڳاڄ جي طاقت جي اهم ياد آهن.

افسوس ان ڳالهه جو آهي ته وقت جون حڪومتون ڳاڄ نئين جي ٻوڏ سان نقصان گهٽائڻ ڪي علمي اپاءَ نه وٺي سگهيون آهن شايد ان حوالي سان ڪا بهترين پلاننگ به نٿي سگهي آهي ان حوالي سان منهنجون ڪيترن ئي آبپاشي ماهرن سان ڪچهريون ٿينديون رهيون آهن انهن جي ڪچهرين بعد منهنجي اها راءِ آهي ته ڳاڄ کي روڪڻ بدران ان جي وهڪري کي سمجهڻ ۽ منظم ڪرڻ گهرجي بلوچستان جي جبلن کان منڇر تائين ڏگهي مدي وارو فلڊ مئنيجمينٽ پلان ناهيو وڃي جنهن ۾ ڳاڄ سان ملندڙ نئيون، قدرتي ٻورا ۽ پراڻا وهڪرا پڻ شامل هجن تيرپيٽ، ايف پي بند ۽ ٻين بچاءَ بندن جي مرمت هر سال برسات کان اڳ ماهرن کان ڪرائي وڃي ۽ ڪمزور هنڌن کي مستقل مضبوط ڪيو وڃي بلوچستان جي ڳاڄ واري علائقي ۾ برسات ۽ پاڻي ماپڻ جا خودڪار نظام لڳائي جوهي ۽ ڪاڇي جي آبادين کي موبائل پيغامن ۽ سائرن وسيلي اڳواٽ خبردار ڪيو وڃي جبلن ۾ وڻن جي واڍي روڪي، وڻڪاري، قدرتي چشمن، چراگاهن ۽ جهنگلي جيوت جو تحفظ ڪيو وڃي. ڳاڄ کي دشمن سمجهڻ بدران ان جي فطرت کي سمجهڻ ضروري آهي ڳاڄ جو پاڻي جيڪڏهن قدرتي رستن سان محفوظ نموني وهايو وڃي ته اهو ڪاڇي لاءِ زندگي آهي پر جيڪڏهن قدرتي وهڪرا بند ٿين بچاءَ بند ڪمزور هجن ۽ اڳواٽ خبرداريءَ جو نظام نه هجي ته ساڳيو پاڻي آفت بڻجي وڃي ٿو منهنجا ڳاڄ جا ڪيل سفر مونکي اهو سيکارين ٿا ته اها نئين رڳو جبلن مان وهي ڪاڇي تائين پهچندڙ پاڻي ناهي. اها ماڻهن جي روزي، قديم آبادين، وڻن، چشمن، جهنگلي جيوت ۽ صدين جي رهڻي ڪهڻيءَ سان ڳنڍيل هڪ زنده تاريخ آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ بچائڻ ٻنهي جي ضرورت آهي.

آمريڪا جي فضائن مان
برف ڳرڻ جي موسم- پاڪستاني سياست جي خاموش صف بندي

راجا زاهد اختر خانزاده

سياست ڪڏهن به وڏي آواز ۾ ناهي ڳالهائيندي اها سرگوشين ۾ ڳالهائيندي آهي مرڪن جي متاسا ۾ ڳالهائيندي آهي هڪ نظر دوران ڳالهائيندي آهي جيڪا ڪئميرا جي اک کان بچي ته ٿي سگهي پر عام اک ان کي پڪڙي نٿي سگهي جڏهن ڪو صدر مملڪت ڪنهن فيلڊ مارشل کي 'اسان جو' چئي سڏي ۽ اهڙي جملي کان پوءِ ڪئميرا هڪ وزيراعظم جي منهن ۽ ساٿس گڏ ويٺل فيلڊ مارشل جي مرڪ وچ ۾ لڏندو رهي ته سمجهي وٺو ته اها رڳو هڪ تقريب ناهي هڪ مڪمل پيغام آهي جيڪو لفظن کان سواءِ پهچايو پيو وڃي.

يوم آزاديءَ جي جوڙي ويڙهيل هن مبارڪباد ۾، اسلام آباد جي يادگارِ فتح جي پلئي ۾، جيڪو ڪجهه چيو ويو انهيءَ کان وڌيڪ اهم اهو هو جيڪو نه چيو ويو پر محسوس ڪرايو ويو زرداري صاحب جي سياست هميشه کان ئي لفظن کان وڌيڪ ترسڻ جي سياست رهي آهي هو ڳالهائيندو گهٽ آهي صبر وڌيڪ ڪندو آهي ۽ جڏهن ڳالهائي ٿو ته هر لفظ ڪنهن مخصوص طرف جو اشارو هوندو آهي 'اهو اسان جو فيلڊ مارشل آهي' چوڻ رڳو مروت نه هو اهو هڪ اتحاد جو اعلان هو هڪ اهڙو اعلان جيڪو هفتن جي خاموش ڪشيدگي کان پوءِ آيو جنهن کان اڳ آسمان ٽٽڻ جون سرگوشيون به ٿي رهيون هيون ۽ ٽڪ ٽاڪ تي به عوام جون نظرون هيون پوءِ ڇا ٿيو؟ نه اُنٽي ڳُلپ جي ٽڪ ٽاڪ ٻڌڻ ۾ آئي نه اوچتو دستخط ٿي ويا جن حلف کنيو اسيمبلي ۽ سينيٽ جا اجلاس به سڏايا ويا ۽ سياست جي درياهه ۾ بيٺل پاڻي وري چرڻ لڳو.

اهو رڳو اتفاق ناهي بلڪ اها زرداري صاحب جي اها پراڻي حڪمت عملي آهي جنهن کي ورهين کان ڏسندڙ سڃاڻن ٿا هارڊ لائين وٺڻ دٻاءُ برقرار رکڻ ۽ پوءِ عين انهيءَ گهڙيءَ ۾ جڏهن سڀ ڪجهه ٽٽندي محسوس ٿئي هڪ قدم پوئتي هٽي پنهنجي لاءِ ڪجهه رعايتون حاصل ڪري وٺڻ اها هار ناهي اها سياسي راند آهي ۽ هن راند ۾ پيپلز پارٽيءَ ثابت ڪيو آهي ته هوءِ اڃا به سياسي بازي کيڏڻ واري رانديگر آهي پر سوال اهو آهي ته هن خاموش صف بنديءَ جي پويان اصل مقصد ڇا آهي؟ 28هين ترميم هڪ اهڙي ترميم جيڪا رڳو قانوني ناهي پر سياختياتي نوعيت جي آهي جيڪا صوبن جي اختيارن اين ايف سي ايوارڊ ۽ مقامي حڪومتن جي پوري ڍانچي کي نئين سر جوڙڻ وڃي ٿي ۽ جڏهن ڪا رياست پنهنجي ڍانچي کي ٻيهر لاڏڻ لاءِ تڪري ٿي ته اها اڪيلي نٽي تڪري سگهي ان کي هر سياسي پارٽيءَ جي آڱوٺي جي ضرورت هوندي آهي هر پارٽيءَ جي رضامنديءَ جي ٿو ته هڪ اتوري اتفاق راءِ ايندڙ سالن ۾ سياسي عدم استحڪام جو ٻج به ٿي سگهي ٿي اهو ئي نقطو آهي جتي تحريڪ انصاف جي ڪهاڻي پيپلز پارٽيءَ جي ڪهاڻيءَ سان اچي ملي ٿي عمران خان ڪو عام قيدي ناهي هو هڪ اهڙي سياسي قوت جي مرڪزيم ويٺل آهي جنهن کان سواءِ ڪا به وسيع آئيني ترميم اڌوري رهجي ويندي اهوئي سبب آهي جو سهيل آفريدي جي متوقع ملاقات بشريٰ بيبيءَ جي وسيلي وهندڙ خاموش پيغام ۽ بيرسٽر گوهر جون اهي ملاقاتون جن جو ڪڏهن به باضابطه اعتراف نه ڪيو ويندو اهو سڀ انهيءَ برف ڳرڻ واري عمل جا مختلف وهڪرا آهن جيڪي آخرڪار مستقبل ۾ هڪ ئي درياهه ۾ اچي ملندا انهن جون جيڪڏهن ڳجهيون ملاقاتون ٿيون آهن ته اهي پنهنجي ڳجهي نوعيت ۾ ئي پنهنجو جواب لڪايو ويٺا آهن جيڪا شيءِ لڪائي وڃي ٿي اها عام طور تي اهم پيغام کڻي ايندي آهي ۽ اهو پيغام شايد اتان کان ئي ايندو آهي جتان کان سڀ وڏا فيصلا آخرڪار جنم وٺندا آهن پر هتي هڪ گهرو تضاد به لڪل آهي هڪ اهڙو تضاد، جيڪو تحريڪ انصاف جي مستقبل جو سڀ کان وڏو امتحان بڻجي رهيو آهي اڪبر ايس بابر جهڙا پراڻا ساٿي جن ڪڏهن اصولن تي پارٽي ڇڏي هئي جڏهن اوچتو 'پراڻي گارڊ' سان رابطي جي ڳالهه ڪن ٿا ته اها رڳو هڪ سياسي خبر ناهي اها هڪ وڏي چال جو حصو به آهي ۽ هيءُ رستو کلندو يا نه پر ان جو اعلان ڪرڻ ئي ڪافي آهي ڇو ته اصل مقصد ملاقات ناهي پر پي ٽي آءِ جي ورهاست آهي هن وقت پي ٽي آءِ ۾ عليمه خان جو گروپ، بيرسٽر صاحب جو حلقو، فواد چوڌري اينڊ ڪمپني اسد قيصر ۽ سلمان اڪرم راجا وچ ۾ وڌندڙ فاصلو اهي ڪو حادثاتي رڪاوٽون ناهن اهو به انهيءَ ئي گيم پلان جو حصو آهي جنهن تحت پارٽيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻو آهي ته جيئن اها ڪڏهن به گڏيل قوت گڏ ڪري نه سگهي ۽ ڪڏهن به روڊن تي اهو زلزلو برپا ڪري نه سگهي هن ڪي اسٽيبلشمينٽ ڪڏهن به ختم به نه ٿيڻ ڏيندي، ڇو ته هڪ منظم پارٽي قابو ۾ رهندي آهي هڪ بي قابو تحريڪ هميشه خطرو رهندي آهي سوال آهي ته هاڻي سياسي مستقبل ڇا چوي ٿو؟

سترهين آگسٽ تي پارليامينٽ جي ايوانن ۾ جيڪو ڪجهه ٿيندو ۽ 18 آگسٽ تي سپريم ڪورٽ جي عدالت ۾ جيڪو فيصلو ٻڌايو ويندو اهي ئي به دروازا آهن جن مان ايندڙ مهينن جي سياست جو سيني کي پتو پئجي ويندو پيپلز پارٽيءَ پنهنجي چال هلائي چڪي آهي هڪ قدم پوئتي هٽي به شايد هوءِ اصل مقصد جي ويجهو پهچي وئي آهي تحريڪ انصاف جو رويو پڻ پارليامينٽ ۾ نرم ٿيڻ جا امڪان آهن تحريڪ انصاف جي ڪميٽين ۾ واپسي به ممڪن آهي ۽ مستقبل ۾ عدالتن مان انصاف پسند بينچ جي موجودگي هڪ اهڙو تاثر قائم ڪندي ته فيصلا سياسي ناهن پر آئيني بنيادن تي ٿي رهيا آهن توڙي جو پردي جي پويان ڪجهه ٻيو ئي طئي ٿي چڪو هجي سياسي حلقن جو چوڻ آهي ته عمران خان کي مستقبل ۾ رعايت ملندي پر اها رعايت ايتري وڏي نه هوندي جو پوري بساط ئي اونڌي ڪري ڇڏي وڃي اها ڪيتري ئي عرصي کان هلندڙ راند آهي جتي ميڊيا تائين رسائي، ملاقاتن جي اجازت ۽ شايد ٻئي ڳالا منتقلي جهڙا قدم آهستي آهستي سامهون به اچن پر سياسي تجزياڪارن جو چوڻ آهي ته عمران خان کي مڪمل ڪليل ڇوٽ ڪڏهن به نه ملندي ڇو ته جنهن ڏينهن عمران خان کي مڪمل آزادي ملي وئي انهيءَ ڏينهن هو وري فيصلا به ڪندو ۽ جيڪي شايد ڪنهن ٻئي جي حساب ڪتاب سان نه ملن ان سان پارٽيءَ ۾ اٿل پٿل به ٿي سگهي ٿي اها ئي اصل حقيقت آهي جيڪا هن سموري سياسي گيم پلان جي پويان لڪل آهي پيپلز پارٽي ۽ حڪومتي اتحاد کي عمران خان جي مڪمل واپسي نه گهربل آهي انهن کي رڳو ايترو تعاون گهربل آهي جيترو هڪ آئيني ترميم جي منظوريءَ لاءِ درڪار آهي ۽ تحريڪ انصاف کي پنهنجي سموري داخلي ٽوڙ ڦوڙ جي باوجود اهو سمجهڻو پوندو ته سياست ۾ مڪمل فتح گهٽ ئي ملندي آهي اڪثر ان کي سمجهوتن جي صورت ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن خاموش رعايتن جي صورت ۾ حاصل ڪرڻو پوندو آهي.

پاڪستان ۾ سياسي طور تي منجمد برف واقعي ڳرندي پئي وڃي پر برف جي ڳرڻ جو مطلب هميشه بهار نه هوندو آهي ڪڏهن ڪڏهن اهو رڳو ان ڳالهه جي نشاني هوندو آهي ته موسم مٽجڻ واري آهي ۽ تبديل ٿيندڙ موسم ۾ هر راندیگر پنهنجي جاءِ نئين سر ڳولڻ تي مجبور هوندو آهي پاڪستاني سياست جو ايندڙ باب انهيءَ ئي جاءِ جي ڳولا جي ڪهاڻي هوندو هڪ اهڙي ڪهاڻي جنهن ۾ طاقت جا مرڪز پنهنجي پڪڙ مضبوط رکڻ چاهين ٿا ۽ جن تي اهو پڪڙ آهي اهي به ڄاڻن ٿا ته هن راند ۾ مڪمل هار يا مڪمل فتح شايد ڪڏهن به نه ايندي، رڳو ايندڙ چال ايندي.

سماج بي حس ڇو؟



محمود شار

الحمدلله آزاديءَ جو 80هون سال شروع ٿي ويو آهي جشنِ آزادي وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو پر هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ جي ماڻهن جي چهرن تي جيڪا روشني ۽ خوشي نظر اچڻ گهرجي سا نٿي اچي اسان پنهنجي چوڌاري جيڪا بي وسي ڏسي رهيا آهيون ۽ سماج ۾ جنهن نموني جا خوفناڪ ڏوهه ٿي رهيا آهن ڇا اهي ائين ٿيڻ گهرجن ها؟ 15 مهينن جي معصوم ٻارڙيءَ سان زيادتيءَ جي خبر ٻڌي دل رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي آهي ٽائون تي فرياد ڪٽي ايندڙ ڏيئرون پيئرون ۽ ماڻرون ٽائيدارن جي هوس جو شڪار ٿيون ملڪيت جي تڪرار تي پٽ پيءُ کي قتل ڪري رهيو آهي مذهبي قانون جو سهارو وٺي پنهنجن مخالفن کي جيلن ۾ وڌو پيو وڃي ملڪ جي 60 سيڪڙو نوجوان آباديءَ مان اڪثريت بيروزگار ٻٽيل آهي ڇا سماج جي تخليق ۽ جوڙجڪ رڳو حڪمران ڪندا آهن؟ ڇا سنا ۽ خراب لاڙا گهرن جي ماحول ۾ پرورش نٿا وٺن؟ تعليمي ادارن جي تعليم ۽ تربيت سماج جي جوڙجڪ نٿي ڪري؟ 1947ع کان پوءِ اسان جي تاريخ حادثن ۽ ناڪامين سان ڀري پئي آهي انهن لمين جي ذميواري رڳو شخصيتن تي وڌي ويندي آهي اسان دليل منطق ۽ دانش جي بنياد تي پنهنجي سماج کي مضبوط بڻائڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي آهي يونيورسٽيون ۽ تحقيقي ادارا سماج جي لاڙن بابت تحقيقي رپورٽون پيش نٿا ڪن حڪمران ته ذميوار آهن پر اسان سڀ ميڊيا وارا واپاري، استاد، يونيورسٽين جا ملڪ ۽ مسجدن جا خطيب به هڪ صحتمند ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪا رٿابندي نه ڪري سگهيا آهيون انهيءَ ڪري اڪثريت زندگيءَ جي آسانيءَ لاءِ سڪندي رهي ٿي اها ڳالهه درست آهي ته ڪنهن زماني ۾ حڪمران ۽ مخلف ٽر جا اڳواڻ پنهنجي تقريرن ذريعي ماڻهن ۾ نئون جوش ۽ جذبو پيدا ڪندا هئا سنڌن سڏ هوندو هو ته ماڻهو ڪجهه ڪن اڳتي اچن ۽ سماج جي بهتريءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن پر اڄ جا حڪمران پنهنجي اها ذميواري نٿا سمجهن اڪثريت ڪهڙي ڏکيائيءَ ۾ زندگي گذاري رهي آهي؟ هو پنهنجي ٻارن جو پيٽ ڪيئن پلين ٿا؟ رهائشي علائقا ڪهڙا آهن؟ ڪيترا ماڻهو گهٽڻ ڪمرن ۾ رهن ٿا؟ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ملي ٿو يا نه؟ ٻن ويلن جي ماني ملي ٿي يا نه؟ نوجوانن وٽ مناسب روزگار آهي يا نه؟ ڪين بنيادي سهولتون حاصل آهن يا نه؟ گهر کان آفيس يا ڪارخاني تائين پهچڻ لاءِ آمدرفت سستي يا مهانگي هجڻ ته الڳ ڳالهه آهي پر اها دستياب به آهي يا نه؟ آباديءَ جي حساب سان بسون به موجود ناهن موٽر سائيڪل غريب ماڻهوءَ جي سواري بڻجي وئي آهي سڄو خاندان هڪ ئي موٽر سائيڪل تي سوار ٿي سفر ڪري ٿو هر ڏينهن پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ٿي ڇا ڪو ڪائونسلر، چيئرمين، صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر، قومي اسيمبليءَ جو ميمبر، سينيٽر يا وزير پنهنجي علائقي جي انهيءَ بي وسيءَ جو ڪو حل سوچيندو آهي؟ ڇا ڪنهن ميونسپل هال يا اسيمبليءَ جي ايوان ۾ آمدرفت جي هن بنيادي مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي آهي؟ ملڪ ۾ قيمتي گاڏيون تيار ٿي رهيون آهن پر عام ماڻهن لاءِ مناسب بسون تيار ٿيڻ تائين پاڻي جو رشتو ختم ٿي ويو آهي پٽ سان پٽ هجڻ باوجود به پاڙيسري هڪ ٻئي سان نٿا ملن اڳ هڪ ٻئي جي گهر ۾ جيڪو ڪجهه پچندو هو، پاڙيسرين ڏانهن موڪليو ويندو هو پاڻي ۾ ٻُرڳن جي ڳالهه ٻڌي ويندي هئي پاڻي جون ڌيئرون سڀني جون ڌيئرون سمجهيون وينديون هيون ماڻرن ۽ پيئرن جو احترام ڪيو ويندو هو هاڻي اجنبيت ۽ فاصلا وڌي ويا آهن رياست کي عوام جي انهن پريشانين تي ڪا پريشاني نظر نٿي اچي رياست پنهنجي جاءِ تي مطمئن آهي ته اڪثريت لاءِ ڪو آواز بلند نٿو ڪري پر تلخ حقيقت اها آهي ته اهڙي صورتحال ۾ عوام رياست کان لاتعلق ٿيڻ لڳي ٿو طبقاتي فرق ماڻهن کي اهو يقين ڏياري ڇڏيو آهي ته زندگيءَ جون سموريون سهولتون رڳو امير ۽ بااثر طبقي لاءِ آهن جڏهن ته اڪثريت کي اهڙي ئي مجبوري ۽ محتاجيءَ ۾ رهڻو آهي عوام جي حفاظت ۽ سهولت لاءِ پوليس ٿاڻا، عدالتون ۽ ٻيا جيڪي ادارا قائم ڪيا ويا آهن عام ماڻهو آهستي آهستي انهن کان بيزار ٿيندا پيا وڃن پوليس ٿاڻا عام ماڻهن تي تشدد جا مرڪز بڻجي ويا آهن ننڍين ۽ وڏين عدالتن ۾ لکين ڪيس سالن کان التوا ۾ پيل آهن عام ماڻهن جا ڪيس وڙهندڙ وڪيل ٻڌائين ٿا ته انهن جي فيس وڪيلن جي پيٽ ۾ تمام گهٽ آهن ان هوندي به ڪيترائي موڪل ڪيترن ئي ٻڌڻين تي ان ڪري نٿا اچن ڇاڪاڻ ته وٽن وڪيل کي ڏيڻ لاءِ پئسا ناهن سماج جي جوڙجڪ ۾ يونيورسٽين تحقيقي ادارن، سياسي تنظيمن ادبي تنظيمن ۽ سماجي تحريڪن جو اهم حصو هوندو آهي جيڪڏهن اهي سڀ سرگرم هجن، سماج ۾ تبديل ٿيندڙ لاڙن تي نظر رکن ۽ انهن جي نشاندهي ڪن ته رياستي ادارا ۽ آفيسر به انهن مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيندا ادارا موجود آهن پر اهي پنهنجيون ذميواريون ادا نٿا ڪن انهيءَ ڪري خاندان ۽ فرد مايوس ٿي چڪا آهن عام طور تي هاڻي اهو چيو وڃي ٿو ته هتي ڪا تبديلي اچڻي ئي ناهي سچ ته اهو آهي الله تعاليٰ جيڪي وسيلا عطا ڪيا آهن ۽ هتي جا ماڻهو جيتري صلاحيت رکن ٿا، ان جي بنياد تي هن ملڪ ۾ سڀ ڪجهه ممڪن آهي يونيورسٽيون، تحقيقي ادارا ۽ ديني مدرسا سماج جي سڌاري لاءِ پنهنجين تجويزن تي ٻڌل رپورٽون عام ڪن اهڙو خوفناڪ سماج قومن کان اميد کسي وٺندو آهي ۽ ڏوهاري مافيا آهستي آهستي پنهنجو غلبو قائم ڪندي ويندي آهي.

بيسٽ وي سيمينٽ ڪمپني جو مالڪ، جنهن سان لکين ماڻهن جو روزگار لاڳاپيل آهي، سندس ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي
بس ڪنڊڪٽر کان سيمينٽ فيڪٽري جي مالڪ تائين جو سفر

هڪ پاڪستاني نوجوان، جيڪو بهتر مستقبل جي ڳولا ۾ برطانيا ويو، بس ڪنڊڪٽر بڻيو ۽ پوءِ اهڙي ڪاميابي حاصل ڪيائين جو اڄ سندس ڪاروبار سان هزارين خاندانن جو روزگار وابسته آهي! هيءَ ڪهاڻي آهي سر انور پرويز جي.

پاڪستان جي هڪ ٻهراڙيءَ واري علائقي ٿِهي سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان 1956ع ۾، صرف 21 سالن جي عمر ۾، بهتر مستقبل جي اميد سان برطانيا وڃڻ جو فيصلو ڪيو پر جڏهن هو اتي پهتو ته سندس استقبال لاءِ نه ڪا وڏي ڪمپني موجود هئي نه ڪو تيار ڪاروبار ۽ نه ئي دولت جا دروازا کليل هئا. زندگي عام ماڻهن وانگر شروع ٿي، مختلف ننڍيون نوڪريون ڪيائين ۽ پوءِ هڪ وقت آيو، جڏهن هو براڊفورڊ ۾ بس ڪنڊڪٽر طور ڪم ڪرڻ لڳو. ٿورو سوچيو، هڪ نوجوان، جيڪو پاڪستان کان هزارين ميل پري هڪ اجنبي ملڪ ۾ محنت ڪري رهيو هجي، روزانو ماڻهن جي وچ ۾ سفر ڪندو هجي ۽ شايد رات جو ٿڪل ٽُٽل گهر واپس اچي اهو سوچيندو هجي ته ڇا سڄي زندگي ٻين لاءِ ڪم ڪندي ئي گذري ويندي؟ پر سر انور پرويز جي دل ۾ هڪ خواب هو، پنهنجو ڪاروبار ڪرڻ جو خواب! هو ڄاڻندو هو ته خواب صرف سوچڻ سان پورا نٿا ٿين، ان لاءِ قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن. ڊگها ڪلاڪ ڪم ڪرڻا پوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي آرام واري زندگيءَ کي به قربان ڪرڻو پوندو آهي. هن مسلسل محنت ڪئي، پئسا گڏ ڪيا ۽ پوءِ اهو ڏينهن آيو جنهن سندس زندگيءَ جو رخ بدلائي ڇڏيو.

1963ع ۾ هن لنڊن جي علائقي Earl's Court ۾ پنهنجو پهريون ننڍڙو دڪان کوليو، جنهن جو نالو "Kashmir" هو. اهو رڳو هڪ دڪان نه هو، هيءُ هڪ پاڪستاني نوجوان جي خواب جي پهرين سر هئي. سر انور پرويز هن ڪاروبار کي ٻين کان مختلف بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. هو گراهڪن جي ضرورتن کي سمجهندو هو. سندس دڪان رات دير تائين ۽ هفتي جي موڪلن وارن ڏينهن تي به کليل رهندو هو. جيڪا ان دور ۾ هڪ غيرمعمولي ڳالهه هئي. مختلف برادرين جي ضرورتن مطابق شيون رکڻ سان هن گراهڪن جو اعتماد حاصل ڪيو ۽ پوءِ، اهو ننڍڙو دڪان هلڻ لڳو. محنت رنگ لائڻ لڳي. هڪ دڪان، پوءِ ٻيو ۽ آهستي آهستي ڪاروبار وڌڻ لڳو. 1970ع واري ڏهاڪي جي شروعات تائين هو لنڊن ۾ لڳ ڀڳ 10 convenience stores هلائي رهيو هو. پر ڪهاڻي اڃا ختم نه ٿي هئي. جڏهن ڪاروبار وڌيو ته کيس پنهنجي سپلائرن ۽ هول سيل نظام ۾ مشڪلاتون محسوس ٿيون. هو رڳو شڪايت ڪرڻ وارو انسان نه هو. هن سوچيو، "جيڪڏهن مسئلو موجود آهي ته ان جو حل به پيدا ڪري سگهجي ٿو!" ۽ اها ئي سوچ سندس زندگيءَ جو ايندڙ وڏو موڙ بڻجي وئي. 1976ع ۾ سر انور پرويز ۽ سندس ساٿين Bestway Wholesale جو بنياد وڌو ۽ لنڊن جي علائقي Acton ۾ پهريون ڊپو قائم ڪيو. اهو فيصلو هڪ ننڍڙي دڪان کان گهڻو وڏو هو. اها هڪ نئين خواب جي شروعات هئي. سال گذرندا ويا، گودام وڌندا ويا، ڪاروبار برطانيا کان اڳتي وڌندو ويو ۽ پوءِ Bestway هڪ وڏي عالمي ڪاروباري گروپ جي صورت اختيار ڪندو ويو.

اڄ Bestway Group جون دلچسپيون wholesale، pharmacy، cement، banking ۽ real estate سميت مختلف شعبن ۾ آهن. گروپ جي پنهنجي معلومات مطابق، ان جا ڪاروبار برطانيا، پاڪستان ۽ وچ اوڀر ۾ پکڙيل آهن ۽ 50 هزار کان وڌيڪ ماڻهو ان سان وابسته آهن. ۽ شايد سڀ کان حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته هيءُ سفر ڪنهن وڏي وراثت کان شروع نه ٿيو هو. هيءُ سفر هڪ نوجوان جي فيصلي سان شروع ٿيو هو. پاڪستان جي هڪ ڳوٺ مان برطانيا وڃڻ جو فيصلو، پوءِ عام نوڪريون، بس ڪنڊڪٽر جي نوڪري، ڊگهن ڪلاڪن جي محنت، پئسا گڏ ڪرڻ ۽ پوءِ هڪ ننڍڙو دڪان! پر اهو ننڍڙو دڪان هڪ ڏينهن Bestway Group جو بنياد بڻجي ويو.

سر انور پرويز کي سندس ڪاروباري ۽ سماجي خدمتن جي اعتراف ۾ برطانيا طرفان OBE ڏنو ويو ۽ 1999ع ۾ کيس Knight Bachelor جو اعزاز مليو، جنهن کان پوءِ سندس نالي سان "Sir" استعمال ٿيڻ لڳو. پاڪستان پڻ کيس هلال پاڪستان سان نوازيو. سر انور پرويز جي زندگي اسان کي هڪ ڳالهه ضرور سيکاري ٿي: جيڪڏهن شروعات ننڍڙي هجي ته ان جو مطلب اهو ناهي ته منزل به ننڍڙي هوندي. بس شرط اهو آهي ته انسان حالتن کي پنهنجي قسمت نه سمجهي، محنت ڪري، سکندو رهي ۽ هڪ ننڍڙي موقعي کي به ضايع نه ڪري.

اڄ جو بس ڪنڊڪٽر سڀاڻي جو ڪامياب انسان به بڻجي سگهي ٿو. ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن انسان جي سڀ کان وڏي دولت سندس کيسي ۾ نه هوندي آهي پر سندس اندر موجود همت، محنت ۽ نه هار مڃڻ واري جذبي ۾ هوندي آهي.

(تاريخي تفصيل Bestway Group جي سرڪاري تاريخ ۽ برطانوي حڪومت جي رڪارڊ مان ورتل آهن)

لطيفي لات ــــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

هُنَ تَارِي هُنَ هَنڌِ، هُتِ مُنهِنجا سُپِرِين،
سَڄَڻَ مَاکِيءَ مَنڌِ، ڪَوڙَا ٿِيَنِ نَہ ڪَڏَهِين.

انسان منجهه سمايل فطري ڪيفيتن مان هڪ ڪيفيت ڪنهن سان پيار ڪرڻ جي آهي، دل من ۾ ان کي سمائي رکڻ جي آهي، ان ڪيفيت جو دائرو وسيع هوندو آهي، جو ڪي ماڻهو فطري نظارن، پکين، جانورن سان پيار جو ورتاءُ ڪن ٿا، انهن کي لاڏ ڪوڏ مان پالي پنهنجو هيراڪ بڻائي پنهنجي تابع ڪندا آهن. پر لطيف سائين انهن سڀني کان مٿاهون ۽ ڏکيو انسان سان لڇون لڳائڻ کي چيو آهي، ان سان پيار جو پيچ اٽڪائڻ کي ٻڌايو آهي. ان ڪري جو معاشرو ماڻهن جي ميل جول، انهن جي ورتائن سان ئي جڙي ٿو، اتي ئي سندن رهڻي ۽ روين جي خبر، معلومات ملي ٿي، واسطا تعلق جڙن ٿا ۽ پيار پلجڻ شروع ٿئي ٿو. جو ته لطيف سائينءَ ۽ ٻين سالڪن جو چوڻ آهي ته "مجاز" ڏاڪو ڏکيو آهي. هتي به لطيف سائين پنهنجي سڄڻن جي مسلسل ڳولا آسماني تڪتن يا ستارن ذريعي ڪندو پيو هلي ۽ پنهنجي پرين جون خوبيون، خاصيتون، ڳڻ به ٻڌائيندو رهي ٿو جيئن هتي چئي ٿو ته "سَڄَڻَ ماکيءَ منڌ" يعني منهنجا سڄڻ ماکيءَ جهڙا آهن. جڏهن اسين ماکي جي اوصافن کي ڏسون ٿا ته اها صاف، شفاف ۽ گندگيءَ کان پاڪ هوندي آهي، ماکيءَ جي مکين يا گُهٽڻ مان هڪ گُهٽي جو ذڪر قرآن شريف ۾ به آيل آهي، جنهن جو ڪم ماکيءَ جي ماتاري ٻاهران ڀهرو ڏيڻ ۽ مکين کي چيڪ ڪرڻ هوندو آهي ته متان ڪا مک يا گُهٽو ڪنهن گندگيءَ مٿان ويهي ته ناهي آيو! لامحالا جيڪڏهن ڪو گهٽو گندگيءَ مٿان ويهي آيو هوندو ته اهو چوڪيدار گهٽو ان کي اڏ مان ڪاٽي ڇڏيندو آهي. جيئن ماکي تج ۽ تيار رهي، جڏهن سڄڻ منجهه ماکيءَ جهڙيون وصفون هونديون آهن ته پوءِ اتي ڪوڙ دوکو دغا، بيوفائي، ڳلا خوري، وڏائي ۽ آڪڙ جهڙين ڪڏين ۽ ڪنين ۽ انسان آڏاريندڙ اوڳڻن جي جاءِ ئي ناهي هوندي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 17 آگسٽ

شيخ صادق علي انصاري

شيخ صادق علي انصاري پنهنجي دور جو مشهور انتظامي سربراهه ۽ سرڪاري ڪامورو هو هن جو جنم 17 آگسٽ 1850ع تي شڪارپور ۾ ٿيو هن ابتدائي سنڌي، انگريزي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان حيدرآباد مان پاس ڪيائين جتي شمس العلماء مرزا قليچ بيگ به سندس ڪلاس جو ساٿي رهيو هن عملي زندگيءَ جي شروعات شڪارپور جي ڪليڪٽر آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڪئي اڳتي هلي ترقي ڪري پهريائين ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ پوءِ ڪليڪٽر جو عهدو ماڻيائين 1907ع ۾ مير فيض محمد ٽالپر کيس خيرپور رياست ۾ وزير مقرر ڪيو پنهنجي وزارت دوران هن فيض لائبريري قائم ڪئي ۽ خيرپور ۾ جيمخاني جو بنياد وڌو هو هڪ سٺو ليکڪ پڻ هو سندس ڪتابن ۾ "انبت جي انصاري شيخن جي تاريخ" ۽ A Short Sketch of Historical and Traditional Races of the Afghanistan and Balochstan Muslims found in Sindh" شامل آهن هن 19 اپريل 1912ع ۾ لاهور ۾ وفات ڪئي کيس شڪارپور ۾ دفنايو ويو.

ٻبلو آڏواڻي

اڄ اسٽيج ۽ فلم جي مشهور اداڪار ٻُبلي آڏواڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 17 آگسٽ 1905ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو هن جو اصل نالو دولترام آڏواڻي هو مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين 1933ع ۾ فلم "حورحرم" ۾ ڪم ڪرڻ سان پنهنجي فلمي سفر جي شروعات ڪيائين 1933ع کان 1977ع تائين هن 90 کان وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪيو هو عمر جي آخري حصي تائين سنڌي اسٽيج ڊرامن ۾ به ڪم ڪندو رهيو هن 25 جولاءِ 1985ع تي ممبئيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو.

غلام حسين خاصخيلي

اڄ مشهور شاعر ۽ صحافي غلام حسين خاصخيلي پنهنجي سالگره ملهائي رهيو آهي هو اڄوڪي ڏينهن تي 1975ع ۾ ڳوٺ ڪُنڊي خاصخيلي تعلقي سڪرنڊ ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ ڄائو هن مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان سڪرنڊ مان پاس ڪيا ۽ ايم اي (سنڌي) جي سند سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان حاصل ڪئي هن اسڪول واري زماني کان لکڻ شروع ڪيو سندس لکڻيون سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪمپيئر ۽ اناؤنسر طور ڪم ڪيو هو سڪرنڊ ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ پريس ڪلب جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار به رهيو آهي هو "روزاني عبرت" سميت مختلف اخبارن سان هڪ رپورٽر طور سلهاڙيل رهيو آهي پاڻ هڪ سٺو شاعر پڻ آهي خاصخيلي صاحب کي جنم ڏينهن جي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

ساگر غلام حسين پنهور

هن ساجهه وند ليکڪ جو جنم 17 آگسٽ 1975ع تي ميهڙ شهر ۾ ٿيو. هن 1998ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو ۽ هڪ شاعر ۽ نثر نگار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت ميهڙ شاخ جو سرگرم ڪارڪن آهي.

اختر حفيظ

اختر حفيظ سنڌ جو مشهور ليکڪ ۽ صحافي آهي هن 17 آگسٽ 1981ع تي ڳوٺ عرس ڪلرو، تعلقي ڪوٽ غلام محمد، ضلعي ميرپورخاص ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن جو پورو نالو اختر حسين ڪنڀار آهي ۽ مشهور ڪهاڻيڪار حفيظ ڪنڀار جو فرزند آهي هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم ڪوٽ غلام محمد مان حاصل ڪئي ۽ ايم اي (سماجيات)، ايم اي (سنڌي) ۽ ايل ايل بي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون هن لکڻ جي شروعات 1992ع ڌاري ڪئي سندس شاعري، ڪهاڻيون ۽ ٻيون لکڻيون سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن جي سونهن بڻجنديون رهيون آهن هن ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا آهن جن ۾ "هوچي منهه- آزاد ويتنام جو باني" (ترجمو)، "جڏهن تون ڪِلين ٿي" (شاعري)، "برسات کان پوءِ" (ڪهاڻيون)، "ادب ۽ سماج"، "ڪيهه منٽ" (ڪهاڻيون)، "ڪووڊ 19" (ناول)، "روءِ نہ ڀڄڙا" (ناول)، "ٻي عالمگير جنگ جي مختصر ڪهاڻي"، "درياءُ وارو ديس" (ترجمو ڪيل ناول) ۽ "ڪيفي ادب" (ناول) شامل آهن هن "روزاني سنڌ ايڪسپريس" ۾ سب ايڊيٽر ۽ انهيءَ اخبار جي ايڊيٽوريل صفحي جي انچارج طور پڻ ڪم ڪيو آهي.

جاني ڪرٽيو

جاني ڪرٽيو نئين ٽهيءَ جو هڪ اڀرندڙ ليکڪ آهي سندس جنم 17 آگسٽ 1985ع تي نئون ديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن ٻاراڻي وهيءَ کان لکڻ شروع ڪيو سندس ڪهاڻيون ۽ مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا آهن خاص طور تي ٻارن لاءِ سندس لکيون ڪافي مقبوليت ماڻي چڪيون آهن.

مختيار اٽڙ

سحر شاهه رضوي

اڄ سنڌ جي مشهور مصوره سحر رضوي شاهه جي سالگره جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن باصلاحيت نياڻيءَ 17 آگسٽ 1994ع تي جهڏي شهر ۾ جنم ورتو سندس والد سيد ماڪن شاهه رضوي ريڊيو پاڪستان جو نامور ڪمپيئر ۽ سنڌ جو مايه ناز ليکڪ رهيو آهي. هن مهراڻ يونيورسٽيءَ جي سينٽر آف ايڪسيلنس آرٽس اينڊ ڊزائين (هاڻوڪي شهيد الهه بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽس اينڊ ڊزائين) مان 2014ع ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ گولڊ ميڊل حاصل ڪيو هن پينٽنگ جي دنيا ۾ ننڍڙي ڄمار ۾ ئي وڏي مڃتا ماڻي آهي سندس فنپارن جي نمائش پاڪستان سان گڏ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿي چڪي آهي هن سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور شخصيتن جا شاندار پورٽريٽ ٺاهيا آهن انهن شخصيتن ۾ شهيد صبغت الله شاهه (سورهيه بادشاهه)، قائد اعظم محمد علي جناح، عبدالستار ايڌي، شهيد الهه بخش سمرو، حيدربخش جتوئي، ڀڳت ڪنورام، شهيد بينظير ڀٽو، مائي بختاور ۽ ٻيا ڪيترائي سورما ۽ سورميون شامل آهن پينٽنگ سان گڏ هوءَ مختلف ٽيليويزن چينلن جي مارننگ شوز ۽ ٻين پروگرامن ۾ به شرڪت ڪندي رهي آهي.

امرتا لال

امرتالال هندستان جي مشهور گلوڪاره ۽ ڪمپيئر آهي اڄ سندس سالگره جو ڏينهن آهي هن جي والده شوڀا لال چندائي سنڌي ٻوليءَ جي نامور ليکڪ هئي جڏهن ته سندس ناني پارو ناڪر چاولا مشهور گلوڪاره ۽ ليکڪا هئي سندس والد رام لالچندائي هندستان جو مشهور سنڌي پينٽر ۽ آرٽسٽ هو هن ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران سنڌي سنگيت جي سکيا پنهنجي نانيءَ جي نگرانيءَ ۾ وٺڻ شروع ڪئي امرتا لال مشهور ثقافتي اسٽيج شو "سيتا سنڌو پوڻ" جي اسٽيج تي ڪيترائي ڀيرا پنهنجا سُر وکيري چڪي آهي ان کان علاوه ٻين به ڪيترن ئي ثقافتي ۽ موسيقيءَ جي پروگرامن ۾ پنهنجي سريلي آواز سان ٻڌندڙن ۾ مقبوليت ماڻي چڪي آهي سندس ڳايل گيتن جا ڪيترائي البم به جاري ٿي چڪا آهن.

ميان غلام نبي ڀنبل

هن بزرگ شاعر جو مختصر ذڪر مخدوم طالب الموليٰ پنهنجي ڪتاب "دُرناياب عرف ياد رفتگان" ۾ ڪيو آهي مخدوم صاحب مطابق هن بزرگ جي ولادت 25 آگسٽ 1852ع تي هالا ۾ ٿي پاڻ حضرت مخدوم نوح رحہ جي درگاهه جي 13هين سجاده نشين مخدوم امين محمد جو ننڍو ڀاءُ هو هو پنهنجي دور جو هڪ پختو شاعر هو سندس ڪلام گهڻو ڪري حمديه ۽ نعتيه ڪلام تي مشتمل آهي پر افسوس جو سندس شاعريءَ جو گهڻو حصو دنيا جي دز ۾ غائب ٿي ويو. هن 17 آگسٽ 1887ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

سر جان مارشل

اڄ آثار قديمه جي جڳ مشهور ماهر سر جان مارشل جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جي ئي نگرانيءَ ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي ٿي ۽ سنڌو ماٿريءَ جي پنج هزار سال پراڻي تهذيب دنيا جي آڏو ظاهر ٿي جان مارشل جو جنم انگلينڊ جي شهر چيسٽر ۾ 19 مارچ 1876ع تي ٿيو هن آثار قديمه واري شعبي ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي 1898ع کان 1901ع تائين يونان جي قديم آثارن جي کوٽائيءَ ۾ حصو ورتائين 1902ع ۾ هو هندستان آيو جتي هن کي آثار قديمه واري شعبي جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو 1913ع ۾ هن ٽيڪسيلا جي قديم آثارن جي کوٽائي شروع ڪرائي 1918ع ۾ ٽيڪسيلا ۾ عجائب گهر قائم ڪيائين 1920ع ڌاري موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جا قديم آثار دريافت ڪيائين ۽ انهيءَ دريافت جي نتيجي ۾ سنڌو ماٿريءَ جي قديم تهذيب جو دنيا کي پتو پيو هن سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۽ موهن جي دڙي بابت ڪيترائي تحقيقي مضمون پڻ لکيا 1934ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو انگلينڊ موٽي ويو جتي 17 آگسٽ 1958ع تي سندس روح جو پکي پرواز ڪري ويو.

عبدالله شرر

سنڌي ٻوليءَ جي هن سرموڙ شاعر 1927ع ڌاري لسٻيلي بلوچستان ۾ صالح محمد لاسيءَ جي گهر اکيون کوليون غربت جي ڪري تعليم جي زيور کان وانجهيل رهيو هن جي مشهور شاعر محمد جمن هالي سان سٺي عليڪ سليڪ هئي هو ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ باقاعدگيءَ سان شريڪ ٿيندو هو جميعت الشعراءِ پاران سنڌ جي مختلف شهرن ۾ منعقد ٿيندڙ ڪانفرنسن ۾ هن ڪيترائي ڀيرا ڪراچيءَ جي نمائندگي ڪئي شاعريءَ ۾ پهريائين "عاجز" ۽ پوءِ "شرر" تخلص استعمال ڪيائين سندس شاعري ان وقت جي ساک وارن رسالن ۾ ڇپجندي رهي هن پلوڙ شاعر 17 آگسٽ 1967ع تي وفات ڪئي سندس شاعريءَ جو هڪ نمونو ماهوار نئين زندگي رسالي جي جنوري 1995ع واري شماري ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي سجاد ولد غلام مصطفيٰ رهندڙ محلا RBBڪالوني ڄامشورو درخواست ڪئي آهي ته فوتي نالي محمد ايوب ولد غلام رسول ۽ فوتي عبدالرحمان ولد خدا بخش جو فوتي کاتو جيڪو ديهه راٽلو ۾ سروي نمبر 309 ايراضي 3-36 ايڪڙ آهي جنهن بابت فوتي کاتي بدل لاءِ مٿي ڄاڻايل فوتين جو /جنهن جا وارث هن ريت آهن

فوتي1: محمد ايوب ولد غلام رسول، مسمات ڪزبانو زال فوتي محمد ايوب، بيبي ليلا (ڌيءَ) محمد اسلم (پٽ) مومل (ڌيءَ) اڪرم مانجهند (پٽ) شاهده (ڌيءَ) غلام رسول (پٽ) ذيشان (پٽ)

فوتي2: عبدالرحمان ولد خدابخش، مسمات ڪزبانو فوتي جي (ڌيءَ) مسمات نواز خاتون (ننهن) مسمات رخسانه زال غلام مصطفيٰ (ننهن) مسمات فوزيه ڌيءَ غلام مصطفيٰ (پوٽي) سجاد پٽ غلام مصطفيٰ (پوٽو) وجاهت پٽ غلام مصطفيٰ (پوٽو) ماجد پٽ غلام مصطفيٰ (پوٽو) مسمات رخسانه زال الطاف حسين (ننهن) عرفان ولد الطاف حسين (پوٽو) فرحان علي پٽ الطاف حسين (پوٽو) فرمان علي پٽ الطاف حسين (پوٽو) صنم ڌيءَ الطاف حسين (پوٽي) اسد پٽ الطاف حسين (پوٽو) احسان پٽ الطاف حسين (پوٽو)

جئين ته مٿي ڄاڻايل وارث فوتين جا جائز وارث آهن. جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي هن فوتي کاتي بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي (7) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائين. ٻي صورت ۾ فوتي کاتو وارثن جي نالي تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽڙي

بقايا 1 — روزاني عبرت

مٿل جکراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، پوليس پاران زخمي ٿيل جوابدار کي گرفتار ڪري جيڪب آباد جي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي جوابدار کي طبي امداد ڏني وئي، پوليس پاران جوابدار جي قبضي مان بغير لائيسنس هڪ ٽائين ايم ايم پسٽول هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي ۽ ٻڌايو پيو وڃي ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هوڏانهن جيڪب آباد جي سول لائين ٿاڻي جي پوليس پاران ٻه بسم الله باغ وٽ مقابلي کان پوءِ ڳوٺ اصغر خان پنهور جي رهواسي هڪ جوابدار نصير پٽ الله بخش کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي، پوليس طرفان گرفتار ڪيل جوابدار جي قبضي مان سنگل بيرل بندوق هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي جنهن کي زخمي حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي جوابدار کي طبي امداد ڏني وئي، پوليس موجب، گرفتار ٿيل جوابدار جا 4 ساٿي موقعي تان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. آخري اطلاعن تائين ٻنهي جوابدارن مٿان ڄاڻايل ٿاڻن تي اهڙي واقعي جا ڪيس به داخل ڪيا ويا آهن.

بقايا 2 — روزاني عبرت

عرف احسو کهراڻي جتوئي جو لاش پوليس وارثن حوالي ڪري ڇڏيو جنهن بعد وارثن پوليس کي اعتماد ۾ وٺي مڙهه کي دفن ڪري ڇڏيو. ذريعن موجب اسماعيل عرف احسو کهراڻي جتوئي جو لاش هٿ اچڻ بعد ضروري ڪارروائي مڪمل ڪري پوليس وارثن حوالي ڪيو جنهن بعد وارثن لاش پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏيو. ذريعن جو چوڻ آهي ته واقعي ڪاڇيءَ ڌرين وچ ۾ راڄوڻي بنيادن تي ڳالهين جو سلسلو پڻ جاري آهي، جنهن دوران اهم معاملا طئي ٿيڻ جا اطلاع آهن. علائقي ۾ صورتحال تي پوليس طرفان نظر رکي پئي وڃي.

بقايا 3 — روزاني عبرت

ٻوڏي شامل آهن. واقعي جي اطلاع ملندي ئي بي سيڪشن پوليس فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي وئي. پوليس ۽ علائقي جي ماڻهن زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي سندن علاج جاري آهي. پوليس موجب گئس سلينڊر ڦاٽڻ واري واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته ڌماڪي جا اصل سبب معلوم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 4 — روزاني عبرت

مهر پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي پ پ ايم پي اي محمد عارف خان مهر چيو ته قانون کي حرڪت ۾ اچڻ گهرجي ۽ پوليس کي پنهنجو ڪم قانون موجب ڪرڻ گهرجي. اسان قانون ۽ انصاف تي يقين رکون ٿا، مقتول جي وارثن سان انصاف ٿيڻ گهرجي ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هن مهر برادري جي ماڻهن کي صبر ۽ تحمل جي اپيل ڪندي چيو ته ڪنهن به صورت ۾ قانون هٿ ۾ نه کنيو وڃي، انصاف جي فراهمي لاءِ قانوني رستو اختيار ڪرڻ ضروري آهي. پ پ ايم پي اي پوليس تي زور ڏنو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري، جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مقتول نوجوان آصف مهر جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. هوڏانهن تڏي تي موجود مهر برادري جي معززن ۽ علائقي واسين واقعي تي سخت افسوس جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو ته آصف مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

بقايا 5 — روزاني عبرت

وار ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڪهاڙيون لڳڻ ڪري سندس هڪ ڪن جو اڌ حصو ڪٽجي ڇڏيو ۽ ٽڪ ۽ جسم جي ٻين حصن تي گهاو ڪري سندس بيهوش ڪري ڇڏيو آهي وارثن جو چوڻ آهي ته 4 مهينا اڳ نوجوان سراج سمنگ ناري حميراه سمنگ سان عدالتي پرڻو ڪيو هو جنهن تي ناري جي وارثن ڏمرجي گهر تي حملو ڪيو

بقايا 6 — روزاني عبرت

ذريعي جيڪب آباد جي سول اسپتال ڪٺائي پهچايو جتي ڊيوٽي تي موجود عملي پاران لاچاري ظاهر ڪندي ٽينگر کي لاڙڪاڻو منتقل ڪرڻ جون صلاحون ڏنيون جنهن ڪري زخمي ٽينگر سول اسپتال اندر بغير ڪنهن ٽريٽمينٽ جي تڙپندو رهيو اهڙي طرح جتي سول اسپتال انتظاميه پنهنجي لاپرواهي جو مظاهرو ڪيو ته اتي وري 1122 ايمبولينس سروس به پنهنجي نااهلي ڏيکارڻ ۾ وس ڪانه گهٽايو وارثن پاران 1122 ايمبولينس سروس کي فون ڪالز ڪرڻ باوجود هو نه سول اسپتال نه پهتا جنهن ڪري ٽينگر تڙپي تڙپي پنهنجي وارثن آڏو دم ڏئي ڇڏيو جنهن بعد وارث ٽينگر جو مڙهه کڻائي گهر پهتا ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو جنهن بعد ٽينگر کي مقامي قبرستان ۾ آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ فوتي ٽينگر جي والد غلام عباس ڏانهيندي چيو ته منهنجو پٽ راحب ميرالي جهولي تان رائد ڪيڏندي سريو لڳڻ سبب معمولي زخمي ٿيو جنهن کي سول اسپتال پهچايو پر ڊاڪٽرن لاچاري ظاهر ڪئي ۽ لاڙڪاڻو منتقل ڪرڻ جي صلاح ڏني جنهن بعد 1122 ايمبولينس سروس کي فون ڪئي پر هنن به ڪابه اهميت نه ڏني جنهن ڪري پٽ تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو هن چيو ته چونڊيل نمائندن جي نااهلي ۽ سول اسپتال انتظاميه جي لاپرواهي سبب پٽ فوت ٿيو آهي جنهن جو ڪيس لاڳاپيل عملدارن مٿان داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 7 — روزاني عبرت

ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي سندس زندگي جو ڏيئو اجهامي ويو. معصوم ٻار جو مڙهه گهر پهچندي ئي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 8 — روزاني عبرت

تي ڇاپا هڻي هڪ درجن جي لڳ ڀڳ شڪي ڳوٺاڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي ياد رهي ته ٻه ڏينهن اڳ پڻ گهوٽڪي ضلعي جي پنجن ٿاڻن جي پوليس ليبر ڪالوني ميرپور ماٿيلو تي چڙهائي ڪري ڏهه ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو هو ان سلسلي ۾ چئو پول آهن ته ليبر ڪالوني مان گرفتار ڪيل شڪي ماڻهن کي ڏيتي ليتيءَ ذريعي رات دير سان آزاد ڪيو ويو آهي ، هوڏانهن سوشل ميڊيا صارفين موجب ليبر ڪالوني ڌوهارين جي آماجگاهه بڻيل آهي پوليس

ڪي گهرجي ته ليبر ڪالوني ڌانهن ايندڙ ويندڙ رستن تي حڪمت عملي سان چيڪنگ ڪن ته ڌوهن ۾ گهٽتائي اچي ويندي

بقايا 9 — روزاني عبرت

۽ ناانصافين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي عورت اختيارين ڪان پنهنجي پاران جي حفاظت سان بازيابي، جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ۽ ڪيس تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج دوران مسمات شباڻ وسان ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته سندس شادي تقريبن 15 سال اڳ حاجي بخش علي وسان سان ٿي هئي، ۾ شادي جي ڪجهه عرصي کانپوءِ ئي سندس مڙس مبينا طور بنا جواز ڪيس تشدد جو نشانو بڻائڻ شروع ڪيو عورت موجب سندس مڙس ڪيس ڪاڏي پيئي جي عادت به مبينا طور نشي آور شيون ملائي ڏيڻ شروع ڪيون، جن جي استعمال ڪانپوءِ هوءِ بيهوش ٿي ويندي هئي. هن الزام لڳايو ته ان دوران سندس مڙس مبينا طور غير مردن کي گهر گهرائيندو هو ۽ سندس بي وسيءَ جو فائدو وٺندي انهن ڪان ساڻس مبينا زيادتي ڪرائيندو هو مسمات شباڻ وسان وڌيڪ الزام لڳايو ته سندس ٽي ٻار ٿيڻ ڪانپوءِ پاڙي جي ماڻهن ڪيس ٻڌايو ته رات جي وقت سندس گهر ۾ اڪثر غير مردن جي اچ وڃ رهندي آهي ۽ جڏهن ۾ اهي گهر ايندا هئا ته ڪيس بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڏسندا هئا. عورت موجب جڏهن هن پنهنجي مڙس حاجي بخش علي وسان ڪان ان معاملي بابت وضاحت طلب ڪئي ۽ ٻارن بابت سوال ڪيو ته مڙس مبينا طور ڪيس سخت تشدد جو نشانو بڻايو شباڻه وسان الزام لڳايو ته بعد ۾ سندس پن ڏيرن، رينواز وسان ۽ گلشاد وسان، مبينا طور هٿيارن جي زور تي ساڻس زيادتي ڪئي، جنهن جي رپورٽ هن لاڳاپيل ٿاڻي تي داخل ڪرائي، پر سندس چوڻ آهي ته پوليس پنهنجي ڪي گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجهه ئي دير ۾ آزاد ڪري ڇڏيو عورت موجب بعد ۾ هن پنهنجي مڙس ڪان طلاق وٺي ڇڏي، تنهن هوندي به ٻارن جي خاطر هوءَ ساڳئي گهر ۾ رهندي رهي. هن الزام لڳايو ته هاڻي سندس مڙس سندس ٻارن کي ڪاٽس ڏار ڪري، ڪيس مبينا طور ڌڪا ڏئي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي، جڏهن ته سندس پنهنجا ٻار به مڙس سان ملي ويا آهن. مسمات شباڻه وسان وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته ڪيس ۽ سندس ٻارن کي مسلسل مبينا تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي ۽ ڪين قتل جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن، جنهن سبب هوءَ ۽ سندس ٻار سخت خوف ۽ هراس ۾ مبتلا آهن. احتجاج ڪندڙ عورت چيف جسٽس آف پاڪستان، وڏي وزير سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور سميت ٻين اعليٰ اختيارين کي پرزور اپيل ڪئي ته سندس مڙس، ڏيرن ۽ ٻين مبينا طور ملوث ٻين ماڻهن خلاف فوري ۽ شفاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، سندس ٻارن کي حفاظت سان بازياب ڪرايو وڃي ۽ ڪيس ۽ سندس ٻارن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪري انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا 10 — روزاني عبرت

گرفتار ڪجهه ڏينهن اڳ ميهڙ تعلقه اسپتال جي هڪ خانگي سيڪيورٽي گارڊ رستم عرف ساگر ڪوسو کي پراڻي دشمني سبب قتل ڪيو ويو هو مقتول جي پاءُ جي مدعيت ۾ ميهڙ ٿاڻي ۾ ڏوهه نمبر 293/2026 تحت قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايس ايس پي دادو ڪيپٽن رٽائرڊ صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي ايس ايڇ او ميهڙ اي سيڪشن مظهر علي ناچ جي اڳوائي ۾ پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي ڪيس ۾ نامزد گهربل اهم جوابدار رسول بخش عرف سينگار ڪوسو کي گرفتار ڪري ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته ٻين جوابدارن جي گرفتاري جي لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري آهي

بقايا 11 — روزاني عبرت

جي گهر ڪيي آهي ان موقعي تي ساڻن مرد گڏ ن هوا عورتن موجب سنڌن مردن تي من گهڙت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا 12 — روزاني عبرت

ته سنڌن پاءُ اعجاز ٿيبو کي پوليس مبينا طور کنيو گم ڪري ڇڏيو آهي، هنن مطالبو ڪيو ته اعجاز ٿيبو کي فوري طور ظاهر ڪيو وڃي ۽ مبينا ڪوڙا ڪيس ختم ڪري کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 13 — روزاني عبرت

تي هن چيو ته سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي جساف آريسر جي ميمبر سنڌ جي ٿيانڻي ايڪتا دراوڙ(سويرا لغاري) جي قتل جي سخت مذمت ڪيون ٿا ۽ گڏو گڏ مطالبو ڪيون ٿا ته سنڌس فيملي، متن ، ماٺن ۽ سياسي ڪارڪنن خلاف رياستي ڪريڪ ڊائون بند ڪيو وڃي هن چيو ته ميرپورخاص ۾ پهرين قهميده لغاري جو قتل ۽ هاڻ وري سويرا لغاري جو قتل ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هن رياست جي جوڙيل نظام ۾ عورتن کي صرف گهريلو ڪم ۽ ٻار پيدا ڪرڻ جي مشين سمجهيو وڃي ٿو هتان جو نصاب به صنفي اڻ برابري سان ڀريل آهي جنهن ۾ چوڪرا اسڪول ويندي ڏيکاريا وڃن ٿا جڏهن ته چوڪريون صرف گهر ۾ ڪم ڪندي ڏيکاريل آهن اهڙي فرسوده نصاب کي پڙهي انسانن جا ذهن عورت دشمن بڻجي ٿا پون ٿا هنن چيو ته قاتل پنهنجي بيان ۾ واضح چيو آهي ته ڪيس ٿيانڻيءَ جون سياسي سرگرميون پسند نه هيون جنهن ڪري هن اهو قدم کنيو رهيو آهي هنن چيو ته اج سنڌ گهٽن مسئلن جو شڪار آهي جنهن ۾ تازو سنڌ جي وحدت تي وار ڪرڻ جو تياريون ڪيون پيو وڃن سنڌ ۾ لاڪائونٽيز جو راڄ آهي ڏاڍيل گرڊي آهي تعليم ، صحت ۽ روزگار ته هٿڻ برابر آهي معصوم ٻار اغوا ڪيا پيا وڃن پر هاڻ ته اسان جا گهر به محفوظ ناهن قاتل گهرن ۾ گهڙي اسان جي ٿيانڻين کي غيرت جي نالي تي قتل ٿا ڪن هنن چيو ته اسان جي سماج ۾ عورت کي مرضي مطابق فيصلا ڪرڻ جو اختيار نه آهي ۽ اهڙي سوچ جي پويان رياستي نظام آهي جنهن سبب ماڻهو عورت کي برابر جا حق نٿا ڏين هنن چيو ته ميرپورخاص ۾ ٿيانڻي سويرا لغاري جي قتل ڪان پوءِ سنڌس خاندان مٿان ڪيس داخل ڪري متن ، ماٺن توڙي سياسي ڪارڪنن خلاف رياستي ادارن جو ڪريڪ ڊائون جاري آهي ڪيترا ماڻهو کنيو گم ڪيا ويا آهن ڪورٽ ۾ ضمانت لاءِ ويندڙ ماڻهن کي ڪورٽن مان گرفتار ڪيو ٿو وڃي جي تڏي تي چڙهائي ڪري والدين کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا ۽ مطالبو ڪيون ٿا ته گرفتار سمورا ماڻهو آزاد ڪيا وڃن سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي سنڌ پرست وڪيلن کي اپيل ڪري ٿي ميرپورخاص ۾ رياستي جبر خلاف پرپور آواز بلند ڪري وارثن جي قانوني مدد ڪن پوليس طرفان ٿيانڻي سويرا لغاري جي ماٺن خلاف داخل ڪيل ڪيس واپس ورتو وڃي سياسي ڪارڪنن خلاف ڪريڪ ڊائون بند ڪيو وڃي گرفتار ڪيل سمورا ماڻهو آزاد ڪيا وڃن

بقايا 14 — روزاني عبرت

تڙپي تڙپي موقعي تي ئي دم ڏئي ڇڏيو موقعي تي موجود ماڻهن عبدالستار کي ڪٺائي ڊاڪٽر تائين پهچايو ته ڊاڪٽر پاران ٻه سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي جنهن بعد فوتي جو مڙهه گهر پهچايو ويو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو جنهن بعد فوتي جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد کيس مقامي قبرستان ۾ آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا 15 — روزاني عبرت

شرڪت ڪئي اجلاس ۾ گڏيل مشاورت ڪانپوءِ متفقه طور "ختم نبوت تعت ڪائونسل" جي نالي سان تعت ڪائونسل قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس دوران ڪائونسل جي عهديدارن جي پڻ چونڊ ڪئي وئي، جنهن موجب ماسٽر محمود قائم خاني کي باني ۽ سرپرست

اعليٰ، حافظ زوهيب قادري کي صدر حاجي راشد مجيد عطاري کي نائب صدر محمد رضا مصطفوي کي جنرل سيڪريٽري، محمد بلال قادري کي رابطا سيڪريٽري، جڏهن ته حاجي ساجد قادري کي پريس سيڪريٽري چونڊيو ويو ڪائونسل جي ميمبرن ۾ ماسٽر محمد جاويد اعزاز اويس رضا، حافظ جنيد ابراهيمي، گلبهار خاصخيلي، ثاقب محفوظ، شهزاد غوري، خالد ٽوحائي، ذيشان حيدر حسيب ڏاڪر واجد عطاري ۽ بلال ذوالفقار شامل آهن. اجلاس جي آخر ۾ قاري راشد مجيد عطاري خصوصي دعا ڪرائي. شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته نعت رسول صلي الله عليه وسلم جي فروغ ۽ عشقِ رسول صلي الله عليه وسلم جو پيغام عام ڪرڻ لاءِ "ختم نبوت نعت ڪائونسل" پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي.

بقايا 16 — روزاني عبرت

نوجوان ضامن علي سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪوسو پاڙي ۾ اسان جو 8500 اسڪوائر فٽ ايراضي تي جڳهه ٿهيل آهي جيڪا منهنجي ناني مرحوم الله بخش پڻا جي هئي، انتقال کي پهرين اها جاءِ منهنجي ناني منهنجي والده کي ڏني هئي، جنهن ۾ اسان رهائش پذير آهيون، پر منهنجي نانا جو دوست قربان لوڙهائي اسان جي جاءِ تي ڪوڙي داخلا رڪرائي جڳهه تي زبردستي قبضو ڪرڻ ٿو چاهي، هن 8500 فٽ پلاٽ مان پهرين به 4 سال اڳ 1500 فٽ پلاٽ وڪرو ڪري جڪو آهي، هينئر به بقايا گهر جي پلاٽ تي قبضو ٿو ڪرڻ چاهي، قربان لوڙهائي اسان جي گهر جي مٿان هوائي فائرنگ ڪئي ۽ اسان کي ڌمڪائي ويو ته جاءِ خالي ڪيو جنهن جي اسان سيوهڻ ٿاڻي تي رپورٽ به درج ڪرائي آهي پر پوليس ان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هاڻي ڪجهه ڏينهن ڪان غلام شبير ملاح اچي اسان کي ڌمڪائي رهيو آهي ته هيءَ جاءِ مون قربان لوڙهائي کان خريد ڪئي آهي ۽ اوهان جاءِ خالي ڪري هليا وڃون، اچ اسان جي گهر ۾ 4 عورتون زبردستي گهر ۾ گهڙي ويهي رهيون آهن ته اوهان گهر خالي ڪيو اسان کي غلام شبير ملاح جهيڙي ڪيو آهي، متاثر نوجوان ڊي آءِ جي حيدرآباد، ڊيٽي ڪمشنر ڄامشورو ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ قبضي ڪندڙن خلاف فوري طور ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 17 — روزاني عبرت

ڪان ڪسي هڪ صوبي جي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن جنهن سان مظلوم قومن ۽ ننڍن صوبن جي عوام ۾ مايوسيون وڌي رهيون آهن جنهنڪري ملڪي يڪجهتيءَ کي نقصان پهچڻ جو انديشو وڌي ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته هن وقت ملڪ ۾ جمهوريت جي نالي ۾ مارشلا لاڳو ٿيل آهي ڪنهن به ماڻهو کي پنهنجي ذاتي يا اجتماعي مسئلن تي ڳالهائڻ نه ٿو ڏنو وڃي سنڌ کي خاص ڪري سرداران پوترن ۽ جاگيردارن حوالي ڪري تعليمي ادارا تباهه ڪيا ويا آهن ۽ منشيات عام ڪري سنڌ جي نوجوان نسل کي تباهه ڪيو ويو آهي ۽ ڌارين کي سنڌ ۾ آباد ڪري سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش رٿي وئي آهي سنڌ ۾ منشيات عام ڪرڻ ۽ تعليمي ادارا تباهه ۽ برباد ڪرڻ هڪ گهري سازش آهي سنڌ جي نوجوان کي جاهل رکڻ جي هنن انهي موقعي تي گهر ڪئي ته وڌيڪ صوبن ناهن جو راڳ بند ڪري حڪمرانن جا شاهاڻا خرچ گهٽائي بيوروڪريسي جي شهنشاهي ۽ ڪرپشن ختم ڪري عوام جا جائز مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ سنڌ جي تعليم جي تجرباتي بنيادن تي هلائڻ بدران ٺيڪ ٺيڪ ۽ ايماندار تعليمدانن کي تعليمي نظام ۾ آڻي سرڪاري مداخلت بند ڪري کين بااختيار ڪيو وڃي ته جيئن سنڌ جي تعليم بي هڏندڙ پيڙي تري سگهي انهي موقعي تي مرڪزي فيصلي موجب سڄي ضلع جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ اسٽاپ تي عوامي سڄاڳي مهم جا هيند بل ورهايا ويندا ۽ سيپٽمبر ۾ ضلع سطح تي عوامي ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي. اجلاس ۾ فاضل هاليپوٽو ايڊووڪيٽ رمضان رند جاڪرو ٽوحائي احمد ملاح مانڪ ٽالپر علي احمد ميمڻ دلدار ٽوحائي تري ديو مهاراج گلزار ٽوحائي غفور ٽوٽڪائي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 18 — روزاني عبرت

شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تعزيتي ميڙاڪي ۾ مقررين مرحوم ذوالفقار علي راهي جي فني ۽ ادبي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته هو سڄاول جو پهريون ڪلاسيڪل موسيقيءَ جو هڪ اهم ستارو هو جنهن پنهنجي خوبصورت آواز راڳ جي ڄاڻ ۽ شاعري ذريعي سنڌ جي ثقافتي ورثي کي هٿي ڏني مقررين چيو ته ذوالفقار علي راهي جو لاڏاڻو سڄاول جي فن ۽ ثقافت لاءِ وڏو نقصان آهي سندس فن ۽ خدمتون هميشه ياد رهنديون تعزيتي ميڙاڪي جي صدارت جنسار علي راهي مهمانن ۾ پروفيسر حسن پٽي قادر بخش زئور ضمير بلال اوٺو هئا جڏهن ته شرڪت ڪندڙن ۾ سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل اصغر ميمڻ، شاعر اياز امر شيخ، مشتاق سعيد، حسين آزاد، فقير اڪرم زنگيجو گلڻ مستائي فريد گل شاعر واحد سوز ملاح، خدا ڏنو ناراڻي ۽ سرويچ سڄاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري جي انچارج زبير احمد جعفراڻي هئا

بقايا 19 — روزاني عبرت

سلسلي ۾ گذريل ڏينهن پڻ راڻوٽي ويجهو ٻيا ون هڪٽ تي ڌوهارين ٻيا ون هڪٽ درون ذريعي حملو ڪيو ٻه گرنيڊ نه ڦاٽڻ سبب پوليس اهلڪار معجزاتي طور محفوظ رهيا جنهن بعد پوليس اهلڪارن پاران جوابي فائرنگ ڪرڻ بعد ڌوهاري فرار ٿي ويا ان موقعي تي گهوٽڪي ضلعي جي پوليس پاران گرنيڊز کي ناڪارا بڻائڻ لاءِ اينٽي بم ڊسپوزل اسڪواڊ طلب ڪري گرنيڊ کي ناڪارا بڻايو ويو پاسي اهڙي واقعي بعد گهوٽڪي ضلعي جي پوليس پاران ڪچي ڏانهن ايندڙ ويندڙ رستن تي ناڪا بندي ڪري ڌوهارين کي چڪڻ لاءِ هڪ پيرو ٻيهر آپريشن جون تياريون ڪيون پيون وڃن

بقايا 20 — روزاني عبرت

مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ته اسان آءِ بي جي ٽيسٽ پاس ڪئي آهي پر ان جي باوجود اسان کي آفر آرڊر نٿا ڏنا وڃن ۽ هن مهانگائي جي دور ۾ اسان سخت پريشانيءَ ۾ هنن ٿي رهيا آهيون هنن چيو ته گڏريل ڪيترن مهينن کان اسان سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪندا آهن پر ان جي باوجود تعليم کاتي جو آفيسرن تي ڪو به فرق نٿو پوي هنن چيو ته اسان جون عمريون به چڙهي ويون آهن نٿين نوڪرين ۾ اپلاءِ به نٿا ڪري سگهون هنن چيو ته سنڌ جي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ استادن جون جڳهيون خالي پيل آهن پوءِ به اسان کي پرچي نٿو ڪيو وڃي هنن چيو ته تعليم کاتي جو صوبائي وزير سيد سردار شاهه کي گهرجي ته اسان غريبن سان انصاف ڪري اسان آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن کي آفر آرڊر ڏئي اسان جون پريشانيون ختم ڪيون نه ته ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ اندر احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

بقايا 21 — روزاني عبرت

تقريب ۾ اڪبر عباسي، شرافت عباسي، نويد عباسي، راشد عباسي، عابد عباسي، ذيشان عباسي، عامر عباسي، حامد عباسي، آصف عباسي، ياسين عباسي، ڪاشف عباسي، اشفاق عباسي سميت ٻين معززن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي انجمن اتحاد عباسيه سٽي سڪر جي صدر عبدالحميد خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان اسان جي بزرگن جي لازوال قربانين ۽ جدوجهد جو ثمر آهي، اسان کي پنهنجي پياري وطن جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ متحد ٿي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن چيو ته جشن آزادي اسان کي اتحاد، يڪجهتي، پائيداري ۽ قومي ذميوارين جو احساس ڏياري ٿو هن وڌيڪ چيو ته نوجوان نسل کي قيام پاڪستان جي تاريخ ۽

پنهنجي بزرگن جي قربانين کان آگاهه ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي ملڪ جي سلامتي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي.

بقايا 22 — روزاني عبرت

۾ تقسيم ڪيو ويو ان موقعي تي فوڪل پرسن ريهيبيلٽيشن ٽائونو لاخان درمحمد خاصخيلي سرور خاصخيلي صحافي امتياز مگنهار صحافي راشد مگنهار شهري ايڪشن ڪميٽي اڳواڻ ڪامران خاصخيلي محمد حنيف خاصخيلي روينيو آفيسر مسڪين مانجهو خاصخيلي موجود هئا

بقايا 23 — روزاني عبرت

حيدري ڪلب کي هاراڻي دفاعي چيمپئن بڻجڻ جو اعزاز برقرار رکيو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر مير محمد ڪلهوڙو چيو ته جشن آزادي جي موقعي تي اهڙن رانديڪن جي مقابلن جو انعقاد نوجوانن ۾ صحتمند سرگرمين، نظم و ضبط ۽ ٽيم ورڪ جي جذبي کي هٿي ڏئي ٿو هن چيو ته حڪومت نوجوانن کي رانديڪن جا وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي ان موقعي تي پروفيسر جاويد رسول راهپوٽو چيو ته رانديڪن سان نوجوانن ۾ مقابلي جو جذبو برداشت ۽ اتحاد پيدا ٿئي ٿو هن چيو ته جشن آزادي جي موقعي تي رانديڪن جي شاندار شرڪت خوش آئنده آهي ان دوران ڪامياب شاگردن ۾ ٽرافيون ۽ انعام ورهايا.

بقايا 24 — روزاني عبرت

جوابدارن مخدوم بلاول پوليس گرفتار ڪري ورتو گرفتار ڪيل جوابدارن ۾ ايس ايڇ او خدا آباد منور جتوئي ۽ قلجي پوليس ٿاڻي جو وڏو منچي حسن پنهور کي ايس ايڇ او مخدوم بلاول جهانگير جاٽيو گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته ايس ايس پي دادو معاملي جو نوٽيس وٺندي گرفتار ڪيل ايس ايڇ او ۽ وڏي منچي ۽ فوري طور معطل ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي تي ايس ايڇ او مخدوم بلاول جهانگير جاٽيو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته هڪ هفتو اڳ ڪار جي خونڪا ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار ڳوٺ اسماعيل اچڙا جو رهواسي ويهه سالا نوجوان محمد رضوان پنهور فوت ٿي ويو هيو واقعي واري هنڌ تان ٽڪر هڻي ڪار سوار فرار ٿي ويا هيا جاچ ڪرڻ کان پوءِ واقعي ۾ ملوث ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته ايس ايس پي دادو ڪان معاملي ڪان آگاهه ڪيو آهي فوت ٿي ويل نوجوان رضوان پنهور جي وارثن جي چوڻ مطابق قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 25 — روزاني عبرت

جيڪو زخمن جا سور نه سهندي وفات ڪري ويو . ڪوٽڙيڪهنور پوليس ضروري ڪارروائي بعد لاوارثن حوالي ڪيو جتي مرحوم جو مڙهه ڪوٽڙيڪهنور پرسان ڳوٺ ٺوابخان نظاماڻيءَ ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 26 — روزاني عبرت

اجلاس جي صدارت ضلعي صدر عامر حسين چنر ڪئي، جڏهن ته سينيئر نائب صدر مسرت علي مهر تعلقي صدر ماجد علي سنگهڙ سيد غضنفر علي شاهه، ظفر احمد صديقي، فريد ملڪ، ظفر علي پٽي يوسف منگي، امجد علي ڪلوڙ دائم چاچڙ طارق وٽي سهراب رڪ سميت وڏي انگ ۾ صحافين شرڪت ڪئي. اجلاس دوران صحافين مشتاق شاهي لغاري جي گهر ۾ ٿيل ڌاڙي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري چوري ٿيل رقم، سون ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي. صحافين چيو ته جيڪڏهن صحافي جو گهر به محفوظ ناهي ته پوءِ عام شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ بابت ڪيترائي سوال اڀرن ٿا. پوليس کي گهرجي ته واقعي جي شفاف ۽ تيز رفتار جاچ ڪري جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ۽ ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي. صحافين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مشتاق شاهي لغاري جي گهر ۾ ٿيل ڌاڙي ۾ ملوث جوابدارن خلاف ترت ۽ اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي ذميواري لاڳاپيل ادارن تي هوندي.

بقايا 27 — روزاني عبرت

حراس پڪيو ويو ۽ لڳ ڀڳ 60 ڪچا ۽ پڪا گهر ڊاهي پٽ ڪيا ويا، جنهن سبب ڪيترائي خاندان بي گهر ٿي ويا. متاثرن جو چوڻ آهي ته ماڇي برادري جا ماڻهو چڪ نمبر 5 ۾ ڪيترن ئي سالن کان آباد هئا ۽ هاريءَ، مزدوري ۽ ٻين ذريعن سان پنهنجو گذر سفر ڪندا هئا. سندن دعويٰ موجب ڳوٺ خالي ٿيڻ ڪانپوءِ گهرن مان سامان ۽ چوپايو مال به ڪڍي وڃڻ سبب ڪين لڪين رپين جو نقصان پهتو آهي. احتجاج ڪندڙن ۾ ميرزادي ماڇي، ڪريمان ماڇي، ارباب خاتون، هوا ماڇي ۽ ٻيا شامل هئا، جن صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته واقعي، ڌمڪين ۽ تحفظ بابت لاڳاپيل اختيارين کي 12 ڪان وڌيڪ درخواستون ڏنيون ويون آهن، پر اڃا تائين خاطرخواهه ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي. هوڏانهن ضلعي پوليس بدين جي ترجمان پاران جاري ڪيل وضاحت ۾ ماڇهي برادري جي گهرن کي باهه ڏيڻ ۽ سامان لٽڻ وارين سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ خبرون بي بنياد قرار ڏنيون ويون آهن. پوليس موجب، تقريباً هڪ مهينو اڳ نذير ماڇي پنهنجي زميندار جي ڌيءَ عاليه فاطمه ڪمبوهه سان پسند جي شادي ڪئي، جنهن ڪانپوءِ ٻنهي هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿي رضامندي سان شادي جو بيان ڏنو ضلعي پوليس بدين جي ترجمان جو چوڻ آهي ته ماڇي برادري جا ماڻهو چڪ نمبر 5 ۾ سرڪاري زمين تي جهوپڙيون ناهي رهائش پذير هئا ۽ شادي واري واقعي ڪانپوءِ اهي پنهنجي مرضي سان گهر خالي ڪري ٻي هنڌ منتقل ٿي ويا. پوليس ترجمان سوشل ميڊيا تي ڪمبوهه برادري پاران ماڇي برادري جي گهرن کي باهه ڏيڻ ۽ سامان لٽڻ بابت گردش ڪندڙ الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته انهن خبرن ۾ ڪا صداقت ناهي. ٻئي طرف متاثر خاندانن سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميا، پوليس جي اعليٰ اختيارين ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن سندن ملڪيتن کي غيرقانوني طور نقصان پهچائڻ ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 28 — روزاني عبرت

ملاح محمد چيچڙ ملاح ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي داٺهون ڪيون هنن وڌيڪ چيو ته جهڙيءَ ۾ قتل ڪيل عورت کي سندس مڙس شمن ملاح ۽ ٻين قتل ڪيو جڏهن ته انهن ئي ماڻهن اسان جو چيلو جوري ڪري ذبح ڪئو ۽ کائي ويا آهن. هي چيلو امام حسين عليه السلام جي لنگر لاءِ بيهاريل هو هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي گهران سولر پليٽون بيٽري ۽ ٻيو قيمتي سامان پڻ چوري ڪري ويا آهن اسان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ۽ ايس پي نواب شاهه ڪان مطالبو ڪريون ٿا ته عورت جي قتل جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪئي وڃي ته جيئن اصل قاتل گرفتار ٿي سگهن، جڏهن ته اسان جي خلاف قتل جي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪندڙن خلاف به قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. اسان جو عورت جي قتل سان ڪو به تعلق ناهي. اسان کي قاساڻي لاءِ عورت کي قتل ڪري اسان تي ڪوڙو الزام لڳايو پيو وڃي، جنهن جي اسان سختي سان ترديد ڪريون ٿا اسان وس وارن کي اپيل ڪيون ٿا ت هن معاملي جي صحيح طريقي سان جانچ ڪري اسان کي انصاف ڏنو وڃي

بقايا 29 — روزاني عبرت

اطلاع اڳوا پوليس کي ڏنو ويو پر حد جي پوليس رستي ۾ ئي رهجي وئي ياد رهي ته اڳوا سميت تعلقي ڪمبٽ جي خستہ حالت لڳي پئي جو ڌوهن کي روڪڻ پوليس جي وس کان ٻاهر ٿيندو

پيو وڃي ڪنٽرول هڻي مان نڪرندو پيو وڃي پوليس خاموش تماشائي بڻجي وٺي آهي .

بقايا 30 — روزاني عبرت

ٽنڊوالهيار ويجهو ميرواهه تو ٽنڊوالهيار روڊ تي موٽرسائيڪل سليپ ٿيڻ سبب مسڻ يوسي جي ڳوٺ شاديون والهياري واسي 25 ورهين جو نوجوان غلام حسين عرف ٻبلو پٽ جمعو شيدي فوت ٿي ويو جڏهن ته ساڻس گڏ ڳوٺاڻو اسحاق ملاح زخمي ٿي پيو علائقي واسين فوتي ۽ زخمي کي ڪٺائي اسپتال پهچايو جتان ضروري ڪارروائي بعد فوتي نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 31 — روزاني عبرت

ڪان پاڻي، زمين، معدنيات ۽ ٻيا سماجي وسيلا قبضو ڪرڻ وارو منصوبو ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو. اڳواڻن جلال پور ڪنڊال کي 1991ع واري پاڻي ناهر جي مبينا خلاف ورزي قرار ڏيندي چيو ته ارسا جو ادارو پاڻي جي ورهاست واري معاملي ۾ غيرجانبدار ڪردار ادا نه ڪري رهيو آهي. هنن چيو ته هارين ۽ پورهيتن کي زمين، پاڻي ۽ روزگار فراهم ڪرڻ بدران ٻاهرين ملڪن جي ڪمپنين کي وسيلا وڪڻڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. هنن وڌيڪ چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ ٽون ڪئنالن خلاف گڏريل سال ڪان جاري تحريڪ کي مختلف طريقن سان دٻائڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. پر پورهيت عوام پنهنجي زمين، پاڻي ۽ بنيادي وسيلن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکندو. اڳواڻن چيو ته سنڌ جو پورهيت عوام ملڪ جي ٻين پورهيت عوام سان گڏجي عالمي ماليياتي ادارن ۽ حڪمرانن جي اهڙين پاليسين خلاف مزاحمت جاري رکندو ۽ آخرڪار انسان دوستي ۽ فطرت دوست قوتن جي فتح ٿيندي.

بقايا 32 — روزاني عبرت

ساريو جي اڳوائيءَ ۾ بادهه ميڊيا هائوس ڪان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن علي انور عسڪري، اصغر نوناري، محمد علي خشڪ، دودو ديشي، نور احمد هيسباڻي، عالم بروهي، مولا بخش ڦلپوٽو، فدا حسين تنيو، غلام محمد پٽي، غلام شبير حيدري، محمد امين سيال، علي بخش سولنگي، طاهر نور هيسباڻي، بلال نور هيسباڻي، افضل ساٿيل، زاهد پنهل، بخشل مگسي، فدا مگسي، نذير بروهي، عبدالرحمان پٽي، وزير سيال، علي زهري ۽ جلال ساريو سميت شهرين شرڪت ڪري بادهه کي فوري طور تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته بادهه 14 وارڊن تي مشتمل لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ ٻيو نمبر وڏو ۽ تاريخي شهر آهي، جيڪو ڪجهه ڏهاڪا اڳ پنهنجي ڪاروباري، سماجي ۽ ثقافتي حيثيت سبب علائقي ۾ منفرد سڃاڻپ رکندو هو ۽ پيپلز پارٽي جو مضبوط ڳڙهه پڻ سمجهيو ويندو هو. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڏڳهي عرصي کان حڪومتي ۽ چونڊيل نمائندن جي مسلسل نظرانداز سبب شهر بنيادي سهولتن جي کوٽ، بدحالي ۽ زبون حالي جو شڪار ٿي پنهنجي ڪاروباري حيثيت وڃائي چڪو آهي. هنن چيو ته بادهه کي تعلقي جو درجو نه ملڻ ۽ بنيادي سهولتون فراهم نه ٿيڻ سبب شهر جي ڪاروباري سرگرمين تي پڻ ناڪاري اثر پيو آهي، جنهن ڪري ديوان، شيخ ۽ ٻين مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ ڪيترائي ڪاروباري خاندان روزگار ۽ بهتر مستقبل جي ڳولا ۾ شهر مان لڏپلاڻ ڪري چڪا آهن. جيڪڏهن سنڌ حڪومت ۽ پيپلز پارٽي جي چونڊيل نمائندن جو بادهه سان اهو ئي رويو برقرار رهيو ته ايندڙ ڪجهه سالن ۾ هي تاريخي شهر مڪمل طور ويران ۽ تباهي جو شڪار ٿي هڪ ٻئي موهن جي دڙي جا منظر پيش ڪندو. هنن چيو ته بادهه جي عوام گڏريل ائن سالن ڪان پرامن جدوجهد ذريعي پنهنجو جائز ۽ بنيادي حق گهري رهي آهي، پر اڃان تائين حڪمرانن ۽ چونڊيل نمائندن طرفان سنجيدگي جو مظاهرو نه ڪيو ويو آهي. 369 هفتن تائين جاري رهندڙ احتجاج ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته بادهه جي عوام پنهنجي جائز مطالبي تان ڪنهن به صورت ۾ دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار ناهي. هنن گهر ڪئي ته بادهه جي تاريخي حيثيت، وڏي آبادي، وسيع علائقي ۽ عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي بادهه کي فوري طور تعلقي جو درجو ڏنو وڃي. صحت، تعليم، پيئڻ جي پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 33 — روزاني عبرت

ڪري ورتو خبر موجب ٽنڊوالهيار ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد جناح ٽائون ۾ گذريل رات دير سان 16 ورهين جي حافظ قرآن ٽينگري فروا قائمخاڻي جو قتل ڪيس سرڪاري فرياد تي بي سيڪشن ٿاڻي تي مقتولا جي پاءِ زبير قائمخاڻي ۽ سندس پاءُ عبدالله سميت ڇهن ڄڻن تي داخل ڪيو ويو آهي داخل ڪيل ڪيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ٽينگري کي غيرت جي نالي تي قتل ڪيو ويو آهي مقتولا ٽينگري جي ٻانهن تي تيز ڌار اوزار سان ڪي ايف (KF)لکيل هو جنهن بعد شڪ جي بنياد تي غيرت جي آڙ ۾ قتل ڪيو ويو آهي. قتل کان اڳ ۾ فروا تي تشدد پڻ ڪيو ويو ۽ پوءِ پسٽل سان ٻه فائر ڪري کين قتل ڪيو ويو گولي هڻڻ کان پوءِ فروا کي پاٽل ڪپڙا واهه ۾ لوڙهڻ جو انڪشاف پڻ ٿيو آهي جڏهن ته ان قتل ڪيس ۾ ڏوهه کي لڪائڻ ۽ فروا سهولتڪاري ڪرڻ جي الزام هيٺ فروا جي ٻن عزيزن کي به ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو آهي داخل ڪيل ڪيس موجب پوليس کي پهرين پوليس ڪنٽرول تان اطلاع مليو ته جناح ٽائون ۾ ٽينگري کي گولي لڳي آهي وارث اسپتال ڪٺائي پيا وڃن. ٽينگري جي رستي ۾ فوت ٿي وڃڻ پر جڏهن پوليس جاءِ واقعي تي پهتي ته ٽينگري فروا جو لاش ڪمري اندر ڪٽ تي پيل هو مقتولا ٽينگري کي گولي جو ڏڪ چاتي ۽ پٺن کان آرپار ٿيل هو ٻنهي ٽنگن جي پيرن ۾ مرڻي ڪان مٿي، ڪابي ٽنگ جي گوڏي هيٺان ڏڪ جو نشان هو پوليس پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪري کين رپورٽ لکرائڻ لاءِ چيو پر والدين ٽال مٽول ڪئي داخل ڪيل ايف آءِ آر موجب پيءُ ۽ پاءُ ٽينگري کي گهر جي ڇت تي وٺي ويا ته ٽينگري تي تشدد ڪري گولي هڻي قتل ڪيو بعد ۾ ڏوهه کي لڪائڻ لاءِ وارثن سندس پن رشتيدارن اسامه ۽ عمران کي گهرائي، ڏوهه واري جاءِ تي پيل رت کي پاڻي سان ڌوئي شاهديون ڊاهيون ويون

بقايا 34 — روزاني عبرت

بنگلو سميت يو سي 66 ۽ 67 جا اڪثر علائقا مسئلن جي ور چڙهيل آهن. گندگي، ڪني پاڻي ۽ مڇرن جي آزار سبب شهري سخت مشڪلات جو شڪار آهن هنن چيو ته يو سي کي ماهوار لکين رپين جي بجيت ملڻ باوجود علائقن جو درينيج نظام ناڪاره بڻيل آهي، جڏهن ته ٽالين جي ڪاٽي ۽ صفائي به باقاعدگي سان نٿي ڪرائي وڃي. پبلڪ هيلٿ ڪاٽي جي نااهلي سبب پاڻي جي ڪني صحيح طرح سان نيڪال نٿو ٿئي. ايڊووڪيٽ شيراز احمد پٽي پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي علائقن جا مسئلا فوري طور حل ڪرايا وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي. هن چيو ته يو سي چيئرمينن جي مبينا ڪرپشن خلاف اينٽي ڪرپشن کي ٽيب ۾ درخواستون پڻ داخل ڪرايون وينديون. هن الزام هنيو ته انتظامي نااهلي سبب ٽنڊوڄام شهر لياقت ٽائون، محبوب ٽائون، جام گهر ۽ جام بنگلو سميت ڪيترائي رهائشي علائقا بنيادي سهولتن جي کوٽ جو شڪار بڻيل آهن.

بقايا 35 — روزاني عبرت

ڏاهري جي پهرين ورسي جي حوالي ڪالهه سيوهڻ لڳ ڳوٺ شهبازي ۾ شاندار جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ قرآن خواني بعد محترم رفيق ڏاهري صاحب کي سندن خاندان جي پڳ بڌرائڻ واري رسم پڻ ادا ڪئي وئي ان موقعي

تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي سينيئر پرسنل سيڪريٽري محمد سليم باجاري، اڳوڻي ايم اين اي سردار سڪندر علي راهوپوٽو ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر، سردار غلام خان محمد ڏاهري، سردار حاڪم خان ٽوحائي، رئيس حبيب الله رند، سردار غلام النبي سولنگي سميت سڄي سنڌ مان پهتل هزارين معززين ۽ مختلف راڄن پاڳين جي ٽيڪ مردن شرڪت ڪري پڳ ڪي ڊنا. آخر ۾ مرحوم الله بخش ڏاهري جي روح جي ايصالِ ثواب لاءِ فاتحا خواني ڪئي وئي ۽ خيرات جي ماني پڻ تقسيم ڪئي وئي. جڏهن ته نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ جي صدر ذوالفقار سولنگي جي اڳوائيءَ ۾ صحافين جي هڪ وفد پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪري ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ رفيق احمد ڏاهري لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا 36 — روزاني عبرت

صدارت ٽاليواري شاعر ۽ براڊ ڪاسٽر عنايت بلوچ ڪئي، جڏهن ته خيرپور آرٽس ڪائونسل جي صدر مختيار ملڪ، علي حسن سرڪي ۽ ساجد جمالي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي ناميارڊ شاعر ۽ براڊ ڪاسٽر عنايت بلوچ چيو ته استاد اميد خيرپوري شاعر پنهنجي دور جو حساس ۽ باڪمال شاعر هو جنهن جي شاعري ماڻهو غربت، ٻي وسي جو بيان آهي. هو ڌرتي، ثقافت، محبت ۽ انسان جي جذبن جي ترجماني پڻ ڪئي. هن چيو ته اميد خيرپوري جون ادبي خدمتون سنڌي ادب جو اهم حصو آهن ۽ سندس شاعري کي نئين نسل جي فني ۽ فڪري اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته اميد خيرپوري مشاعرن جو مهندار هو. سندس ادبي سڃاڻپ هڪ بهترين شاعر طور ڪيترائي سال گذرڻ باوجود ساڳي آهي ان موقعي تي ناميارڊ شاعر ۽ خيرپور آرٽس ڪائونسل جي صدر مختيار ملڪ خطاب ڪندي چيو ته خيرپور آرٽس ڪائونسل سنڌ جي شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن جي خدمتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. اميد خيرپوري جي ياد ۾ تقريب اهڙي ادبي روايت جو تسلسل آهي. هن چيو ته اسان جي ادبي ورثي کي محفوظ رکڻ ۽ نوجوان نسل کي پنهنجي شاعرن جي فڪر کان روشناس ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته امي خيرپوري خوددار انسان هو. موزون شاعري ۾ سنڌس سڃاڻپ هڪ بهترين شاعر هئي شاعر علي حسن سرڪي چيو ته اميد خيرپوري جي شاعري ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبو ماڻهن جا احساس ۽ ڌرتيءَ سان محبت نمايان نظر اچي ٿي. سندس شاعري ايندڙ نسلن لاءِ پڻ هڪ قيمتي ادبي سرمايو آهي. هن چيو ته اهڙيون تقريبون شاعرن جي فڪر ۽ فن کي زنده رکڻ جو بهترين ذريعو آهن اميد خيرپوري جي صاحبزادي ۽ شاعر ساجد جمالي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اميد خيرپوري سنڌي شاعري ۾ پنهنجي منفرد انداز آهي. هو فني پختگي ۽ فڪري گهرائي سبب هڪ نمايان مقام رکي ٿو سندس شاعري ۾ محبت، درد، سماجي احساس ۽ ڌرتيءَ سان وابستگي جو خوبصورت اظهار ملي ٿو هن چيو ته اهڙن شاعرن کي ياد ڪرڻ ۽ سندن ادبي خدمتن کي اجاگر ڪرڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي تقريب ۾ سرپلين ايندڙ فنڪارائن بختاور علي ۽ ڪائنات اميد خيرپوري جي شاعري پنهنجي خوبصورت آواز ۾ ڳائي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا تقريب ۾ قربان منگي، ابراهيم ڪرل، گوهر سنڌي، عبدالغني مهر، حزب الله سومرو، منظور خاموش، ياسين جوڻيجو، جبدار جاگيراڻي، تاج سروهي ، امير علي ڳوٺ شريف عباسي، روشن شيخ، ساگر صفي الله شر ، آزاد انصاري، عابد سومرو، فقير قليس گل بانو برڙي، آسيه برڙو سميت علم ادب سان رکندڙن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي تقريب جي ڪارروائي ادبي شعبي جي ڪنوينر امر اقبال هلائي

بقايا 37 — روزاني عبرت

ڊاڪسن ڦر ڪري ويا خبر موجب اڳوا ٿاڻي جي حد راضيڏيرو ۾ پرياسي بدامني عروج تي پهچي وئي هر روز ڦرون ڌاڙا چوريون روز جو معمول بڻيل پوليس اڳهور ننڊ ستل گذريل رات نامعلوم هٿيارٻند اڳوا مهرواهڻ روڊ تان اچي مسجد وٽان پوڻي ٿي ڪلاڪي ويندڙ مال جي واپاري ڳلاب مرڪئند ڪان مال سميت ڊاڪسن ڦري فرار ٿي ويا متاثر جا مٿي تي هٿ اچي ويا علائقي واسين ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آءِ جي سکر ڪان مطالبو ڪيو ته ڦرلٽ ڪندڙن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي

هنگورجا ۾ نوجوان پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

22ورهين جي شاهنواز تنيو جو لاش پوليس ڪٺائي پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

گمبٽ (ٽ ر) هنگورجا جو رهواسي 22 سالا نوجوان شاهنواز تنيو پنهنجي گهر ڦاهو کائي خدڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پوليس موجب خدڪشي ڪرڻ جي ڪارڻ جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو آهي ۽ وڌيڪ معلمي جي جاچ ڪيو پيا

جيڪب آباد پوليس جا مبينہ مقابلا ۾ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

جيڪب آباد (ڏ ر) جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي پوليس گڙهي سبايو لنڪ روڊ تي مبينہ مقابلي ڪان پوءِ جعفر آباد محلا جي رهواسي هڪ جوابدار زبير احمد پٽ محمد
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه ويجهو پوليس مقابلي ۾ اسماعيل عرف احسو کهراڻي جتوئي مارجي ويو

ڪچي ۾ مارجي ويل اسماعيل عرف احسو کهراڻي جتوئي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو آهي: پوليس

واقعي ڪانپوءِ ڌرين وچ ۾ راهوڙي بنيادن تي ڳالهين جي ذريعي اهم معاملا طئي ٿيڻ جا اطلاع آهن: ذريعا

لکي غلام شاهه (ن ع) لکي غلام شاهه ويجهو چڪ جي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس مقابلي دوران مارجي ويل اسماعيل
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل احسو کهراڻي جو لاش پيل آهي

لکي غلام شاهه: مقتول نوجوان آصف مهر جي تڏي تي پ پ ايم پي اي محمد عارف خان مهر وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

چڪ ويجهو مارجي ويل آصف مهر جي تڏي تي عارف خان مهر پهچي تعزيت ڪئي

لکي غلام شاهه (ن ع) لکي غلام شاهه ويجهو چڪ جي ڪچي واري علائقي ۾ مبينا طور احسو کهراڻي هٿان بيڏو شهيد ٿيل نوجوان آصف مهر جي تڏي تي پ پ ايم پي اي محمد عارف خان
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ دڪان ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب زوردار ڌماڪو 5 ڄڻا زخمي

ٽائون شپ روڊ تي گئس سلينڊر جي دڪان ۾ اوچتو زوردار ڌماڪو ٿيو

زخمي ۾ سهيل، سڪندر، سليم بڙدي، ثناءَ الله ۽ رفيق مري کي اسپتال آندو ويو

خيرپور(ڏ ر)خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٽائون شپ روڊ تي گئس سلينڊر جي دڪان ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب زوردار ڌماڪو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ٻن زخمين جي حالت ڳنڀير ٻڌائي پئي وڃي زخمين ۾ سهيل احمد، سڪندر علي بڙدي، ثناءَ الله مري، محمد رفيق مري ۽ محمد سليم
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ زخمي 16 ورهين جو نينگر علاج نه ملڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

جهولي تي راند دوران ٽنگ ۾ سريو لڳڻ سبب زخمي نينگر کي سول اسپتال آندو ويو

وارثن جو اسپتال عملي تي لاپرواهي ۽ 1122 ايمبولينس سروس تي نااهلي جو الزام

فوتي جي والد پاران ذميوارن خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو

جيڪب آباد (ڏ ر) جيڪب آباد جي چنا محلا جو رهواسي 16 ورهين جو نينگر راجب علي پٽ غلام عباس ميراڻي جهولي تي راند ڪيڏندي ٽنگ ۾ سريو لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جنهن کي تندور پاڙ رڪشي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: زخمي نينگر اسپتال ۾ پيل آهي جيڪو علاج نه ٿيڻ سبب فوت ٿي ويو

باڊهه ويجهو روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل نينگر علاج دوران فوت، گهر ۾ ڪهرام

هفتو اڳ روڊ حادثي ۾ 4 ورهين جي نوروز ولد وحيدر علي عباسي اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو

باڊهه (ن ع) روڊ حادثي ۾ زخمي باڊهه واسي نينگر علاج دوران فوت ٿي ويو. پناهه محلي جي رهواسي سرغي فروش وحيد علي عباسي جو 4 سالا معصوم پٽ نوروز علي عباسي فوت ٿي ويو وارثن موجب هفتو اڳ روڊ حادثي سبب معصوم نوروز سخت زخمي ٿي پيو هو جنهن کي فوري طور لاڙڪاڻو اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو بعد ۾ ڳنڀير جوڳي حالت هئڻ سبب ڪيس ڪراچي ٽراما سينٽر منتقل
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ عورت جو مڙس، ڏيرن جي ظلم خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) خيرپور ضلعي جي ڳوٺ علي آباد وسان جي رهواسڻ مسمات شبانہ وسان پنهنجي مڙس، ڏيرن ۽ پاڻڙ جي مبينا ظلم ۽ زيادتين، تشدد، ڌمڪين
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۽ پرپاسي پوليس جا ڇاپا، درجن کان وڌيڪ شڪي ڳوٺاڻا گرفتار

۾ ڏينهن اڳ پوليس ليبر ڪالوني مان ڌم ڄڻن کي گرفتار ڪري ڏينهن ليڻي بعد آزاد ڪيو: ذريعا

ميرپور ماٿيلو (ن ع) گهوٽڪي ضلعي ۾ وڌندڙ بد امني لاقانونيت بعد ميرپور ماٿيلو ٽوڙي جو بيلو ميرپور پوليس پاران مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي شڪي ماڻهن جو جواز ڄاڻائي ڳوٺاڻن کي گرفتار ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ گزريل ڏينهن ۾ بيلو ميرپور پوليس شهر جي مختلف هوٽلن
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ميهڙ پوليس ڪارروائي، سيڪيورٽي گارڊ قتل ڪيس ۾ اهم جوابدار گرفتار

ميهڙ(رپورٽ نعمت الله مهيسر) ميهڙ ۾ پوليس جي ڪارروائي، سيڪيورٽي گارڊ جي قتل ڪيس ۾ گهربل اهم جوابدار
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سري: مستحقين ۾ سامان ورهايو پيو وڃي

جيڪب آباد لڳ تيز رفتار رڪشا ڪلٽي، هڪ ڄڻو فوت

ڳڙهي خيرو-جيڪب آباد لنڪ روڊ تي تيز رفتار رڪشا ڪلٽي ٿي پيو

حادثي سبب عبدالستار سيانچ تڙپي تڙپي موقعي تي ئي دم ڏٽي حوالي ڪيو

مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام، جنازي نماز بعد مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي

جيڪب آباد (ڏ ر) جيڪب آباد جي بقا محمد ٿاڻي جي حد ڳڙهي خيرو جيڪب آباد لنڪ روڊ تي تيز رفتار رڪشا ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ رڪشہ اندر سوار عبدالستار سيانچ سخت زخمي ٿي پيو ۽
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: قتل ٿيل شيراز ملاح جي وارثن پاران جوابدار جي گرفتاريءَ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏگهڙي ۾ ختم نبوت نعت ڪائونسل قائم، عهديدارن جي چونڊ

ڏگهڙي ۾ ماسٽر محمود قائم خاني جي صدارت هيٺ مشاورتي اجلاس ٿي گذريو

حافظ زوهيب قادري صدر، راشد مجيد عطاري نائب صدر چونڊيا ويا

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ختم نبوت نعت ڪائونسل جي قيام جو اعلان عهديدارن جي چونڊ ماسٽر محمود قائم خاني جي صدارت هيٺ سندس رهائشگاهه تي نعت ڪائونسل جي قيام جي سلسلي ۾ هڪ اهم مشاورتي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ حاجي راشد مجيد عطاري، بلال قادري، محمد رضا مصطفوي، شهزاد غوري ۽ ثاقب محفوظ خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته سني ميلاد ڪميٽي جي اهم ميمبر ۽ اڳوڻي صدر آصف جلالي پڻ اجلاس ۾
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ واسي نوجوان جو گهر تي قبضي ڪوشش خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ جي ڪوسا محلي جي رهواسي نوجوان ضامن علي سيال ڪالهه پنهنجي دوستن سان گڏ نيشنل پريس ڪلب پهچي نائي پاران سندس اباڻي ملڪيت گهر تي بااثر ماڻهن پاران گهر ۾ گهڙي مبينا قبضو ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ نينگري پنهنجي سائيڪل تي مڇيون وڪرو ڪري رهي آهي

ميرپورماٿيلو لڳ ڌاڙيلن ٻه ڊرون خريد ڪري ورتا، پوليس پڪٽ تي حملو، عملدار بچي ويا

رائونتي ڪچي جي ڌاڙيلن ڊرون ذريعي ٻيا ون هڪٽ تي ٻہ گرنيٽ اڇلا جيڪي نہ ڦاٽي نہ سگهيا

پوليس جوابي فائرنگ ڪئي تہ ڌاڙيل فرار ٿي ويا. اينٽي بم ڊسپوزل اسڪواڊ پهچي گرنيڊ کي ناڪارا بڻايو ويو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) گهوٽڪي ضلعي جي پوليس پاران ڌوهارين جي ٺڪاڻن تي ڊرونن ذريعي حملن بعد رائونتي ڪچي جي ڌاڙيلن بہ پوليس اهلڪارن کي نشانو بڻائڻ لاءِ ڊرون خريد ڪري ورتا آهن ان
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: گرفتار ڪيل جوابدار لاڪپ ۾ بند نظر اچي رهيو آهي

خيرپور ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ويٽنگ اميدوارپاران آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف ريلي

اميدوارن شائستہ ڪوسو، ناهيد اختر، فرحان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ۾ احتجاج ڪيو

پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي جي ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊر ڏئي پريشانيون ختم ڪيون وڃن

خيرپور(ڏ ر)خيرپور ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي جي ويٽنگ اميدوار آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاج، فوري طور آفر آرڊر جاري ڪرڻ جو مطالبوتفصيل موجب خيرپور ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي جي ويٽنگ اميدوارن آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف شائستہ ڪوسو ناهيد اختر فرحان نوناري، جنيد ڦليوٽو نويد ڳنڀير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: اميدوار نوڪري نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ انجمن اتحاد عباسيہ پاران جشن آزادي جي موقعي تي تقريب منعقد ڪئي وئي

سکر(بيورو رپورٽ) انجمن اتحاد عباسيہ سٽي سکر جي صدر عبدالحميد پاران جشن آزادي جي خوشيءَ ۾ سندس رهائشگاهه تي هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ پاڪستان جي 79هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڦلجي اسٽيشن ويجهو ڪار جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان جي ڪيس ۾ ٻہ جوابدار گرفتار

هفتو اڳ خوفناڪ حادثي ۾ محمد رضوان پنهور فوت ٿيو هو، ڪار سوار موقعي تان فرار ٿي ويا هئا

ايس ايڇ او منور جتوئي ۽ وڏو منشي حسن پنهور کي ايس ايڇ او مخدوم بلاول گرفتار ڪري ورتو

فوت ٿي ويل نوجوان رضوان پنهور جي وارثن جي چوڻ مطابق قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي:پوليس

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) ڦلجي اسٽيشن ويجهو شهيد مخدوم بلاول پوليس ٿاڻي جي حد ۾ هڪ هفتو اڳ ڪار جي خوفناڪ ٽڪر ۾ فوت ٿي ويل نوجوان محمد رضوان پنهور جي واقعي ۾ ملوث
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڄام: شهري صفائي نہ ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي

سنڌو درياهه ۾ ڇاڙهه، پير ترڪڻ سبب نوجوان ٻڏي فوت

باٺوڊيرو جو رهواسي عبدالعزيز ڪوسو درياهه ۾ ڪري پيو

ريسڪيو 1122 جي ٽيم ٻن ڪلاڪن جي ڳولها بعد لاش هٿ ڪري ورتو

مٽياري (ڏ ر) سنڌو درياهه ۾ مسلسل ڇاڙهه پاڻيءَ ۾ واڌ، باٺوڊيرو جو رهواسي نوجوان عبدالعزيز ڪوسو پير ترڪڻ سبب درياهه ۾ ڪري فوت ٿي ويو ريسڪيو 1122 ٽيم پهچي ڳولها ڪرڻ بعد لاش هٿ ڪري اسپتال منتقل ڪيو ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي نوجوان پير ترڪڻ سبب درياهه ۾ ڪري پيو جنهن جو لاش ٻن ڪلاڪن جي ڳولها بعد هٿ آيو آهي.

گمبٽ ويجهو پرڻو ڪندڙ نوجوان جي گهر تي هٿيارٻند جو حملو پيرسن زخمي

سمنگ ڪالوني واسي نوجوان سراج ۽ حميراه سمنگ 4 مهينا اڳ عدالتي پرڻو ڪيو

ناري جي مائيٽن گهر تي حملو ڪري نوجوان جي چاچي رحيم بخش کي مرٽينگ ڪري ڇڏيو

گمبٽ (ٽ ر) سمنگ ڪالوني ۾ پسند جو پرڻو ڪندڙ نوجوان جي گهر تي مبينا حملو چاچو مرٽينگ جوابدارن ڪهاڙين جا وار ڪري ڪن ڪپي ڇڏيو ڪهاڙين جا گاهه ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال منتقل چنا سمنگ ڪالوني ۾ پسند جو پرڻو ڪندڙ نوجوان سراج احمد سمنگ ۽ حميراه سمنگ پاران پسند جو پرڻو ڪرڻ تان جوابدارن پاران نوجوان جي گهر تي حملو ڪري سندس چاچي رحيم بخش سمنگ کي ڪهاڙين جا
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شيراز ملاح جي قتل خلاف وارث عورتن جو احتجاجي مظاهرو

ڪارو ڪهو ڪوٽڙي ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران شيراز ملاح قتل ٿيو هو

شيراز ملاح جي قتل ڪان پوءِ بہ مسلسل ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: مظاهرين

ڪوٽڙي (ن ع) ڪارو ڪهو ڪوٽڙي ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان ٿيل خوني جهيڙي ۾ شيراز ملاح جي قتل جا واقعي بابت شيراز ملاح جي وارث عورتن ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڄامشورو ايٽ ڪوٽڙي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ نعريبازي ڪيي ان موقعي تي عورتن موقف ۾ ڄاڻايو آهي تہ شيراز ملاح جي قتل ڪان پوءِ بہ مسلسل ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ۽ سندس قاتل بہ اڃا آزاد آهن هنن قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار ڪرڻ ۽ تحفظ ڏيڻ
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ پوليس مبينا زيادتين خلاف احتجاج، نوجوان جي بازيابي جو مطالبو

بهاول ڏنونر جي رهواسين جو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

بااثر ڌرين جي چوڻ تي پوليس هراسان ڪري پئي، زندگي عذاب بڻائي پئي وڃي:مظاهرين

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام پرسان بهاول ڏنونر جي رهواسين پوليس زيادتين خلاف ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي سڪندر ٿيٻو وڏيرو خادم ٿيٻو غلام قادر ٿيٻو علي محمد ٿيٻو ۽ ٻين چيو تہ بااثرن جي چوڻ تي هنن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ پوليس بنا جواز ڪين هراسان ڪري رهي آهي هنن چيو تہ پوليس ۽ بااثر ڌرين جي مبينا مداخلت سبب سندن لاءِ زندگي عذاب بڻجي وئي آهي احتجاج ڪندڙن الزام هنيو
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي جو ايڪتا دراوڙ جي قتل خلاف احتجاج

سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي، جساف آريسر جي اڳواڻن پاران نعريبازي ڪئي وئي

سويرا لغاري جو قتل عورتن خلاف صنفي اڻبرابري واري سوچ جو نتيجو آهي:مظاهرين

ميهڙ(رپورٽ نعمت الله مهيسر) سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي جساف آريسر جي ميمبر سنڌ جي نياڻي ايڪتا دراوڙ (سويرا لغاري) جي قتل واري واقعي خلاف ميهڙ ۾ سنڌ شاگرد سبا جي سرڪري اڳواڻ شفقت جهجيال، جساف اڳواڻ شهزاد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ آزاد پريس ڪلب ميهڙ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: سائيٽ جسقم بشير قريشي پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

بدين: عوامي تحريڪ جو سنڌ جا وسيلا ۽ پاڻي ڪسڻ جي سازش خلاف مزاحمت جو اعلان

عوامي تحريڪ ضلع بدين جي اجلاس ۾ حڪمران طبقن تي سنڌ جا وسيلا ڪسڻ جو الزام

تعليم جي تباهي، منشيات جي ڦهلاءَ ۽ ڌارين جي آبادڪاري خلاف عوامي سجاڳي مهم هلائڻ جو فيصلو

بدين (ڏ ر) عوامي تحريڪ ضلع بدين جو اجلاس ڊالير هائوس بدين ۾ ٿيو جنهن کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي رابطہ سيڪريٽري لال جروار ضلع صدر مهراڻ درس ايڊووڪيٽ ڪامران لاڪو مختيار بڪاري محمد علي ڊالير ستار گوپانگ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ پنجاب جو حڪمران ۽ سنڌ جو حڪمران طبقو ملي سنڌ جا وسيلا زمينون ۽ پاڻي سنڌي قوم
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سڄاول ۾ ڪلاسيڪل گلوڪار ذوالفقار علي راهي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو

سنڌي ادبي سنگت پاران منعقد تعزيتي ميڙاڪي ۾ فن، ادب سان لاڳاپيل شخصيت جي شرڪت

ذوالفقار علي راهي سڄاول جي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جو هڪ اهم نالو هو: مقرر

سڄاول (ڏ ر) سڄاول ۾ سرويچ سڄاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران سڄاول جي ناميارو ڪلاسيڪل گلوڪار راڳي ۽ شاعر ذوالفقار علي راهي جي ياد ۾ سندس وڇوڙي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ فن ادب ۽ ثقافت سان لاڳاپيل شخصيتن ۽
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سري: صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي ڌاڪٽرن سان گڏ بيٺل آهي

ٽاٽو بولا خان ۾ ٻاهه متاثر پورهيت خاندان کي پي ڊي ايم اي جي امداد

ٽينٽ، ڪٽ، ڪولر، ٽائو سولر پليٽ ۽ بيٽري سميت ضروري سامان متاثر خاندان حوالي

فوڪل پرسن ۽ شهري اڳواڻن جي موجودگي ۾ امدادي سامان ورهايو ويو

سري (ن ع) صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي هدايتن تي گذريل ڏينهن ٽاٽو بولا خان سوکياڻي محلا لڳ انتهائي مسڪين پورهيت رزاق پٽ فقير جي ڪکائون گهر سڙڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي متاثر خاندان لاءِ پي ڊي ايم اي ڪاتي طرفان ٽينٽ ڪٽ ڪولر ٽائو سولر پليٽ بيٽري وغيرهه ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو هو جيڪو اڄ سندس گهر پهچي متاثرين
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ پاران رانديڻ جا مقابلا

جشن آزادي جي سلسلي ۾ ڊاج بال، واڪنگ فٽبال ۽ ٽگ آف وار جا مقابلا ڪرايا ويا

حڪومت نوجوانن کي رانديڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي: مير محمد ڪلهوڙو

خيرپور(ڏ ر)خيرپور ۾ جشن آزادي جي 79هين سالگرهه جي سلسلي ۾ اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ سنڌ جي سهڪار سان خيرپور ۾ ڊاج بال واڪنگ فٽبال ۽ ٽگ آف وار جا شاندار مقابلا ڪرايا ويا. گورنمينٽ سينٽ ٿريسا هاءِ اسڪول ۾ ٿيل مقابلن ۾ رانديگرن ڀرپور جوش ۽ جذبي جو مظاهرو ڪيو واڪنگ فٽبال جي نمائشي ميچ ۾ العمران ڪلب، ڊائمنڊ ڪلب کي 2-1 تان شڪست ڏني، جڏهن تہ ٽگ آف وار جي فائنل ۾ الرياض ڪلب،
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ پيرسن روڊ ڪناري ڪتا وڪرو ڪري رهيو آهي

ڪڙيو گهنور ۾ تيز رفتار موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ پورهيت فوت

پيادل ويندڙ ليمون ڪولهي کي موٽرسائيڪل ٽڪر هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو

ڳنڀير جوڳي حالت ۾ بدين جي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏنو

پوليس ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو، گهر پهچڻ تي ڪهرام

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيو گهنور ڳوٺ نواب خان نظاماڻي جي رهواسي ليمون پٽ لڌو ڪولهي سان روڊ حادثو جنهن جي نتيجي ۾ روڊ تان پيادل ويندڙ همراهه کي تيز رفتار موٽرسائيڪل ٽڪر هڻي شديد زخمي ڪري وڌو جنهن کي انتهائي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪڙيوگهنور رورل هيلٿ سينٽر تي شروعاتي طبي امداد ڏيڻ بعد زخمي پورهيت کي انڊس اسپتال بدين ريفر ڪيو
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽ جو هنگامي اجلاس، صحافي مشتاق شاهي لغاري جي گهر ۾ ڌاڙي خلاف احتجاج جو ڇتاءُ

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽ جي سنڌ تي آواز ٽي وي نيوز جي رپورٽر ۽ گهوٽڪي ضلعي جي سينيئر صحافي مشتاق شاهي لغاري جي گهر ۾ ٿيل ڌاڙي خلاف پريس ڪلب گهوٽڪي ۾ صحافين جو هنگامي اجلاس ڪوٺايو ويو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل عبدالستار سيانچ جو لاش

گولاڙچي ۾ ماڇي برادري جو احتجاج، گهرن کي نقصان پهچائڻ جو الزام

پسند جي شادي معاملي کي جواز بڻائي بااثرن پاران ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي وئي:مظاهرين

سامان ۽ چوپايو مال ڪڻڻ سبب لکين رپين جي نقصان پهتو، تحفظ لاءِ درخواستون ڏنيون

ڪمبوهه برادري پاران ماڇي برادري جي گهرن کي باهه ڏيڻ واري الزامن ۾ ڪا بہ صداقت ناهي:پوليس

گولاڙچي(ڏ ر) گولاڙچي تعلقي جي چڪ نمبر 5 ملتاني ۾ نوجوان نديم ماڇي ۽ عاليہ فاطمہ ڪمبوهه جي پسند جي شادي ڪانپوءِ پيدا ٿيل تڪرار ۾ ماڇي برادري جي مبينا گهرن کي نقصان پهچائڻ واري معاملي خلاف متاثر خاندانن ٿي وي جرنلسٽ ڪلب گولاڙچي اڳيان احتجاج ڪيو متاثر ماڇي برادري جي ماڻهن الزام لڳايو تہ پسند جي شادي واري معاملي کي جواز بڻائي بااثر ماڻهن پاران سندن ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي وئي، فائرنگ ڪري خوف ۽
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

راضيديرو پرسان هٿيارٻند ڳوٺاڻي کان موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦري فرار ٿي ويا

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان ڳوٺ نورمحمد کهڙو لنڪ روڊ تان نامعلوم ڦورو ڳوٺاڻي صابل ڪوراءِ جو اڳ ڏئي سندس کان موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦري فرار ٿي ويا متاثر ڏسندو رهجي ويو ۽ مڪي تي ٻٽي هٽ رکي ويهي رهيو اهڙو
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

دولتپور صفن ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڳوٺ صفن ملاح واسي منيراحمد، دوست محمد، چيڙ ملاح ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثرن اسان کي عورت جي قتل جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي، جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي

دولتپور صفن (ن ع) دولتپور لڳ 10 ڏينهن اڳ ڳوٺ صفن ملاح ۾ جهڳو ٿي پيو هو جنهن ۾ گوليون لڳڻ سبب عورت قتل ٿي وئي هئي جڏهن تہ ڳوٺ جي بااثر شخص پاران بي گناهه ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو نيشنل پريس ڪلب دولت پور آڏو احتجاج ٿيل قتل ٿيل عورت کي سنڌس وارثن قتل ڪيو آهي ۽ اسان تي ڪوڙا الزام لڳايا پيا وڃن. جڏهن تہ اسان جو هن قتل سان ڪو بہ تعلق ناهي اهڙو اظهار منيراحمد ملاح دوست محمد
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو موٽرسائيڪل سلپ، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

ٽنڊوالهيار روڊ تي موٽرسائيڪل سليپ ٿيڻ سبب غلام حسين عرف ببلو شيدي فوت ٿي ويو

زخمي اسحاق ملاح ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

ٽنڊوالهيار(ڏ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو ميرواهه ٽنڊوالهيار روڊ تي حادثو، هڪ ڄڻو فوت، هڪ زخمي، اسپتال منتقل. فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام خبر موجب
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: پوليس عملدار هوٽل تي ڇاپو هڻي ڪارروائي ڪري رهي آهي

دوڙ لڳ سنڌ هاري ڪميٽي جو ڄلال پور ڪئنال منصوبي خلاف احتجاج

ڪارڪنن ڪامريڊ امام دين، اويس فيض، فاروق ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ارسا جواداروپاڻي ورڇ معاملي ۾ غيرجانبدار ڪردار ادا نہ ڪري رهيو آهي: مظاهرين

دوڙ (ن عبرت)سن ميل ويجهوارڙهين شاخ اسٽاپ تي سنڌ هاري پورهيت ڪميٽي ۽ عوامي ورڪرز پارٽي جي سنڌ تي سڄي سنڌ ۾ جاري احتجاجن جي سلسلي ۾ سن ميل جي ارڙهين شاخ اسٽاپ تي ريلي ڪيڍي احتجاج ڪيو ويو ريلي جي اڳواڻي ضلعي سيڪريٽري ڪامريڊ امام دين ڪٺي ان موقعي تي اڳواڻن ڪامريڊ اويس فيض، ڪامريڊ فاروق، ڪامريڊ نورالله، ڪامريڊ علي احمد، ڪامريڊ حيدر منصور ساجد، بابر ۽ ٻين چيو تہ سنڌ کي ورهائي پورهيتن
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڄام: ٿيٻا برادري پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

باڊهه کي تعلقي جو درجو نہ ملڻ خلاف تعلقہ مومينٽ پاران 369 هين هفتي بہ احتجاج جاري

باڊهه (ن ع)باڊهه کي تعلقي جو درجو نہ ملڻ خلاف باڊهه تعلقہ موومينٽ پاران 369 هين هفتي بہ ساڳئي جوش ۽ جذبي سان هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي روڊن تي نڪري احتجاجي ريلي ڪيڍي وئي موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ 16 ورهين جي نينگري قتل وارو ماملو، پيءُ ۽ ڀاءُ سميت 4 ڄڻا نامزد

جناح ٽائون ۾ فروا قائمخاني کي مبينا طور غيرت جي نالي تي قتل ڪرڻ جو ڪيس سرڪاري فرياد تي داخل

نينگري جي ٻانهن تي KF لکيل هجڻ ۽ تشدد جا نشان، پسٽل جا بہ فائر ڪرڻ جو الزام

ڏوهه لڪائڻ لاءِ رت ڌوئڻ ۽ ڪپڙا واهه ۾ لوڙهڻ جو انڪشاف، ٻن عزيزن تي سهولتڪاري جا الزام

ٽنڊوالهيار(ڏ ر) ٽنڊوالهيار ۾ پراسرار نموني گولي لڳڻ سبب فوت ٿيل نينگري وارو معاملو سرڪاري فرياد تي مقتولا جي پيءُ ۽ ڀاءُ سميت 4 ڄڻن تي ڪيس داخل، پوليس مقتولا جي پيءُ ۽ ڀاءُ کي گرفتار
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ بنيادي مسئلا حل نہ ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج

يو سي 66 ۽ 67 جي چيئرمينن ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي خلاف نعريبازي

گندگي، ڪني پاڻي ۽ مڇرن جي آزار وڌي ويو آهي، ڊرينيج نظام پڻ ناڪاره آهي:مظاهرين

ٽنڊوڄام (ٽ ر) بنيادي مسئلا حل نہ ٿيڻ تي شهرين يو سي 66 ۽ 67 جي چيئرمينن ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي خلاف ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙن هڪ هفتي اندر مسئلا حل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جو چتاءُ ڏيئي ڇڏيو رپورٽ موجب لياقت ٽائون ۽ محبوب ٽائون جي رهواسين ايڊووڪيٽ شيراز احمد پٽي، ظهير بلوچ، واحد سومري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ لياقت ٽائون محبوب ٽائون جام گهر ۽ جام
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور: فوت ٿيل شخص جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

سيوهڻ ويجهو سماجي اڳواڻ وڏيرو الله بخش ڏاهري جي ٻهرين ورسي تقريب، لفظن جي پيتا پيش

سيوهڻ(ن ع) ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ۽ سيوهڻ تعلقي جي سماجي شخصيت، معتبر قانوندان رفيق احمد ڏاهري جي والد مرحوم وڏيرو الله بخش
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

باڊهه: تعلقي موومينٽ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور آرٽس ڪائونسل پاران شاعر استاد اميد خيرپوري جي ياد ۾ ادبي تقريب منعقد ڪئي وئي

خيرپور(ڏ ر)خيرپور آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران سنڌ جي ناليواري شاعر استاد اميد خيرپوري جي ياد ۾ هڪ شاندار ادبي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ريلوي ملازم جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

منظور ملاح جي گرفتاري خلاف ملازمن ۽ يونين اڳواڻن نعريبازي ڪئي

منظور ملاح کي بنا جواز گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي:مظاهرين

ڪوٽڙي (ن ع) ريلوي اسٽيشن ڪوٽڙي لڳ ريلوي جون ڌارون چوري ٿيڻ تي ريلوي پوليس پاران ريلوي ملازم منظور ملاح کي گرفتار ڪري مٿس ايف آءِ آر درج ڪرڻ واري عمل خلاف ريلوي جي ملازمن ۽ ريلوي يونين پاران اسٽيشن لڳ پوليس ٿاڻي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪيي ان موقعي تي هنن چيو تہ ريلوي ملازم منظور ملاح کي بنا جواز پوليس گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي ۽ هو بيگناهه آهي هنن چتاءُ ڏنو آهي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

راضيديرو ويجهو هٿيارٻند مال ڪٽي ويندڙ واپاري کان مال سميت ڊاٽسن ڦري ويا

راضيديرو(ن ع) راضيديرو ۽ پرپاسي بدامني عروج تي عوام سخت پريشان اڳڙا ٿاڻي جي حد مان نامعلوم هٿيارٻند مال ڪٽي ويندڙ واپاري کان مال سميت
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ نينگري ڍڳين جو ڌڻ وٺي وڃي رهي آهي

گمبٽ ويجهو س ا س پاران سنڌ منهنجو ساهه جي عنوان سان مشاعرو، سنڌ کي پيتا پيش

گمبٽ (ٽ ر) سنڌي ادبي سنگت ضلع خيرپور پاران سنڌي ادبي سنگت شاخ فقيرآباد ڪچو الحاق جي سهڪار سان
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

دوڙ سنڌ هاري پورهيت ڪميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪمال ديرو ۾ سامٽيا برادري جو زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين محمد معروف، عاشق، بادل، اڪبر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثرن زخمين تي قبضو ڪري فائرنگ ڪئي آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ڪمالديرو(ن ع) زرعي زمين تي مبينا قبضي خلاف سامٽيا برادري جو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو انصاف جي گهر محمد معروف سامٽيو عاشق سامٽيو بادل سامٽيو اڪبر سامٽيو ٻين ۽ احتجاج ڪندي چيو تہ پي ايس بکري جي حد ديهه موسوديرو ۾ اسان جي زرعي زمين 15 ايڪڙ آهي جيڪا سٽين فارم تي رڪارڊ ۾ موجود آهي جيڪو اسان وڪري ڪري نواب ڪلهوڙو کي ڏني آهي جنهن تان سجڻ سامٽيو پناهه سامٽيو
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

گڏيجي يوسي جي ٽئين ڪالوني سميت مختلف غريب آبادين جا رهواسي بنيادي سهولتن کان محروم

گندي پاڻي جي مسلسل بيهڻ سبب بدبوءِ، مڇرن ۽ گندگي ۾ اضافي سبب ٻارن بيمارين پکڙجڻ لڳيون آهن: رهواسي

چونڊيل نمائندن ۽ انتظاميا جي عدم دلچسپي سبب مسئلو ڏينهون ڏينهن سنگين ٿيندو پيو وڃي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ حڪومت جي اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي مسئلن مان جان ڇڏائين

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪانوري) گڏيجي يوسي جي ٽئين ڪالوني سميت مختلف غريب آبادين جا رهواسي بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا آهن علائقي ۾ گندي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.